
مهراڻ
ABC CERTIFIED
نمبر3/2019ع
سنڌي ادبي بورڊ



## هيءَ جا لات ”لطيف“ جي

أُڀرُ چنڊَ! پَسُ پِرِينِ، تو اوڏا، مون ڏُورِ،
سَڄَڻ سُتا وِلهَ ۾، چوتا ڀَري ڪَپُورِ،
پيرين آئُون نہ پُڄَنِي، بابَلُ ڏِئي نہ ٻُورِ،
جنهن تي چڙهي آسُورِ، سَنجهي سَڄَڻ سِيتيان.

(سُر ڪنيات)

***

اي چنڊ! تون اُڀر ۽ اُتي پرينءَ جو درشن ڪر، جو توکي ويجهو آهي پر مون کان پري. محبوب، وارن کي چندن سان واسي، ڪلي هير ۾ سمهيا پيا آهن. مان پيرن سان پنڌ ڪري، وٽن پهچڻ جهڙي نہ آهيان ۽ بابل ڪو اُٺ بہ نٿو ڏئيم، جنهن تي سوار ٿي، اسر جو سوير ئي پرينءَ جي پار ڏي ڪاهيان.

(”شاهہ جو رسالو“ ڪلياڻ آڏواڻي تان ورتل)

◘

سائين سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست تون دلدار عالم سڀ آباد ڪرين

## سحر امداد



# رنگ رتي پرڀات

وِلَ وِلَ جي واڳ ورائي،
آٿيون اهڙي رات،
الو ميان آٿيون اهڙي رات!
جنهن جي سهڻي سانجهه هجي،
۽ رنگ رتي پرڀات،
الو ميان رنگ رتي پرڀات!
من جي مُکڙي هيڪل وياکل،
تن کي تنهنجي تات!
الو ميان تن کي تنهنجي تات!
توکي سهڻا سانول سُپرين،
ساريان ساري رات،
الو ميان ساريان ساري رات!
چنڊ جُهولي توءِ هير گهلي ٿي،
لُنءَ لُنءَ ڪائي لات،
الو ميان لُنءَ لُنءَ ڪائي لات!
ڏُسڪي ڏُسڪي ڏينهن لنگهيا ٿي،
روئي روئي رات،
الو ميان روئي روئي رات!
نينهن نِڪت آ اونداهيءَ ڪان،
ڪڏهن نہ ڪائي مات،
الو ميان ڪڏهن نہ ڪائي مات!
سورج ٻڏجي اڀري ايندي،
ڏاهي پنهنجي ذات،
الو ميان ڏاهي پنهنجي ذات!

ٽماهي

ABC CERTIFIED

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي، ادبي ۽ ثقافتي دستاويز]

جلد 69 | جولاءِ- سيپٽمبر 2019ع | نمبر 3

**سرپرست**

**مخدوم سعيد الزمان "عاطف"**

چيئرمين، سنڌي ادبي بورڊ

**سيڪريٽري**

**سيد سڪندر علي شاهه**

**ايڊيٽر**

**ٽمينہ ميمڻ**

**سنڌي ادبي بورڊ**

**ڄام شورو، سنڌ**

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# سوچ -لوچ

سنڌي ادبي بورڊ کي تاريخي طور تي ماضيءَ جو هڪ شاندار پس منظر آهي ۽ ادب ۽ تاريخ جي ميدان ۾ ادا ڪيل ڪردار انتهائي روشن آهي، ماضيءَ جيان حال سان گڏ مستقبل لاءِ پڻ هيءُ هڪ شاهڪار ادارو آهي، ادارو قابل آهي ته پنهنجي ادبي روايتن کي برقرار رکندي تاريخي ڪردار ادا ڪري ايندڙ نسلن کي شاندار ادب ۽ تاريخ بابت نوان تحقيقي ۽ شائستو ادب ڪتابي صورت ۾ مهيا ڪري ڏئي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته اليڪٽرانڪ ميڊيا، سوشل ميڊيا ۽ انٽرنيٽ جڏهن سڄي دنيا کي عالمي ڳوٺ Global village ۾ بدلائي ڇڏيو آهي. ان جي باوجود ٻه ڪتابي شڪل ۾ ادب کي جديد سهوليتن سان ميسر ڪري ڏيڻ ۾ وڌيڪ آساني پيدا ڪري ڇڏي آهي، جيتوڻيڪ اهو چوڻ ۾ اچي ٿو ته هن جديد دور ۾ ڪتاب جي اهميت گهٽجي وئي آهي ان ڳالهه جي ڪنهن به طرح پذيرائي نٿي ڪري سگهجي، ڇو ته اهو صرف هڪ ٿيءَ جي ڪجهه سيڪڙو ماڻهن جو خيال ٿي سگهي ٿو، پر گنريل ۽ موجوده صديءَ جو سنگم رکندڙ هڪ پيڙهي ان خيال جي آهي ته ڪتاب جي اهميت ڌنڌلي ٿي سگهي ٿي، پر گهٽجي نه ٿي سگهي. ان خيال کي ان سان پذيرائي حاصل ٿئي ٿي، جو سرجندڙ ۽ ڇپجندڙ ادبي ڪتاب ۽ اخبارون توڙي جو سوشل ميڊيا عام ٿي وئي آهي. اليڪٽرانڪ ميڊيا دنيا جون خبرون سيڪنڊن ۾ سڌو سنئون نشر ڪري رهي آهي ۽ پوءِ به ان ساڳئي رڌم سان پرنٽ ميڊيا عروج تي آهي جڏهن ته اليڪٽرانڪ نشريات کان وڌيڪ اخباري خبر کي اعتماد جوڳو سمجهيو وڃي ٿو. انهيءَ صورتحال جي پيش نظر سنڌي ادبي بورڊ مان شايع ٿيندڙ رسالا ۽ مختلف موضوعن تي ڇپجندڙ ڪتاب، پڙهندڙن خاص طور لئبررين ۾ مطالعو ڪندڙ نئين ٽهيءَ جي نوجوانن کي سندن علم جي واڌاري ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. سنڌي ادبي بورڊ جي ماضيءَ وانگر هاڻي به اهائي ڪوشش رهي آهي ۽ رهندي ته تحقيق سان گڏ ادب جي مختلف صنفن توڙي، تاريخ جي ميدان ۾ ڀرپور ڪردار ادا ڪندو رهي.

سنڌي ادبي بورڊ جي نئين بورڊ آف گورنرس ۽ جوڙيل مختلف انتظامي ڪاميٽين جي ميمبرن جي ڳنڍيل ڪوششن ۽ نون اُپائن سان سنڌي ادبي بورڊ ترقيءَ جي منزل طرف روان دوان آهي. چيئرمين صاحب جي هدايتن موجب بورڊ جي معزز ميمبر ۽ مانواري محقق سائين ڊاڪٽر دُرمحمد پٺاڻ صاحب کان بورڊ جي انتظامي شعبي، بورڊ جي ويب سائيٽ کي وڌيڪ فعال ۽ منفرد بنائڻ، ۽ لائبرريءَ جي جديد ترتيب ڪئٽالاگ ۽ انڊيڪس، پبليڪيشن شعبي ۽ پريس شعبي سان لاڳاپيل اسٽاف ۽ رسالن کي وڌيڪ معياري بنائڻ لاءِ جديد ايڊيٽريءَ بابت سکيا لاءِ رهنمائي حاصل ڪئي وئي ۽ انهن جي مفيد مشورن مطابق ڪنيل اُپائن سبب بورڊ جي انتظامي شعبي ۽ ڪمن ڪارين ۾ تمام گهڻي سرگرمي پيدا ٿي آهي، قوي اميد آهي ته سنڌي ادبي بورڊ انهن انتظامي سڌارن سان وڌيڪ بهتر ڪارڪردگي ڏئي سگهندو ۽ پنهنجي مقصدن ۾ حاصلات حاصل ڪندو.

**ثمينه ميمڻ**
ايڊيٽر

# چوليون

## ڙوڪر سو وهاءِ


- سرڪش سنڌي 9
- طارق عالم ابڙو 10


## تحقيق


- شاهه سائينءَ جي رسالي ۾ تقدير جو ذڪر
-عبدالقادر ڪوسو 13
- مولوي احمد ملاح جي شاعريءَ ۾ 'تجنيس مضارع' جو جائزو
-ڊاڪٽر الطاف حسين جوکيو 24
- تاريخ بزمِ صوفياءِ سنڌ (چوٿين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس)
-ڊاڪٽر آزاد قاضي 35
- مهراڻ (اوائلي)
- ڊاڪٽر دُرمحمد پٺاڻ 42
- گهاڙ واهه
- اشتياق انصاري 46
- سنڌ جو گمنام صوفي شاعر ۽ ڳائڪ پيرل فقير 'خوشدل'
-ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو 75
- ميان وال تحريڪ-بلاولي تحريڪ جو تسلسل
محمد آدم ٻٽ 87
- مڪليءَ جي مختصر تاريخ
-استاد لغاري 96
- شڪارپور جو قيام ۽ ثقافتي اهڃاڻ (ماضي ۽ حال جي آئيني ۾)
-ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو 102


## شاعري


- امداد حُسيني 117
- ج.ع. منگهاڻي 118
- وسيم سومرو 119
- امر اقبال 120
- ياسر قاضي 121
- روبينه ابڙو 122
- امين پٽو 123
- رحيمداد جوڳي 124
- گوهر سنڌي 125
- ارباب علي 'عادل' چوهاڻ 126
- جبار 'تاثير' سومرو 127
- ايوب السٽي 128
- وفا منظور چوهاڻ/ عابد نياز ميمڻ 129
- مرزا ڪاظم رضا بيگ 130
- بيتابُ ناپر 131
- ياسين ڪنپر 132
- عثمان فقير ڪوسو 133
- مستقيم بازيدپوري 134
- جيئند علي مهر 135
- مير مختيار ٽالپر 136
- غازي جمالي 137
- ڪاشف ميمڻ 138

## سرڪش سنڌي



(جنم: 1- آڪٽوبر 1940ع - وفات: 5- مارچ 2012ع)

### غزل

آدم کان آدميءَ تي جڏهن ديد ٿي پوي،
ڪنهن انڌ ڏنل جي ذوق تي تنقيد ٿي پوي.
پَلَ پَلَ پڇي رهيو آ پيڙا ۾ ٻور ۾،
ٿي بي قرار ڇَپُن جي اميد ٿي پوي.
هڪ غم هزار خوشيون پوريون نٿيون پون،
لُڙڪن پريل اکين ۾ ڳري عيد ٿي پوي.
جنهن سان اسين اُهو ٻہ اسان جو ٿئي جڏهن،
اُلفت جي ڪائنات ۾ تجديد ٿي پوي.
دنيا کان دردِ غم سڀ واپس وٺي ڇڏيو،
ڪائي تہ زندگيءَ جي تائيد ٿي پوي.
ان کي ميار ناهہ تہ ڪنهن کي ڏجي ڀلا،
ٻئي کي ڏيڻ سان ضربجي توحيد ٿي پوي.
جيڪي ٻُڌو اٿم يا جيڪي ڏٺو اٿم،
سرڪشؔ انهيءَ جي جيڪر ترديد ٿي پوي.

## وِکَرُ سو وِهاءِ

## طارق عالم ابڙو



(جنم: 10- اپريل 1958ع- وفات: 11- جون 2011ع)

### غزل

ڪٿي ڪُٿي ٿي وڃي رات، ڪا خبر ناهي،
ڪٿي ٿُٿي ٿي وڃي بات، ڪا خبر ناهي.

هئس هو ساٿُ، چيئين سچُ، ٿي ويو تنها،
هي جيت ڪنهن جي هئي مات، ڪا خبر ناهي.

دِلين جا قافلا ڪهڙي سفر ۾ لُٽجي ويا،
برهه ڪٿي هنئي آ گهات، ڪا خبر ناهي.

چئي ويو هو اچڻ جو، وري نه سو موٽيو،
اُنهيءَ ڪي ڳولي ٿي پريات، ڪا خبر ناهي.

اسين فقير، مسافر، محبتن جا سفير،
پڇو ٿا ڪهڙي اٿئون ذات، ڪا خبر ناهي.

جُدا ٿيڻ ڪان اڳي روئي ڪجهه کِلي ته وٺون،
ڪڏهن ٿئي ٻي ملاقات، ڪا خبر ناهي.

مَري سَڙي ويا جهنگل، سُڪي ويو درياءُ،
ڪٿان اچي ٿي پکين لاتِ، ڪا خبر ناهي.

☼

پرڏيهي ادب ۾ آتم ڪٿا، سوانح عمري، اعترافن ۽ تحقيقي ادب جي وڏي اهميت حاصل آهي. ماڻهو جيڪي ڪجهه پنهنجي گرد و پيش ڏسي ٿو، محسوس ڪري ٿو، سندس دل ۽ ذهن ۾ سندس چوگرد واقعا رونما ٿي ماضي جو حصو بڻجن ٿا، انهن کي نئون وساري سگهي. ڇاڪاڻ تہ اهي واقعا ۽ ڳالهيون، جيڪي مٿس اثر ڇڏين ٿا. انهن جو عڪس مٿس سدائين طاري رهي ٿو. سنڌي ٻوليءَ ۾ شابس هجي، ميرزا قليچ بيگ کي، جنهن سڀ کان پهرين پنهنجي آتم ڪٿا، "سائو پن ۽ ڪارو پنو" لکي. ان ۾ هن جي روزاني ڊائري پڻ شامل آهي. دراصل ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ڪهاڻي، شعر ڪانسواءِ ٻين موضوعن تي لکڻ جو رواج گهٽ هو، البت ان دور ۾ ڪن اهم شخصن جي حياتيءَ جا احوال ضرور لکيا ويا. ننڍي ڪنب ۾ ادب ۾ تحقيق جو عنصر ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، شاهه جو رسالو ترتيب ڏيئي شاهه صاحب جي زندگيءَ جو احوال لکي ڪيو. بعد ۾ محترم جي.ايم.سيد، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي، پير علي محمد راشدي، پير حسام الدين راشدي، ۽ ڪجهه ٻين جو ڪارنامو آهي، جن پنهنجي حياتي جو احوال لکيو ۽ ساڻن گڏ گذاريل شخصن بابت بہ گهڻو مواد فراهم ڪري ويا. مشهور اديب شيخ اياز پنهنجي آتم ڪٿا لکي ويو، اها سنڌي ادب جو هڪ شاهڪار آهي، مشهور اديب ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پنهنجي حياتي جو احوال لکيو آهي.

ڪجهه وقت کان سنڌ ۾ شاعري، ڪهاڻي جو رجحان خاص طرح هر شاعر ڪهاڻيڪار جي لکڻين جا ڪتاب وڏي تعداد ۾ ڇپجڻ لڳا. اها چڱي ڳالهه پر محسوس ٿي رهيو هو تہ اسان وٽ سوانح عمري، آتم ڪٿا وغيره، لکڻ جو سلسلو گهڻو ڪري ختم ٿي رهيو آهي. پر هن وقت ڏٺو ويو آهي تہ سنڌ ۾ آتم ڪٿائن لکڻ جو رجحان تيز ٿي ويو آهي. ڪيترا بيوروڪريٽ بہ سنڌيءَ ۾ پنهنجيون آتم ڪٿائون لکي رهيا آهن، دراصل سنڌي ادب ۾ هاڻ تحقيقي ادب، توڙي ماضي قريب واري سياست تي لکڻ ۽ تحقيق جي ضرورت آهي ۽ خوشيءَ جهڙي ڳالهه آهي تہ ان موضوع تي هاڻ گهڻو ڪجهه سرجي رهيو آهي.

مهاڳ: **مدد علي سنڌي**

ڪتاب: 'جوئي آهيان سوئي آهيان'، ص 15 (iii) تان کنيل

سيني انساني ارواحن اقرار ڪيو 'قالو بَليٰ'، 'بيشڪ هائو' ...... (هيٺ لهو) جو حڪم ڪيو.

سنڌي ادب جي وسيع ميدان ۾ لطيف ڪانسواءِ ٻيو اهڙو ڪوبه دانشور ڪونهي، جنهن انسان جي تخليق جي مقصد پويان جيڪي گهرا روحاني راز آهن، انهن کي مثبت، مؤثر نموني ۾ واضع ڪيو هجي. شاهه سائين جي هر سُر ۾ اهڙا راز سمايل آهن ۽ انسان جي نصيحت ۽ هدايت لاءِ ڪونه ڪو پيغام سمايل آهي. انسانن ۾ ڪُجهه صفتون ملائڪن جُون، ڪُجهه صفتون حيوانن جون ۽ ڪجهه صفتون شيطانن جون شامل آهن، انسان کي ان مان بهتر وصف جي سُڃاڻپ ڪرڻي آهي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي ته: "حقيقت اها آهي جو جڏهن به ارادو ڪري ٿو ڪنهن شيءِ کي پيدا ڪرڻ جو ته هُو ان کي چوي ٿو ته ٿيءُ ته اُهو ٿي پوندو آهي." (سوره يسٰ).

ٻي جاءِ تي قرآن ڪريم ۾ ارشاد آهي ته "۽ تحقيق جيڪڏهن جيڪي به زمين ۾ وڻ آهن اُهي سڀ قلم ٿين ۽ سمنڊ مَسُ ٿين ۽ مدد ڪن اُن سمنڊ جي. انهيءَ کانپوءِ ست ٻيا سمنڊ ته به ختم نه ٿينديون الله تعاليٰ جون ڳالهيون، تحقيق الله تعاليٰ هر شيءِ تي غالب ۽ وڏي حڪمت وارو آهي." (سوره لقمان).

ٽئين جاءِ تي ارشاد باري تعاليٰ آهي ته "۽ نٿو ڄاڻي ڪوئي شخص ته ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪندو سڀاڻي ۽ نٿو ڄاڻي ڪوئي شخص ته ڪٿهن ۽ ڪهڙي سرزمين ۽ جڳهه تي مرندو، تحقيق الله تعاليٰ هر شيءِ کي ڄاڻندڙ ۽ هر هڪ شيءِ کان پوري پوري خبر رکڻ وارو آهي." (سوره لقمان) چوٿين جاءِ تي باري تعاليٰ فرمائي ٿو "تحقيق اسان پيش ڪئي امانت آسمانن جي اڳيان ۽ جبلن جي اڳيان پوءِ ڪنڌ ڪيرائي ويا انهيءَ ڳالهه کان ته کڻڻ انهيءَ امانت کي ۽ ڊڄي ويا، ان ڪانپوءِ کنيو ان کي انسان، حقيقت اها آهي ته انسان پنهنجو پاڻ تي وڏو ظلم ڪرڻ وارو ۽ وڏو ٻي سمجهه آهي" (سوره الاحزاب)

ڀٽائي صاحب انهيءَ صورتحال جي هيٺئين بيت ۾ منظر نگاري ڪئي آهي.

اول لوح قلم ۾، جڏهن پيئي پرت پچار،
ته مَلڪن ۾ ماتم ٿيو، عرش ڏني اوچنگار،
سنڌو برهه ٻار، خاڪيءَ ڪنيو خيز ڪري
(شاهه)

ڀٽائي صاحب جي رسالي ۾ ڪائنات جي تخليق بابت ڪافي اشارا ملن ٿا ۽ قرآن پاڪ، حديثن جي ڪتابن ۾ پڻ ڪائنات جي پيدائش بابت هيٺين ڳالهه بيان ٿيل آهي.

## ڪائنات جي پيدائش:

پهرين زمين جو مادو ٺهيو، اڃا زمين جي موجوده هيئت ڪانه ٺهي هئي ته آسمان جو مادو ٺهيو، جيڪو دونهين جي شڪل ۾ هو. ان ڪانپوءِ زمين کي موجوده هيئت ۾ پکيڙيو ويو. پوءِ زمين تي جبل ۽ وڻ وغيره پيدا ڪيا ويا. پوءِ آسمان جي دونهين واري مادي مان ست آسمان بڻايا ويا. مديني جا يَهُودِي حضور جن صلي الله عليه وآله وسلم جي خدمت ۾ آيا آسمانن ۽ زمين جي پئدائش متعلق سوال ڪيائون. حضور صلي الله عليه وآله وسلم جن ارشاد فرمايو ته الله تعاليٰ زمين کي آچر ۽ سومر ڏينهن پئدا فرمايو، جبل ۽ ان ۾ جيڪي معدنيات وغيره آهي ان کي اڱاري جي ڏينهن وڻ، پاڻيءَ جا چشما، شهر، عمارتون ۽ ويران ميدان اربع جي ڏينهن پئدا ڪيا. اهي ڪل چار ڏينهن ٿيا. اڳتي پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو ته خميس جي ڏينهن الله تعاليٰ آسمان ٺاهيا ۽ جمع جي ڏينهن سِتارا، سج، چنڊ ۽ ملائڪ، جمع جي ڏينهن ۾ اڃا ٽي ساعتون باقي هُيون جڏهن اُهي پُوريُون ٿيون تڏهن انهن مان ٻي ساعت ۾ آفتون ۽ مصيبتون جيڪي هر شيءِ تي اچڻ واريون آهن پيدا فرمايون آخري ٽين ساعت ۾ حضرت آدم عليه السلام کي پيدا فرمايو.

(الحديث بطوط اِبن ڪَثير)

صحيح مسلم جي هڪ حديث ۾ حضرت ابوهريره کان روايت آهي ته هِن جهان جي پئدائش جي ابتدا ڇنڇر جي ڏينهن کان ٿي.

جيڪڏهن اها ڳالهه مڃجي ته ان حساب سان آسمان ۽ زمين جي تخليق جو سُتن ڏينهن ۾ هُجڻ

معلوم ٿئي ٿو، پر قرآن پاڪ ۾ ڪائنات جي تخليق جو هُجڻ معلوم ٿئي ٿو پر قرآن پاڪ ۾ ڪائنات جي تخليق جو هُجڻ ڇهن ڏينهن ۾ صراحاً مذڪور آهي.

ترجمو: ”اسان پيدا ڪيو آسمانن ۽ زمين کي ۽ جيڪي ڪجهه انهن ۾ آهي ڇهن ڏينهن ۾ ۽ اسانکي ڪا ٿڪاوٽ پيش ڪونه آئي.!

اِبنِ ڪثير چوي ٿو تہ ابوهريره رضہ ڪعب بن اخبار جي حوالي سان اها روايت نقل ڪئي آهي. رسول ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جو ارشاد نہ آهي ۽ فرمايائين تہ اهو ئي صحيح آهي جيڪو قرآن ٻڌايو آهي. ”(ابن ڪثير صفحہ 94 جلد 04)“ قرآن پاڪ جي متعدد آيتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ زمين، آسمان جي ٺهڻ ڪانپوءِ ٺهي، زمين جون مُڪمل ضرورتون پُوريون ٿيون ۾ اُتي جِن ۾ شيطان رهڻ لڳا، ان ڪانپوءِ حضرت آدم عليه السلام کي موڪليو ويو. انسان جسم ۽ روح جو مرڪب آهي. جسم فاني آهي جڏهن تہ روح ازل کان آهي ۽ ابد تائين رهندو. انسان جي پيدائش، روح جي پيدائش يا شروعات نہ آهي ۽ اهڙيءَ ئي طرح موت روح جو موت يا پُڄاڻي نہ آهي. جڏهن الله پاڪ ڪائنات خلقي هئي ۽ اڃا تائين انسان جو جسم تخليق نہ ڪيو هُئائين تڏهن بہ روح عالم ارواح ۾ موجود هئا. موت انسان جي جسم جي فنا ٿيڻ جو نالو آهي، جسم جي فنا ٿيڻ سان روح فنا نہ ٿو ٿئي ۽ اهو جسم جي فنا ٿيڻ ڪانپوءِ عالم ارواح واپس وڃي آرامي ٿئي ٿو. اصل اهميت روح کي آهي.

روح رب ڪريم جي امر هيٺ آهي. ڀٽائي صاحب تقدير جي مسئلي تي اهڙو تہ سگهارو قلم کنيو آهي، جو سنڌ اڃا تائين اهڙو ڪو نامِيارو عالم، شاعر، مفڪر يا ڪو اهل ڪتاب انسان پيدا نہ ڪري سگهي آهي ۽ اسان سنڌي قوم کي ان تي تاقيامت فخر رهندو. ڀٽائيءَ جو ڪلام هر فقير توڙي شاهوڪار، ڳوٺاڻي توڙي شهري پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل، هندو توڙي مسلمان کي ان لاءِ وڻي ٿو جو ڀٽائي صاحب پنهنجي ڪلام ۾ زندگيءَ جي اعليٰ اصولن کي چمڪايو آهي ۽ انساني زندگي، انسانذات جي منزل بابت عالمگير نظريا قائم ڪيا آهن.

**سُر مارئي ۾ انساني تقدير جو نڪتو:**

شاهہ سائين جو سُر مارئي انساني تقدير جو ڄڻ تہ آئينو آهي، جنهن ۾ ڀٽائي صاحب انساني تقدير کي اهڙو تہ چٽو ۽ شفاف انداز ۾ بيان ڪيو آهي جو ان کي پڙهڻ سان اندر مان واه واه! نڪري ٿي وڃي ۽ ڄڻ تقدير جا اولڙا اُن آئيني مان نڪري ڪري انساني اکين اڳيان پيا چمڪن.

بيت 1:

**اول نالو الله جو، مڙئي مٿاهون،**
**ڪيئن ڪري قبوليان، عُمر کي آئون،**
**رازق رضائون، مون مٿي تي ميڇيون.**

تشريح: بيشڪ سڀ کان اڳ الله تعاليٰ جو ۽ سندس ذات جو نالو آهي. اهوئي سڀني شين کان بلند ۽ بالا آهي، آئون عمر کي جيڪو مونکي زوريءَ ڪوٽ ۾ ڪٺي آيو آهي. ڪهڙيءَ ريت ۽ ڇو ان کي پنهنجو گهوٽ ڪري قبوليان؟

آئون هُن پنهنجي مالڪ رزاق جي رضا جو امرُ اڳيئي عالمِ ارواح ۾ ميڄي چُڪي آهيان، جنهن مطلق مُنهنجو سڳ مُنهنجي ماٽن ۾ ٿيل آهي.

بيت 2: **نَڪا ڪُن فيڪون هُئي، نڪو مورت ماهہ،**
**نڪا سُڌ ثواب جي، نڪو غرض گناهہ،**
**هيڪائي هيڪ هئي، وحدانيت واهہ،**
**لکيائين لطيف چئي، اُت ڳجهاندر ڳالهہ،**
**اکين ۽ ارواح، ساڱي ساڃاهہ سومرا.**

تشريح: الله تعاليٰ اڃا پنهنجو فرمان ’ڪُن‘ يعني ٿيءُ تہ ٿي پوي ٿي ٿو. ’فَيَڪُون‘ جاري نہ ڪيو هو. ۽ جڏهن چنڊ وغيره ٻي آسماني مخلوق جو نقشو ئي ڪو نہ جُڙيو هو، ثواب ۽ گناهہ بہ موجود ڪونہ هو. فقط پاڻ الله جي وحدانيت ۽ هيڪڙائي هُئي. عبداللطيف رح چوي ٿو تہ اوڏيءَ مهل اهو ’رازدان جو راز رکيائين‘ جو مُون مارئيءَ کي پنهنجي مارُو سان نيڪ ۽ سچائيءَ واري ساڃاهہ ڏنائين.

بيت 3:

**نڪا ڪُن فيڪون هُئي، نڪو لِڱ لحمُ،**
**بنيو هو نہ بت ۾، اڃا ڪو آدم،**
**مُوم ملوءِ سين سَڱہ، سو ئي آهي سومرا.**

آخري اکر جي تبديليءَ سان، جيئن: 'شهر -شهد 'وغيره.

مٿيان مثال آواز /اکر جي نسبت وينجن نسبت ڏيکاريا ويا آهن، جن جي پهرئين مثال ۾ پهريون اکر / وينجن' د ۽ س'، ٻئين مثال ۾ ٻيون اکر /وينجن' ک ۽ م ' ۽ ٽئين مثال ۾ آخري اکر' ر ۽ د 'جي تبديلي واقع ٿي رهي.

ان کان سواءِ اها ڳالهه به اهم آهي ته لفظ ۾ ' حرف علت: ا، و ۽ ي 'جي تبديليءَ سان به 'تجنيس مضارع 'جو مثال سمجهيو ويندو؛ ڇاڪاڻ ته 'حرف علت: ا، و ۽ ي' به اکر آهن، جيڪي صورتخطيءَ ۾ وينجن (Consonant) توڙي سُر (Vowel) لاءِ به ڪم آندا ويندا آهن .

اها ڳالهه واضح هجڻ گهرجي ته ڪڏهن به لفظ ۾ پهريون اکر، توڙي جو حرف علت) ا، و ۽ ي) هجي، وينجن (Consonant) طور ئي ڪم آندو ويندو آهي. جڏهن ته 'حرف علت: ا، و ۽ ي' جو استعمال لفظ جي وچ ۾ گهٽ ۾ گهٽ قدر ڏگهي سُر (Vowel) طور ڪم ايندو آهي .

حرف علت (ا، و ۽ ي) جي تبديليءَ سان 'تجنيس مضارع' جي مشابهت صرف ٻن رخن سان ٿي سگهي ٿي:

- **وچئين حرف علت (ا، و ۽ ي) جي تبديليءَ سان، جيئن :**
  - الف جي تبديلي: 'پار - پور - پير 'وغيره
  - واؤ جي تبديلي: 'ڪوٽ -ڪاٽ -ڪيٽ 'وغيره
  - يي جي تبديلي: 'سير -سار -سور 'وغيره.
- **آخري حرف علت (ا، و ۽ ي) جي تبديليءَ سان، جيئن :**
  - الف جي تبديلي: 'چڙا -چڙو -چڙي 'وغيره
  - واؤ جي تبديلي: 'سنو - سنا - سني 'وغيره
  - يي جي تبديلي: 'سري - سرا - سرو 'وغيره.

اهو به واضح هجڻ گهرجي ته 'تجنيس مضارع' ۾ 'حرف علت' وارن اکرن جي پيٽ 'حرف علت' جي اکرن سان ئي مناسب آهي .

**تجنيس مضارع ۽ خطيءَ ۾ فرق:**

مرزا قليچ بيگ جي ڄاڻايل ڳالهه موجب 'تجنيس مضارع' ۽ 'تجنيس خطي' ۾ فرق آهي. اهو فرق هڪ 'اکر جي بنيادي شڪل' وارو آهي. جيڪڏهن هڪ اکر جي تبديليءَ باوجود 'اکر جي بنيادي شڪل' ۾ مشابهت رهندي ته 'تجنيس خطي' سڏبي ۽ جيڪڏهن اکر جي تبديليءَ سان 'اکر جي بنيادي شڪل ' ۾ ڪو فرق رهندو ته ان کي 'تجنيس مضارع' ڪوٺيو ويندو. اهڙي ڇال کي هيٺئين انداز ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو:

**مشابهت:**

اهڙا همجنس لفظ، جن جي وچ ۾ هڪ اکر جي تبديلي واقع هجي، ليڪن ان تبديل ٿيل 'اکر جو بنيادي گهر' ساڳيو هجي، پلي ان جي ٽٻڪن ۾ فرق هجي، ان صورت ۾ ان کي تجنيس خطي ڪوٺيو ويندو، جيئن: ڪاٺ ۽ ڪات - پير ۽ ٻير وغيره

**فرق:**

اهڙا همجنس لفظ، جن جي وچ ۾ هڪ اکر جي تبديلي واقع هجي، ليڪن ان تبديل ٿيل 'اکر جو بنيادي گهر' ساڳيو نه هجي، ان صورت ۾ ان کي تجنيس مضارع ڪوٺيو ويندو، جيئن: ڪاٺ ۽ ڪال - پير ۽ ڦير وغيره.

تجنيس مضارع ۽ خطيءَ ۾ خاص فرق 'اکر جي بنيادي شڪل' جو آهي. مٿي جيڪي مثال ڏنا ويا آهن، تن ۾ 'ڪاٺ' ۽ 'ڪات '۾ هڪ اکر جو فرق آهي. ڄاڻايل مثال ۾ ' ٺ ' ۽ ' ت 'جي بنيادي شڪل يا

لکت ساڳي آهي، ان بنياد تي ان کي ’تجنيس خطي‘ ۾ شامل ڪبو؛ ليڪن ’ڪاٽ‘ ۽ ’ڪال‘ ۾ ’ٽ‘ ۽ ’ل‘ جي بنيادي شڪل يا لکت ۾ فرق آهي، ان سبب ان کي’ تجنيس مضارع ’۾ ڳڻيو ويندو .

ياد رهي ته انهن تجنيسن ۾ ’رسم الخط‘ تي خاص نظر رکي ويندي آهي، جيئن: ’ب، ٻ، ڀ، ت، ٿ، ٽ، ٺ، ث، پ‘ بنيادي ساڳي شڪل يا لکت وارا اکر آهن، صرف ٽٻڪن جو فرق ٿئي ٿو. ان کان علاوه’ ن، ڻ، ي ۽ همزو‘ بہ صورتن جي منجهہ سان ساڳي شڪل يا لکت وارن اکرن ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا، جيئن: مَٽڻ، مٺڻ، ميڻ وغيره. اهڙي صورت ۾ اکر جي ساڳي شڪل يا لکت واري صورت سبب ان کي تجنيس خطيءَ ۾ شمار ڪبو، ليڪن جڏهن اکر جي بنيادي شڪل مٽيل هوندي تہ تجنيس مضارع ۾ ڳڻي ويندي، جيئن: ناداري- ناداني، ڪفران - غفران وغيره. هن ۾ ٻن هم جنس لفظن جي منڍ، وچ يا پڇاڙيءَ وارو حرف مختلف ٿيندو، يا وري حرف علت ’ا، و ۽ ي‘جي تبديلي رهندي. ياد رهي تہ حرف مختلف بہ اهڙو ٿيندو، جنهن جي بنيادي شڪل مٽيل هجي. جيئن: د، ر- د-گ -ڪ، ڪ -م.وغيره .

**تجنيس مضارع ۽ تجنيس حرفيءَ ۾ مماثلت:**

جيئن تہ تجنيس مضارع جي همجنس لفظن ۾ شروعاتي، وچئين يا آخري اکر جي تبديلي هوندي آهي، ان سبب شروعاتي تبديليءَ کي ڇڏي باقي وچئين ۽ آخري اکر جي تبديليءَ کي تجنيس حرفيءَ جو مثال چئي سگهجي ٿو، جيئن :

اڳ ’مَرڻ‘، تنهن لڳ ’مِلڻ‘، مَخرج لهين ري ڪان، نہ لام،
ڪنهن مشائخ ايئن مون کي، مَذڪور.موچارا ڏنا.

ان شعر ۾ ’مرڻ‘ ۽ ’مِلڻ‘ وارن لفظن ۾ ’ميم‘ اکر جي ساڳيائپ سبب تجنيس حرفيءَ جا بہ مثال آهن.

دوست جي دَم سان، قدم سان، ديد سان، ديدار سان،
دل سندم آزاريل، ’آزار‘ کان ’آزاد‘ باد.

ان شعر ۾ ’آزار‘ ۽ ’آزاد‘ وارن لفظن ۾ ’الف - مد‘ اکر جي ساڳيائپ سبب تجنيس حرفيءَ جا بہ مثال آهن.

مٿيان مثال شروعاتي اکرن جي ساڳيائپ سبب تجنيس مضارع ۽ تجنس حرفيءَ جا يڪسان مثال آهن. ان بنياد تي چئي سگهجي ٿو تہ تجنيس مضارع جو هڪ حصو ڇڏي، باقي ٻہ حصا تجنيس حرفيءَ سان مماثلت رکن ٿا.

**تجنيس مضارع ۽ مطرف ۾ مماثلت:**

تجنيس مضارع جي همجنس لفظن ۾ شروعاتي، وچئين يا آخري اکر جي تبديلي شمار ڪئي ويندي آهي. تجنيس مضارع جا اهڙا مثال جن جي آخر ۾ تبديلي ڏيکاري ويندي آهي، سي ’تجنيس مطرف‘ جا پڻ مثال ٿي سگهن ٿا، جيئن:

رات ڏينهن تنهنجو رڳـــوئـــي، راڳ رڳ رڳ روح ۾،
تنهنجون تـــن مـــــن ۾ تنوارون، ’تـــون‘ ڪري ٿي تند تند.

مٿئين شعر ۾’ رات ۽ راڳ ’تجنيس مضارع توڙي مُطرَّف جا يڪسان مثال آهن .

**تجنيس مضارع جو آواز ۽ اکر سان لاڳاپو:**

اها ڳالهہ طئي ٿيل آهي تہ ’آواز ۽ اکر‘ ۾ فرق رهي ٿو. آواز جو سڌو سنئون لاڳاپو ’ڳالهائڻ واري ٻوليءَ‘ سان آهي، جڏهن تہ اکر جو لاڳاپو ’لکڻ واري ٻوليءَ‘ سان آهي. فرض ڪريو تہ لکت يا صورتخطيءَ جي نسبت ’ٻڌ‘ ٻہ اکرو لفظ آهي، جڏهن تہ ان جو آوازي ڇيد ڪرڻ سان چئن آوازن) ٻہ وينجن ۽ ٻہ چوٿا سُر (وارو لفظ بيهندو. ان خيال کان ’آواز ۽ اکر‘ ۾ فرق ٻڌايو ويندو آهي. تجنيس مضارع ۾ خاص طور اکرن کي مرڪوز رکيو ويندو آهي، جيئن ’حرف علت‘ جا صرف ٽي اکر ٻڌايا

هو گهٽو هان هان ۽ هُون هُون تي هِنيون هِريل حبيب،
'سوز' کان اڄ سُر مندل جا، تا لڳن ناساز 'ساز'.

'سوڄ' سِيني تي چڙهي مُون، ٿُون ڪرين سُک 'سيڄ' تي،
تو سوا کهڙي طبيبن کي طبعيت جي تميز.

عُود خوشبوءِ عيد وانگر، آبپاشي عطر عام،
جابجا جهلڪار جَلوا، جام جاري پوش پوش.

هنا هندي نہ سنڌي جي، هندورن ۾ لڏن هاٿي،
انين پُريين نہ اُٺ هٿ ۾، اهي اُپ تي اڏن هاٿي،
ڦريا قيوم قادر کان، قبن تي تا ڪڏن هاٿي،
ٻلي جيئن ٻوڙ تي 'ٻوڙا'، لڏن 'ٻيڙا' ٻڏن هاٿي،
متو مهراڻ، مانگر مڇ جي، مُنهن ۾ مارڪا آيا.

دولتون دانائيون دنيا دوائون دان دين،
در مٿان دادار ڏي ٿو، هر محل جيڪي مڱو.

مِينهن نيو ۽ نئي وهي، نئين سچ نياپا نِت نوان،
وَر وطن ۾ وس، وَليَن ڪيا 'ويس'، ونندي 'واس' وَت.

مٿين شعرن ۾ 'رات - ريت، لاس - لُوس، نوش - نيش، سوز - ساز، سوڄ - سيڄ، عُود - عيد ، ٻوڙا - ٻيڙا، دان - دين ۽ ويس - واس' لفظن جي وچين حرف علت جي تبديليءَ سان تجنيس مضارع جا مثال آهن. جيڪڏهن 'ويس' جي پيٽ 'ويش'سان ڏيڪاريل هجي ها، تہ ان کي تجنيس خطي سمجهيو وڃي ها، ليڪن مٿئين شعر ۾ 'ويس' جي پيٽ 'واس' سان ڏيڪاريل آهي، ان سبب ان کي مضارع چئجي ٿو. اهوئي سبب آهي جو مضارع کي خطيءَ جي قريب سمجهيو ويندو آهي.

**آخري اکر جي تبديليءَ سان:**

ساھ مان پَرجي سچو، آيس سلاميءَ لئي سوارَ،
هاءِ گهوڙا، هڪ گهڙي، گهوڙو بيهارڻ کان بہ وئين.

مٿئين شعر ۾ 'گهوڙا (ظلم، ڏاڍ) ۽ گهوڙو (جانور)' آخري حرف علت جي تبديليءَ سان تجنيس مضارع جو مثال آهي.

هر زماني، هر زمين ۾، ڪارگر قابل ڪروڙ،
ڪئين شيون ميڙي ملائي، ڪا جڏي جوڙين جوڙ،
ڏھ دفعا ڏينهن ۾ ڦِٽي، تختو نہ تختي ساڻ توڙ،
ڪينَ مان 'ڪُن' سان ڪرين، ڪم ڪار تون هڪ، ٻيو نہ ڪير.

مٿئين بند ۾ همجنس لفظ: 'تختو' ۽ 'تختي' آخري حرف علت جي تبديليءَ سان تجنيس مضارع جو مثال آهي.

(2) وڏن ماڻهن جا گروهه يعني زميندار، سردار، پير، جائداد جا مالڪ.

(3) ڪامورڪي طبقي جو گروهه يعني تنخواهه دار ننڍن ملازمن ڪان سواءِ سڀ سرڪاري يا خانگي وڏين نوڪرين ۾ پيدائشن وارا ڪامورا.

(4) تاجر ڪارخانيدار يعني واپاري ۽ ڪارخاني جا مالڪ.

سيد صاحب مٿي ذڪر ڪيل سڀني گروهن جي طبقاتي بنيادن تي ورهاست ڪري ظاهر ڪري ٿو ته: "پهرين گروهه جا غريب هيٺين طبقي ۾ ۽ ٻيا ٽي گروهه مٿين طبقي ۾ يا ان سان لاڳاپيل شمار ٿي سگهندا."

(خطبات سيد، 1975ع، ص 51)

مٿي ذڪر ڪيل حقيقت جي باوجود، سنڌ جي حالتن جو تجزيو، طبقاتي ننڍ وڏائي واري فرق ڪان مختلف آهن، ان مخصوص صورتحال جو تجزيو ڪندي سيد صاحب لکي ٿو:

"سنڌ جي حالتن کي چٽائي ڏسبو ته سواءِ مڪيه ڪارخانيدارن ۽ سنڌن مزدورن جي ماڻهن ۾ اجا طبقاتي شعور يا تصادم پيدا نه ٿيو آهي." (خطبات سيد، 1975ع، ص 51)

هتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن طبقاتي شعور پيدا نه ٿيو آهي ته پوءِ سماجي صورتحال ڪهڙي آهي، ان سلسلي ۾ سيد صاحب ٻڌائي ٿو ته:

"هن وقت سنڌين ۾ جا به ڇناڇيٽي هلي رهي آهي، ان جو زياده تر بنياد شخصي خودمطلبي آهي." (خطبات سيد، 1975ع، ص 51) ۽ اها به حقيقت آهي ته جيڪا به قوم طبقا توڙي فرد سياسي ۽ سماجي شعور ڪان وانجهيل هوندا انّ جو اولين ڪارڻ شخصي خودمطلبي هجي ٿو.

شخصي خودمطلبيءَ واري ان ڇناڇيٽي جا سيد هيٺيان ڪارڻ بيان ڪري ٿو:

(1) قبضي جي خواهش، (2) خوديءَ جي تعليم

قبضي جي خواهش يعني حرص لالچ، مال ميڙڻ جي طلب خودي يعني پاڻ پڻو (Ego) اهي ٻئي نُڪتا هڪ ٻئي سان لازم ملزوم آهن، انهن جي اثر هيٺ فرد، طبقا توڙي قومون برتري ۽ قبضي گيريءَ ڪارڻ جاڪوڙ ڪنديون آيون آهن.

سيد صاحب پنهنجي هن چوٿين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس واري خطبي ۾ انهن ذڪر ڪيل ڪارڻن جي سببن ۽ نقصانڪار پاسن بابت تفصيل سان بيان ڪيو آهي. هن سيد صاحب خطبي ۾ ايگو (Ego) يا انائيت جي وصف بيان ڪرڻ ڪان پوءِ ان ڳالهه جو اظهار ڪري ٿو ته:

"اها نفس اماده جي پيداوار آهي. ان ڪان نجات حاصل ڪرڻ سان اصلاح نفس ۽ اخلاقي درستي پيدا ڪري ماڻهو مهذب ۽ متمدن بنجن ٿا، انهيءَ ڪري ئي جملي قومن جي مصلحن ۽ مذهب جي صاحبِ طريقت بزرگن، ماڻهن کي خوديءَ کي ڪاٽڻ جي تلقين ڪري ايثار ۽ قرباني جي تعليم ڏني آهي." (خطبات سيد، 1975ع، ص 54)

پر غور ڪري ڏٺو وڃي ته دنيا ان حيواني صفتن مان جان ڇڏائي نه سگهي آهي، جيڪڏهن ان جي تفصيل ۾ وڃبو ته عالمي معاملن ڪان وٺي ملڪي ۽ صوبائي معاملن ڪان وٺي قبيلائي، گروهي، خانداني شخصي مسئلن تائين ان رجحان جا اثر آهن، اهوئي رجحان آهي جيڪو خودمطلبي ۽ خودغرضي واري رجحان کي وڌائي ٿو. ان رجحان جي وڌڻ ويجهڻ ڪري ملڪ ۽ قوم ۽ دنيا ۾ جهيڙا جهڳڙا ۽ انتشار پکڙجن ٿا. ان سموري عمل جي جڙ سَڌن ۽ خواهشن ۾ رکيل آهي، جنهن جي صوفين درويشن ۽ صحتمند سوچ جي مالڪ فيلسوفن، راهبن پرچار

پئي ڪئي آهي. ان نُڪتي کي سولو ڪري سمجھائڻ لاءِ سيد صاحب لکي ٿو:

"انهيءَ خواهش مطابق هر شخص ۾ ڪاڏي، لڏي ۽ اجهي جي هٿ ڪرڻ جي وسيلن، يعني زمين، پيسي ۽ جائداد کي قبضي ۾ آڻڻ جي سڌ رهي ٿي. انهيءَ مطابق جنس جي بقا لاءِ عورت هٿ ڪرڻ تي هن جي دل ٿئي ٿي. بدني حفاظت ۽ خودنمائيءَ خاطر اقتدار ۽ نالي ناموس جي حاصل ڪرڻ جو خيال به ڪيس رهي ٿو."

(خطبات سيد، 1975ع، ص 52)

غور ڪري ڏسبو ته خود نمائي، تن آسائش ۽ جنسي خواهش اهي ئي جذبا آهن جيڪي سموري انسانذات ۾ جنگ جدل ۽ افراتفريءَ جو ڪارڻ بنبا پئي رهيا آهن. اهي ئي خود غرضيءَ جي جڙ پاڙ آهن، ان خودغرضيءَ واري رجحان کي صوفي درويشن نفس اماره (Animal Instinct) يعني حيواني خواهش سڏيو آهي، ۽ اها حيواني خواهش جيڪا افراتفري پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ بنجي ٿي، سوسائٽيءَ کي اهڙن رجحانن کان پاڪ ڪرڻ لاءِ "دنيا جي جملي صالحن، درويشن ۽ اهل طريقت بزرگن جي گهڻي وقت کان اها خواهش پئي رهي آهي ته صحيح تعليم ۽ تربيت وسيلي ماڻهن مان حيواني خواهش کي ڪڍي سندن نفس جي اصلاح ڪري، انهن کي خليق ۽ شفيق بڻايو وڃي." (خطبات سيد، 1975ع، ص 53)

سائين جي.ايم.سيد سڄي زندگي ثقافتي حوالي سان اهڙن ئي خيالن جي پرچار ڪندو رهيو، ڇاڪاڻ ته سندس خيال هو ته:

"ڪلچر ۽ ثقافت جو مقصد به ساڳيو اهو (اصلاح آڻڻ) ئي آهي."

(خطبات سيد، 1975ع، ص 53)

سيد اهڙي ڪوشش وسيلي قومي يڪجهتي پيدا ڪرائڻ پئي گهري. ان سلسلي ۾ سيد صاحب پنهنجون سموريون صلاحيتون علمي، قلمي ۽ عملي طور ڪوششون ڪندو رهيو. سندن خيال هو ته:

"جڏهن اهڙيءَ طرح آهستي آهستي ترقي ڪري ٿو ته وحشياڻي خواهشن کان آزاد ڪري ٿو. خود مطلبي ۽ ان مان پيدا ٿيندڙ نتيجي يعني نفاق کي ترڪ ڪري هو قومي ۽ ملڪي مفاد کي ترجيح ڏيڻ لڳي ٿو ۽ مهذب بنجي ٿو."

(خطبات سيد، 1975ع، ص 53)

سيد خود مطلبي يا شخصي چٽاڀيٽي واري رجحان جو بيو ڪارڻ خوديءَ واري تعليم کي تصور ڪري ٿو، جيڪا حيواني صفتن کي وڌائڻ جو ڪارڻ بنجي ٿي ۽ اهي ئي حيواني صفتون آهن، جيڪي انسان ۾ خودمطلبي پيدا ڪرائين ٿيون. ۽ ان خودمطلبيءَ سبب خودي جنم وٺي ٿي. اها خودي ئي آهي، جيڪا سماج ۾ خرابي ۽ افراتفريءَ جو سبب بنجي ٿي. خوديءَ جي اهڙي صحيح تصور ۽ ان جي اثرن جو ذڪر ڪندي، سائين جي.ايم.سيد چوي ٿو:

"خوديءَ جو ڪهڙو به تفسير ڪيو وڃي، ان کي شخصي خودي سڏيو وڃي يا قوم جي خودي سڏيو وڃي. بهرحال ان نظريي پويان هيٺيون ٻه ڳالهيون موجود رهن ٿيون، (1) حيواني خودمطلبي جي خواهش ترقي يافته شڪل ۾ (2) ماڻهن جي ورهاست، برن ۽ پلن، لاتن ۽ اٿلائقن ۽ ڏٽيل ۽ ڏڪاريل، چوندبيل ۽ پست پيلن ۾."

(خطبات سيد، 1975ع، ص 55)

انهن ذڪر ڪيل ٻن ڳالهين کي سيد صاحب ٻن قديم فيلسوفي مسئلن جو جزو ظاهر ڪري ٿو، جنهن کي جبر ۽ قدر جي نالي سان سڏيو ويو آهي.

ان حوالي سان مسئلي قدر وارو تصور رکندڙن وٽ اشرف المخلوقات وارو تصور، ڪائنات

آهي، ان سموري غور ويچار ۽ اظهار جي نچوڙ طور سيد صاحب سنڌ جي ماحول ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪنن کي مشورو ڏيندي لکيو آهي ته:

(1) ”خودي دوئيءَ جو ڪارڻ بنجي ٿي.

(2) خودي تشدد جو رجحان پيدا ڪري، اڳرائيءَ ۽ سامراجيت جو بنياد بنجي ٿي.

(3) شخصي يا قومي خودي، نفاق ۽ نفرت پيدا ڪري، بدامنيءَ جو ڪارڻ بنجي ٿي.

(4) خودي جي تعليم اسان جي سنڌي درويشن جي تعليم ۽ قديم روايات جي خلاف آهي.

(5) جيڪڏهن اسان قوم مان نفرت ۽ نفاق دور ڪري، اتحاد، محبت ۽ ايثار جو مادو پيدا ڪرڻ گهرون ٿا ته خوديءَ کي ختم ڪرڻو پوندوسون.“ (خطبات سيد، 1975ع، ص 68)

غور ڪري ڏسبو ته ڪنهن به قوم جي ترقيءَ جو راز نفرت کي محبت ۾ تبديل ڪرائڻ نفاق کي دور ڪري اتحاد قائم ڪرڻ ۽ قومي مفادن لاءِ قرباني ڏيڻ واري عمل ۾ سمايل آهي، جن به قومن ۾ مٿي ذڪر ڪيل صفتون ٿين ٿيون، اهي ئي ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿي منزل ماڻين ٿيون، ۾ سيد اهوئي سبق ڏئي ٿو ته اهي سڀ صفتون تڏهن ئي پيدا ڪري سگهجن ٿيون، جڏهن خودي (Ego) پاڻ پڻو ۽ انا واري رجحان کي ختم ڪيو وڃي، پنهنجو پاڻ مٽائڻ بعد ڪجهه حاصل ڪرڻ واري ڳالهه ۾ ئي اهو راز سمايل آهي.

سيد جي افتتاحي خطبي بعد مولانا غلام محمد گرامي، پير حسام الدين راشدي، قاضي فيض محمد، حيدربخش جتوئي، رسول بخش پليجي ۽ صاحب خان چني سنڌ جي تاريخ تصوف جي اهميت ۽ افاديت، ترقي پسندانه فڪر رواداري روشن خيالي ۽ سنڌي ڪلچر جي اعليٰ قدرن ۽ روايتن بابت تقريرون ڪيون. ڪانفرنس جو پهريون حصو ٻن ڪلاڪن تائين هليو، تنهن بعد 9 بجي ٻيو حصو يعني محفل مشاعرو شروع ڪيو ويو، ”جنهن ۾ شمشيرالحيدري، حيدربخش جتوئي، برڪت علي آزاد، نور عباسي، پرواني ڀٽي، الطاف عباسي، انور هالائي ۽ سيف بنوي ڀرو ورتو، ان بعد جمال رند لولي پڙهائي مسرور ڪيو.“ (ٽه ماهي ”مهراڻ“ 1966/4-3ع)

مشاعري کان پوءِ ماني‌ءَ جو وقفو ڪيو ويو، وقفي کان پوءِ راڳ رنگ جي محفل شروع ڪئي ويئي، جنهن ۾ لطيف جي روضي جي خاص راڳيندڙ فقيرن واري ٽوليءَ ڪانسواءِ ريڊيو فنڪار فقير عبدالغفور، حسين بخش خادم، زرينہ بلوچ ۽ مصري فقير پنهنجي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري سامعين کي وندرايو.

اهڙيءَ ريت سنڌي ڪلچر بابت هيءَ محفل رات جو 2 بجي تائين هلندي رهي.

مٿي ذڪر ڪيل ماحول بابت محترم محمد ابراهيم جويو صاحب پنهنجي هڪ اديب دوست کي لکيو:

”سو منهنجا جوڙيجا ڀاءُ اهي آهن اسان جي سنڌ جا ڪي...... جيڪي سنڌ جي ڀلائيءَ واريءَ ڪنهن به ڳالهه ۾ خوش ڪينهن، هنن کي فقط پنهنجو اڏبر، پنهنجي دولتمندي، طاقت ۽ وڏائي گهرجي، شال سنڌ کي ڪي صالح ۽ سر گهورڻ وارا سپوت ملن!“ (جويو، 1999ع، ص 38)

اهو ان وقت وارو ماحول هو، جنهن ۾ بزمِ صوفياءِ سنڌ کي سنڌ جي ثقافتي تحريڪ وارو سفر جاري رکڻو هو.

**ببليوگرافي:**


1. جويو محمد ابراهيم، ”خط ٻن اديبن جا“، 1999ع سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد
2. سيد جي.ايم، ”خطبات سيد“، 1975ع نئين سنڌ پبليڪيشن ڪراچي.



ڊاڪٽر درمحمد پٺاڻ

# مهراڻ (اوائلي)

**تعارف**: هي رسالو "سنڌي ادب لاءِ مرڪزي صلاحڪار بورڊ" جي سهاري هيٺ 1946ع کان ونئي جاتي ٿيو. انهيءَ وقت رسالي جو "ايڊيٽوريل بورڊ" هن ريت هو:

| | |
|---|---|
| عثمان علي انصاري | چيئرمين ايڊيٽوريل بورڊ |
| مولانا دين محمد وفائي | چيف ايڊيٽر |
| لعلچند امرڏنومل | مئنيجنگ ايڊيٽر |
| ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي | ايڊيٽر |

رسالي جي اشاعت جنوري 1946ع کان ٿي، ۽ ٻه سال ٻه ماهي پرچي جي صورت ۾ شايع ٿيندو رهيو[1]. رسالي جو ساليانو چندو پنج روپيا هوندو هو.

**مواد**: "مهراڻ" جي ابتدا ۾ ئي، سنڌ جي نامور عالمن، اديبن ۽ شاعرن، دل کولي قلمي تعاون ڪيو. هن رسالي جو ايڊيٽوريل بورڊ ئي خود ذات ڏٺي ليکڪن تي مشتمل هو، جن رت ۽ ست ڏئي سنڌي ادب ۾ هڪ سنگ ميل هڻي ڇڏيو. هن رسالي ۾ وقت به وقت ادبي خط، شاعري، ڪهاڻيون، ناٽڪ ۽ مضمون شايع ٿيندا رهندا هئا.

"مهراڻ" جي پهرين پرچي ۾ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي جو هڪ مضمون "ادبي سنگت" شايع ٿيو، جنهن مان سندس سنڌي ٻولي ۽ علم ادب لاءِ اڪير ۽ "مهراڻ" جي اهميت توڙي افاديت جو پتو لڳائي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر عمر بن محمد لکي ٿو ته:

"ڏٺيءَ جا لک لک شڪرانا جو اٽڪل




جولاءِ 1947ع

[1] غلام محمد گرامي "ٽه ماهي مهراڻ" جلد 14، نمبر 3 ۽ 4، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1965ع، ص 20

ويهن ورهين جي دراز عرصي بعد هن ضعيف جي "مهراڻ" نالي رٿيل مخزن آخر وجود ۾ آئي آهي. ويهه ورهيه هڪ قوم جي ذهني انقلاب ۾ ڪا وڏي مدت ناهي، بشرطيڪ اهو انقلاب هڪ تنظيمي صورت اختيار ڪري ملڪ جي ادبي ماحول ۾ موافق اصلاح آڻي."

"مهراڻ" سنڌونديءَ جو قديم نالو آهي. اها پياري ندي جنهن جو لڙائيل پوتر پاڻي سنڌو ديش جا سڀ رهواسي هندو خواهه مسلمان پي پنهنجي اُڃ لاهي اندر ٺا ٺارين، جنهن جي آبياريءَ تي ملڪ جي ماڻهن ۽ بين جيون جو جياپو آهي، جنهن جي ڪري سنڌ هڪ زرخيز زراعتي ملڪ ٿي پيو آهي، ڪهڙي نہ عجب جهڙي ڳالهه آهي جو ساڳي هوا نڪئون ڳهجي، ساڳي خوراڪ ۽ ساڳيو پاڻي نڙيءَ اندر نجي، تہ بہ فقط هڪ بيروني عامل يعني مذهب جي اثر ڪري ذهني پيداوار ۽ تخيل جي طريقن ۾ ايڏو تفرقو...

"مهراڻ" جو ميدان ۾ اچڻ انهيءَ سڳوري سنوڻ جو سنيهو آهي، اچو يارو، هندو- مسلم پائرو، تہ هڪ ٿي سان ملي، "مهراڻ" جي وسيلي هڪ اهڙي "ادبي سنگت" ادبي ياري يا جمعيت ٺاهيون، جنهن کي ملڪ جي ادبي ائتيءَ جو اونو هجي، جا مذهب ۽ ملت جو ملمع لاهي، ديسي ادب کي هڪ اهڙي قالب ۾ پلٽائي ۽ سانچي ۽ سميٽي، جو منجهانئس غيريت جو رنگ نڪري وڃي، هيڪڙائي جي هيئت پڪڙي"[1].

| نمبر | عنوان | ليکڪ | ڪهڙي پرچي ۾ شايع ٿيو |
|---|---|---|---|
| 1. | "ادبي سنگت" | ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽہ | جنوري 1946ع |
| 2. | "باهمي اتحاد" | آغا تاج محمد | ايضاً |
| 3. | "روهڙيءَ جو راز" | شيوارام لالا | ايضاً |
| 4. | "سنڌي ٻولي" | مولوي عبدالڪريم چشتي | ايضاً |
| 5. | "گمنام دهقاني شاعر" | نبي بخش بلوچ | اپريل 1946ع |
| 6. | "اسان جي سنڌڙي" | آغا تاج محمد | ايضاً |
| 7. | "اتحاد جا طريقا" | مولوي عبدالڪريم چشتي | ايضاً |
| 8. | "سنڌ جي هڪ پراڻي تاريخ جا ڪي ورق" | صوفي قلندر بخش | مئي- جولاءِ 1946ع |
| 9. | "شاهہ طالب" | سوپراج نرملداس | ايضاً |
| 10. | "شاهہ: فطرتي شاعر" | مولانا دين محمد وفائي | ايضاً |
| 11. | "سنڌي نثر" | عثمان علي انصاري | ايضاً |
| 12. | "بلوچستان جا راز" | نبي بخش بلوچ | مئي- جون 1946ع |
| 13. | "دال مصالح چٽڻيءَ سان" | پيرومل مهرچند آڏواڻي | آگسٽ-آڪٽوبر 1946ع |

[1] غلام محمد گرامي "سہ ماهي مهراڻ" جلد 14، نمبر 3 ۽ 4، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، 1965ع، ص 24

| | | | |
|---|---|---|---|
| .14 | ”شيراندازيءَ جي تاريخ“ | پيرومل مهرچند | ايضاً |
| .15 | ”سنڌ جو پهريون پهريون خود ساخته صدر منصف“ | لعلچند امرڏنومل | ايضاً |
| .16 | ”سنڌي ٻوليءَ جي عربي آئيوڙنا“ | پروفيسر چيتن ماڙيوالا | ايضاً |
| .17 | ”نثر“ | خوبچند جڳتياڻي | ايضاً |
| .18 | ”هندستان کان آمريڪا تائين سفر“ | نبي بخش بلوچ | ايضاً |
| .19 | ”شاهه عبداللطيف: سنڌ جو رهبر“ | ڄيٺمل پرسرام | آڪٽوبر-نومبر 1946ع |
| .20 | ”شاهه ڀٽائي جو شاهاڻو ڪلام“ | مولوي عبدالڪريم چشتي | ايضاً |
| .21 | ”شاهه جي رسالي ۾ حقيقت جا راز“ | عبدالله چنه | ايضاً |
| .22 | ”مرزا قليچ بيگ: سلاست جو سائين“ | خوبچند جڳتياڻي | ايضاً |
| .23 | ”مرزا قليچ بيگ: نثر نويس“ | محمد يعقوب | ايضاً |
| .24 | ”سنڌيءَ جي دڪدائڪ حالت“ | پيرومل مهرچند آڏواڻي | ڊسمبر-فيبروري 1947ع |
| .25 | ”غلطيون دور ڪريو“ | ايضاً | ايضاً |
| .26 | ”ساهت ۽ ادب ڇاهي؟“ | لعلچند امرڏنومل | ايضاً |
| .27 | ”سنڌ سنت سامي“ | سوڀراج نرملداس | ايضاً |
| .28 | ”انصاف ۽ احسان“ | بيگم عبدالله چنه | ايضاً |
| .29 | ”ڪوڙ“ | عطا حسين شاهه | ايضاً |
| .30 | ”حل طلب لاءِ حل“ | پيرومل مهرچند آڏواڻي | ايضاً |
| .31 | ”سرڳواسي ڊاڪٽر گربخشاڻي جو ڇاپيل شاهه جو رسالو“ | عثمان علي انصاري | آڪٽوبر-ڊسمبر 1947ع |
| .32 | ”ساهتيه جي سونهن“ | روچيرام سڏاڻي | آڪٽوبر- نومبر- ڊسمبر 1947ع |
| .33 | ”شاعر عاجز“ | جهامنداس ڀاٽيه | ايضاً |
| .34 | ”سنڌ جا ڳاهه“ | رامنداس لڪاڻي | ايضاً |
| .35 | ”ڀٽي ۽ بلوچستان“ | ڪشنچند ڄيٽلي | ايضاً |

مٿين وچور تي نظر ڪرڻ مان معلوم ٿيندو ته ”مهراڻ“ ۾ علمي، ادبي، تاريخي ۽ اخلاقي مضمون شايع ٿيندا هئا. ان کان سواءِ هن رسالي کي سنڌ واسين ۾ اتحاد ۽ اتفاق پيدا ڪرڻ جو ادبي ذريعو به ڄاتو ويندو هو، انهيءَ ڪري هندو- مسلم اتحاد جي موضوع تي به رسالي ۾ مضمون شايع ٿيندا هئا ۽ انهن جو ذڪر وچور ۾ به اڳي ڇڪو آهي. هن هيٺ پهرين پرچي ۾ شايع ٿيل آغا تاج محمد جي مضمون ”باهمي اتحاد“ مان اقتباس ڏجي ٿو:

"اتحاد مذهبي هدايتن موجب آهي. مسلمانن جو ڪلام پاڪ هجي، يا عيسائين جو مقدس انجيل يا هندن جو ڪوبہ پوتر پستڪ، هرهنڌ اتفاق ۽ اتحاد لاءِ ڪافي کان زياده نصيحت ۽ هدايت ڪيل آهي. مسلمان جن کي اهو فخر آهي تہ اسين توحيد جا پوڄاري آهيون، تن کي لفظ جي معنيٰ جي لحاظ کان ئي اتحاد سان زياده محبت ۽ دلچسپي هئڻ گهرجي. جو اهو لفظ لغوي معنيٰ ۾ وحدت مان نڪتل آهي. انهيءَ ڪري ضروري آهي تہ اگرچہ مذهبي امور سڀ ڪنهن جا مختلف آهن، تہ بہ دنيوي ڳالهين ۾ هندو خواهہ مسلمان، پارسي خواهہ يهودي ۽ ڪرستان پاڻ ۾ متحد رهن. مسلمانن جي هدايت لاءِ هي ڪافي آهي تہ الله جل جلالہ' پاڻ کي ٻين لقبن سان گڏ رب العالمين سڏيو آهي، يعني جملي عالم جو رب."[1]

هن رسالي ۾ ڪهاڻيون، ۽ ناٽڪ بہ شايع ٿيندا هئا، 1946ع کان وٺي ويندي 1947ع تائين رسالي ۾ شايع ٿيل ڪهاڻين مان ڪجهہ هي آهن:

1. "ننڍڙي نڻنا" ليکڪ: لعلچند امرڏنومل
2. "هي بہ رانجهوءَ سنڌي رمز" ليکڪ: امرلعل هگوراڻي
3. "تلوڪ ٽيمي" ليکڪ: لعلچند امرڏنومل
4. "سنگتيءَ ۾ مون ڪي تہ ڏنو" ليکڪ: لعلچند امرڏنومل

رسالي جنوري ۽ فيبروري 1946ع واري پرچي ۾ "ديوانہ" جي نالي هڪ ڊرامو بہ شايع ٿيو. هي ڊرامو هينرڪ ابسن جو لکيل هو، جنهن جو سنڌي ٻوليءَ جي مشهور ڊرامہ نگار احمد غلام علي چاڳلا ترجمو ڪيو هو.

هن ڊرامي جي مطالعي سان اها حقيقت بلڪل واضح ٿيو پوي تہ ادب حياتيءَ جو آئينو آهي، هي ڊرامو سماجي انقلاب جو مقصد رکي ٿو.

[گل حيات انسٽيٽيوٽ جي ويب سائيٽ تان کنيل]

(1) ملڪاڻي منگهارام، "سنڌي نثر جي تاريخ"، ڪونج پبليڪيشن، بمبئي 1968ع، ص 279

سکر واهه سنڌو درياهه مان پراڻي سکر شهر جي اتر کان ڪجهه مفاصلي تي نڪرندو هو. هي واهه لکي، ڳاهيجا، ڏکڻ، رتوديرو، عرضي پنو، سجاول، سنجر پني کان ٿيندو ڳوٺ محمد خان پنو جي ڏکڻ ۾ ختم ٿيندو هو. واهه ويڪرو ۽ اونهو هئڻ ڪري آمدرفت لاءِ ڪارآمد هو.

سکر واهه لاڙڪاڻي ضلعي جي رتيديري تعلقي، ميرو خان تعلقي يا تعلقي شهدادڪوٽ جي زمينن کي آباد ڪندو هو. سن 1932ع ۾ سکر بئراج پوڻ ڪري هي واهه ختم ٿي ويو.

**نصرت واهه:**

نصرت واهه درياهه سنڌ مان، نصرت ريلوي اسٽيشن جي اوپر ڏکڻ پاسي کان نڪرندو هو بهڻ ڳوٺ هن واهه جي ڪناري تي هو. هيءُ واهه 12 ميل ڊگهو هو، ۽ رتيديري تعلقي جي اوپر پاسي واريون زمينون آباد ڪندو هو. هي واهه بهڻ ڳوٺ، ميرپور پنو، مسو جلباڻيءَ کان اولهه ۾ ڪجهه فاصلي تي ختم ٿيندو هو. اڄ به ڪٿي ڪٿي هن واهه جا نشان ملن ٿا.

**الهندو نارو واهه:**

الهندو نارو واهه لاڙڪاڻي شهر جي اوپر عاقل ڳوٺ کان سنڌوءَ مان وهندو هو. هن واهه کي گهٽا وڪڙ هئا. هيءُ واهه درياهه مان نڪري باقراڻي، ڏوڪري، بگي ٻنڊي، ٽلڙي، سيهڙ شهر، راڏڻ وليج، ٽرڙي محبت، ٻٽ سرائي، ٻيٽو جتوئي، گهاڙي، راوت لغاري، گوزو ٽرڙي، جادوشهيد ۽ جوهيءَ ڪانپوءِ وڃي منڇر ۾ ڇوڙ ڪندو هو. هيءُ واهه لاڙڪاڻي ضلعي مان وهندو هو. ان وقت سيوهڻ تائين لاڙڪاڻو ضلعو هو. هيءُ وڏو ۽ اونهو واهه هئڻ ڪري واپار لاءِ ڪارآمد هو. انڪري ٻيڙين ذريعي واپار ٿيندو هو. هن واهه تي وڏيون موريون ٺهيل هيون. اڄ به هڪ موري باقراڻي شهر پرسان يادگار طور بيٺي آهي.

**گهاڙ واهه:**

هيءُ قدرتي ڦاٽ سنڌو درياهه جي ساڄي پاسي کان نڪري لاڙڪاڻي ضلعي جي وڏي ايراضي کي سيراب ڪندو هو. ان قدرتي ڦاٽ جي پهرين باضابط کوٽائي، ابڙا ذات جي ماڻهن ڪرائي، انڪري شروع ۾ ان واهه جو نالو 'ابڙا واهه' هو. جيڪو اڳتي هلي ڪلهوڙا دور ۾ 'گهاڙ واهه' جي نالي سان سڃاڻڻ لڳو. جيئن ته اسان جو موضوع گهاڙ واهه آهي. انڪري هت اسان لاڙڪاڻي ضلعي مان سنڌو مان نڪرندڙ ٻين قدرتي ڦاٽن کي ڇڏي، صرف گهاڙ واهه جو تفصيلي ذڪر ڪنداسين. چيو وڃي ٿو ته شروعاتي دور ۾ ان 'ابڙا واهه' جي ٻنهي پاسن تي ابڙا، سانگي، پنهور ۽ مهاڻا وغيره آجها اڏي ويٺا هئا.

ٻولي جي ماهرن جو خيال آهي ته درياهه جي ڀڪ تي رهڻ ۽ پاڻيءَ جي ويجهڙائي ڪري، اتي رهندڙ ماڻهو ابڙا، سانگي، پنهور سڏائجڻ لڳا. ڇو جو انهن ماڻهن جو سڌون سنئون گذر معاش پاڻي سان وابسط هو. جيئن چيو وڃي ٿو.

لفظ 'ابڙو' فارسي لفظ آب تان نڪتو آهي 'آب' معني 'پاڻي' يعني پاڻي وارو يا پاڻي جو.

پاڻي وارن علائقن تي اهي ماڻهو ويهندا هئا، جي مالوند ۽ پاڳيا هوندا. اها فطري ڳالهه آهي ته جن وٽ مال هوندو اهي مال جي چاري خاطر جوءِ ۾ ملائيندا. جڏهن هنن جوءِ ملائي ته ٿيا 'سانگي'. سانگي جي معنيٰ آهي سانگ ڪندڙ، سانگ وارو مال جي خاطر هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ جوءِ ملائيندڙ هونئن به زندگي پاڻي کان سواءِ ناممڪن آهي، پر ڪن قبيلن جو واسطو رهيو ئي پاڻيءَ سان آهي، ته اهڙن ماڻهن جي قبائلي سڃاڻپ به پاڻي سان ٿهي وئي آهي، جيئن ماڇي، ميربحر، ملاح وغيره جي به ساڳي ڪُرم جا لوڪ آهن.

اهڙي طرح لفظ پنهور جو ڌاتو 'پنهئر' مان معلوم ٿئي ٿو. هن جي معنيٰ پاڻي وارو پاڻي جو پنڙو... پنئر ۽ پينئر نيٺ سنڌي لفظ آهي. لفظ پنهور بظاهر ته ٻن لفظن 'پهون' ۽ 'ور' جو جوڙ/ ڳنڍ آهي، پر هن لفظ جو ڌاتو پنور يا پنئر ۾ آهي جو ته 'پهون' پهرون يعني ٻڪريون/ رڍون به ماڻهو اتي ئي جهليندو جتي پاڻي هوندو.

هن بحث مان خبر پوي ٿي ته لفظ 'پنهور' ۽ 'ابڙو' هڪ ئي ڪُرم جون سڃاڻپون آهن. ديسي سڃاڻپ ۾ پنهور ۽ فارسي زده سڃاڻپ 'ابڙو' ۾ هن

لفظن جي پس منظر ۾ ٿورو فرق اهو ٿيو جو هنن ماڻهن مان جن ٻهون سنڀاليون سي ٿيا ٻنهور ۽ جن زراعت سنڀالي سي سڏيا ابڙا، اها ٻه هڪجهڙائي آهي، جيڪي ماڻهو زراعت سان لاڳاپيل هوندا آهن. اهي ٻاڳيا سڏبا آهن ۽ ٻاڳيا زراعت ڪرڻ سان گڏ چوپايو مال ٻه پاليندا آهن. هيءَ ڳالهه فطري آهي ته جن وٽ مال هوندو ته اهي مال جي حفاظت لاءِ هٿيار ٻه رکندا. حقيقت ۾ هٿيار رکڻ جو تصور ٻه مال رکڻ دوران پيدا ٿيو. دراصل لفظ هٿيار ٻه ٻنهوار لفظ سان گڏ نهيو آهي. تنهنڪري انهن ٻنهي لفظن جو مطلب ٿيو 'پاڻي تي گذر ڪندڙ' يا 'مال تي گذر ڪندڙ'. (1)

ابڙا ڀهريان ڪڇ ۾ رهندا هئا، جتي هُو زمين کيڙي پنهنجو گذرسفر ڪندا هئا. بعد ۾ هُو لڏپلاڻ ڪري اچي سنڌ ۾ آباد ٿيا. ان لاءِ مهدي شاهه لکي ٿو ته "ابڙا سلطان علاوالدين خلجي ۽ سومرن جي آخري دور ۾ ڪڇ کان سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا ۽ سما دور جي پڇاڙيءَ تائين سنڌو درياهه جي ٻنهي ڪنارن تي ۽ ڪڇي (جيڪا هاڻي بلوچستان ۾ آهي) واري علائقي ۾ هڪ سگهاري قبيلي جي حيثيت ۾ پکڙيل هئا. ابڙن جي اڪثريت پوکي راهي ۽ زميداري ڪرڻ سان لاڳاپيل هئي. (2)

مغل دور جي مؤرخ يوسف ميرڪ ڪتاب 'مظهر شاهجهاني' ۾ لکيو آهي. مغلن جي هن درباري مؤرخ اها تاريخ 1044هه/ 1634ع ۾ قلمبند ڪئي آهي. يوسف ميرڪ ان ڪتاب ۾ چانڊڪا (لاڙڪاڻي) پرڳڻي ۾ رهندڙ ابڙن، سانگين ۽ ٻين قبيلن ڪانسواءِ ان علائقي جي شادابي جو ذڪر ڪيو آهي.

ٻيو پرڳڻو چانڊڪا جو آهي، جيڪو گهڻي ڀاڱي سرسبز پرڳڻو ليکيو وڃي ٿو. هتي سميجا، ٻڪيجا، سانگي ۽ ابڙا رهن ٿا. هي سڀ طاقتمند قبيلا آهن هنن مان ابڙا ۽ سانگي پڻ پاڻ کي سميجا سڏرائين ٿا. چوڻين قوم مهديجي شيخن (ڪلهوڙن) جي آهي. (3)

**ڪمرو ابڙو:**

انهن قبيلن مان ابڙو ذات مان ڪمر ابڙو عرف ڪبڙ ابڙو هڪ مشهور زميندار ٿي گذريو آهي.

ڪمر ابڙو عرف ڪبڙ ابڙو، هندوستان جي مغل شهنشاهه همايون جي پاڇڙ وارن آخري سالن دوران 1553ع ۾ ڄائو ۽ مغل اعظم شهنشاهه اڪبر جو سمورو دور (1556ع- 1605ع) هن جي اکين اڳيان گذريو.

ابڙن جي ناناڻن، عمرڪوٽ جي سوڍن پاران همايون بي دربدريءَ وارن ڏينهن ۾ مدد ڪئي هئي ۽ همايون پاران هندوستان جون ٻيهر واڳون سنڀالڻ ڪانپوءِ اڪبر جي دور ۾ سنڌ جي فتح وقت ڪمر خان عرف ڪبڙ ابڙي عبدالرحيم خانخانان جي 'مرزا جاني بيگ' خلاف مدد ڪئي هئي. جنهنڪري ڪيس مغل حاڪمن جي مقرر ڪيل جاگيردارن پاران سما دور واري ابڙن جي پراڻي زميداري واپس ڏني وئي هئي.

"ڪمرخان عرف ڪبڙ ابڙو اتر سنڌ جو ڀهريون زميندار آهي. جنهن مغل دور ۾ رعايتون ملڻ شرط اترسنڌ جي زمينن کي ايتري قدر آباد ڪيو جو ٻٽ ملڪ جا ڏتڙيل ماڻهو هن علائقي طرف گذرمعاش لاءِ رجوع ٿيڻ لڳا..... هن مغل شهنشاهه جهانگير جي دور 1611ع ۾ وفات ڪئي. ڪيس ميرمحمد ابڙو ۽ صديق ابڙو نالي ٻه پٽ هئا." (4)

ڪبڙ ابڙي اڳتي هلي ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جي مريدي اختيار ڪئي. ڪلهوڙا ڀهريائين سري طرف رهندا هئا. جتان ڪبڙ ابڙي وڏي عقيدت منجهان ميان آدم شاهه ڪلهوڙي کي لڏائي لاڙڪاڻي ۾ آڻي پنهنجي پر ۾ ويهاريو.

آخر هن خانخانان مرزا عبدالرحيم کي اولهندي ناري واري ڪجهه زمين ميان آدم شاهه ڪلهوڙي کي ڏيڻ لاءِ عرض ڪيو، جيئن آدم شاهه ان مان پنهنجي خانقاهه جو خرچ پکو هلائي سگهي. ان باري ۾ مولائي شيدائي لکي ٿو.

"ميان آدم شاهه جي تعريف ٻڌي، درويشن جي دهليز تي پهتو ۽ دعا گهري، رواني ٿيڻ وقت 'ڪبڙ' ابڙي مريد فقير جي لنگر جي خرچ لاءِ گُهر ڪئي، جنهن تي مرزا عبدالرحيم چانڊڪو پرڳڻو، ميان صاحب کي لکي ڏنو، جو چانڊيه ٻروچ قوم جي

اورنگ آباد ۽ امروٽ وارن علائقن جو مالڪ سڏيو آهي. انڪري اهو چوڻ ۾ ڪا به هٻڪ نه ڪرڻ ڪپي ته 'ابڙا واهه' ۽ 'گهاڙ واهه' هڪ ئي واهه آهي. ۽ 1038هه 1628ع ۾ ابڙن جي سردار مير محمد ابڙو جو کوٽايل آهي. مٿي ڏنل حقائق جي بنياد تي اهو ثابت ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ نهري نظام جا باني ڪلهوڙا نه پر ابڙا آهن. (10)

ڪلهوڙا اڳتي هلي جڏهن سنڌ جا حاڪم ٿيا ۽ ميان شاهل محمد ڪلهوڙي جنهن مهل سنڌ جو واڳون سنڀاليون ته هن واڳون سنڀالڻ سان ئي ان 'ابڙو واهه' جي وڌيڪ کوٽائي ڪرائي.

شاهل محمد ڪلهوڙو ۽ مقامي زميندار:

جنهن لاءِ غلام رسول مهر تاريخ سنڌ (ڪلهوڙا دور) ۾ گهاڙ واهه ۽ ميان شاهل محمد جي حوالي سان مختلف تاريخدانن جا حوالا پڻ ڏنا آهن.

تحفة الڪرام: هن جي (ميان شاهل محمد) دور ۾ مريدن جو تعداد اڳئين ڪان به وڌي ويو. ڪيتيءَ جي ڌنڌي ۾ خوب ترقي ٿي. لاڙڪاڻي وارو واهه انهي کوٽايو. واهه جي ٻنهي ڪنارن جي زمين سانگي ۽ ابڙا قومن کان خريد ڪري پنهنجي اولاد ۽ پائرن ۾ ورهايائين. هُو پاڻ جيتاني/ حبيباڻي) ڳوٺ ۾ رهندو هو.

گولڊ سمٿ: هن زراعت ڏانهن پورو ڌيان ڏنو. ان ۾ کيس چڱي ڪاميابي ٿي. ان سان گڏ پيري مرشدي به وڌندي رهي. لاڙڪاڻو سندس محنت ۽ مشقت جو خاص ميدان هو.

خابهادر خداداد خان: هُو وڏو متقي ۽ پرهيزگار شخص هو. مشهور آهي ته گهاڙ واهه جو لاڙڪاڻي شهر سان لڳو لڳ وڃي ٿو. سو هن جو کوٽايل هو. هن سانگي ۽ ابڙا قومن کان سندن زمينون کسي ورتيون. انهي ڪري ميان صاحب ۽ انهن قومن ۾ هٿياربند لڙائي لڳي.

سيد علي محمد راشدي: ميان آدم شاهه جي پوين مان ميان شاهل محمد کي هڪ نهايت سرگرم ڪارڪن مڃيو وڃي ٿو. هن پنهنجي زميداري ملڪيت ۾ تمام گهڻو واڌارو آندو. چيو وڃي ٿو ته گهاڙ واهه به هن ئي کوٽايو هو. سانگي ۽ ابڙا قومن کان ڪيتريون ئي زمينون کسي ورتائين جنهن تان آخر لڙائي لڳي."

اينڪن: ميان آدم شاهه جي پوٽي شاهل محمد کي زراعت جي ڪاروبار سان خاص دلچسپي هئي ۽ لاڙڪاڻي جو واهه شروع ۾ ان کوٽايو هو.

سيٽن: هن (ميان شاهل محمد) لاڙڪاڻي جو واهه کوٽايو. واهه جي ٻنهي ڪپن تي ابڙن ۽ سانگين جون جيڪي زمينون هيون، سي ڪاٽڻ ڦري، پنهنجي پائرن کي ڏنائين....."(11)

اهڙي طرح جنرل هيگ به پنهنجي ڪتاب 'سنڌو جو ڇوڙ وارو علائقو' ۾ ڪلهوڙن جي زراعت سان دلچسپي ۽ سندن محنت مشقت جي تعريف سان گڏ چانڊڪا پرڳڻي کي سنڌ جو گلزار بڻائڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

هنن (ڪلهوڙن) ڏاڍ ۽ ڦرلٽ سان گڏ زراعت کي به همٿايو. اهي پهريان ماڻهو هئا، جن لاڙڪاڻي واري علائقي ۾ گهاڙ نالي هڪ واهه کوٽايو ۽ چانڊڪا پرڳڻي کي سنڌ جو باغ بڻائي ڇڏيو هو. جن جن علائقن ۾ هر لاقانونيت ۽ آپيشاهي پکيڙيندا ويا، تن علائقن ۾ پاڻي جو ڏاڍو ڪارائتو استعمال ڪندا هئا. سندن اهڙن ڪارنامن مان ائين محسوس ٿي رهيو هو، نه ڪيت ڪيڙي ملڪ کي سائو ۽ شاداب بڻائي زوريءَ هٿ ڪيل زمينن جو جڻ هڪڙو جواز پيدا ڪري رهيا هئا. پر هو ائين ڪري به زمينن جي اصل مالڪن کي راضي ڪري ڪونه سگهيا. رهندو منجهن ويڇا ۽ وٿيون پئجي ويون." (12)

نامياري محقق ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ميان شاهل محمد ڪلهوڙي جو گهاڙ واهه کوٽائڻ سان گڏ اتان جي مقامي زميندارن جي سا ٿس اختلافن جو به ذڪر ڪيو آهي. هُو ٻڌائي ٿو ته "شاهل محمد کي زراعت سان گهڻي دلچسپي هئي. هن گهاڙ واهه کي نئين سر کوٽائي هڪ قلت مان وڏو عاليشان واهه بڻايو، انهي ڪري آبپاشي جو طريقو سڌريو ۽ تمام سٺا فصل ٿيڻ لڳا.... هن گهاڙ واهه تي آباد ٿيندڙ زمين جي زميداري ابڙن ۽ سانگين کان

Age) ڪوٺين ٿا. چيو وڃي ٿو ته ان دور ۾ هماليه جبل تي برف ڳرڻ ۾ صرف پندرهن کان ٽيهه ڏينهن دير ٿي وئي. انڪري درياهن ۾ پاڻي گهٽجي ويو. ان ڪانپوءِ ايندڙ صدي 1701ع کان وٺي 1758ع تائين درياهن جي پاڻيءَ ۾ ڪافي واڌ آئي. جنهن جو ذڪر ايم. ايڇ. پنهور ڪيو آهي ته "تڏ واري زماني جي حرارت ۾ تبديلي آئي. ڪجهه گرمي ٿي ۽ ڪلهوڙن پوکي راهي ڏهن لکن مان وڌائي ٻاويهه لک ايڪڙن تائين پهچائي. ۽ ماڻهن جي آبادي 14 لکن مان وڌي وڃي 30 لکن کي رسي." (19)

ڌرتي وڏيا جي ڄاڻن جي ان راءِ مان ظاهر آهي ته ڪلهوڙا دور ۾ ماحولياتي ڦير گهير ڪري دَرياهه سنڌ ۾ پاڻي جي جهجهائي ڪري، سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ فصل ٻيڻا ٿيا. ساڳي وقت ان عرصي دوران هتان جي آدمشماريءَ ۾ به ڪافي واڌارو آيو. ڊاڪٽر ايس.پي. چبلاڻي، ڪلهوڙا دور ۾ سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ اناج ۽ ان مان حڪومت کي ملندڙ ڍل جو ڪاٿو هن ريت لڳايو آهي.

"ڪلهوڙن جي دور ۾ زمين جي ڍل 53.3 لک رپيا ڪٺي ويئي آهي. انڪري ڪل پيداوار جو ملهه زمين جي ڍل جي ٽيڻ يعني اٽڪل 160 لک رپيا ٿيندي ۽ ڏهين آني في مڻ جي حساب سان ڪل پيداوار اٽڪل 156 لک مڻ ٿيندي. زمين جي سراسر پئداٿش 12 مڻ في ايڪڙ فرض ڪندي. ان مان اهو معلوم ٿيندو ته ان وقت پوک هيٺ ايندڙ زمين ساليانی 21 لک ايڪڙ هوندي ۽ ڪنهن به حالت ۾ ويهه لک ايڪڙن ۾ ڪافي واڌ آئي جنهن جو ذڪر ايم.ايڇ. پنهور ڪيو آهي ته "تڏ واري زماني جي حرارت ۾ تبديلي آئي. ڪجهه گرمي ٿي ۽ ڪلهوڙن پوکي راهي ڏهن لکن مان وڌائي ٻاويهه لک ايڪڙن تائين پهچائي. ۽ ماڻهن جي آبادي 14 لکن مان وڌي وڃي 30 لکن کي رسي. (20)

جيئن ته ان ڪلهوڙا دور ۾ گهاڙ واهه به هڪ آبپاشي جو شاهڪار هو انڪري مختلف ماڻهن گهاڙ واهه جي سنڌو مان شروعات جدا جدا هنڌن تان ٻڌائي آهي. جيئن امام راشدي لکيو آهي ته.

"گهاڙ واهه جي شروعات نئون ديري شهر کان پندرهن ڪلوميٽر پري اوير طرف 'نصرت' اسٽيشن کان ڏکڻ طرف هڪ تاريخي ڳوٺ 'دوسوڏڙن' کان سنڌو درياءَ مان ٿئي ٿو، پر ڪن روايتن موجب 'گهاڙ واهه' جي شروعات مدئجي شهر جي سامهون درياءَ جي ڪناري تمام جهوني ڳوٺ 'آدمجي' کان ٿئي ٿي. ان جي تصديق پراڻن نقشن مان به ملي آهي. جيئن ته گهاڙ واهه هڪ آڳاٽو قدرتي ڦاٽ هو ۽ ايم.ايڇ پنهور جي راءِ موجب 'گهاڙ واهه' سمن جي دور سان آهي. تنهنڪري اهو خيال ڪيو وڃي ٿو ته جڏهن ميان شاهل محمد ڪلهوڙي گهاڙ واهه جي نئين سر کوٽائي ڪرائي. تڏهن ان جو منهن 'دوسودڙن' ڳوٺ کان ڪرائي، ان کي سدا واهه جي صورت ۾ بدلائي ڇڏيو. اهڙا آثار اڄ به موجود آهن" (21)

ميان شاهل محمد چانڊڪا ۾ گهاڙ واهه کوٽائي هن علائقي کي گل وگلزار بڻايو. هونئن به آبپاشي جي سڌاري ۽ واڌاري ۾ ڪلهوڙا حاڪمن جو اهم ڪردار رهيو آهي. خاص طور تي هن ميدان ۾ ميان نور محمد ڪلهوڙو سڀني کي ميدان ماري ويو. هن خطي ۾ ميان نور محمد کي نئي جديد آبپاشي نظام جو ماهر سمجهيو وڃي ٿو، ڇو جو هن گهاڙ واهه مان ڪيترائي نيون شاخون ڪڍي چوڦير واهه ۽ واهڙ وهايا. ان لاءِ ڊاڪٽر ايس. پي. چبلاڻي لکي ٿو ته "گهاڙ واهه جون ٽي مکيه شاخون آبپاشي جي عظيم معمار (ميان نور محمد) ڪري وجود ۾ آيون. 'نور واهه' تي اهو نالو به هن جي پٺيان پيو (جيڪو 10 ميل ڊگهو هو) 'شاهه جي ڪڙ' وري هن جي نامياري وزير شاهه بهاري کوٽايو (جيڪو 20 ميل ڊگهو هو) اتي ساڳي شاهه بهاري 'جنڊوک' (هاڻوڪو لاڙڪاڻو) واري حصي ۾ ڪيترائي واهه کوٽايا ۽ 'ڏاتي جي ڪڙ' (جيڪو 20 ميل ڊگهو هو) جيڪا هينئر موجود ڪونهي. ميان نورمحمد جي ئي وقت ۾ ڏاتو کهڙو نالي هڪ شخص کوٽايو، جو پنهنجي وقت ۾ هڪ دولتمند ماڻهو هو ۽ واهن کوٽائڻ ۾ چڱو نالو ڪڍيو هئائين". (22)

گهاڙ واهه جي ان ٽن مکيه شاخن کانسواءِ ٻيا به ڪيترائي واهه نڪرندا هئا. جيئن 'نصرت واهه' (جنهن

هئا. انهن کوهن جو قطر ست اٺ فوٽ هوندو هو. جنهن گهاڙ واهه جي اٿل يا نار سان اهي کهاڙو پربو هو ته ڪڙمي هٿن ۾ دبا ڪٽي ان دبن جي مدد سان کهاڙو مان پاڻيءَ کي ننڍڙن واهن ۽ واهڙن ۾ ڏڪيندا هئا. اهڙي طرح هُو پوک ۽ باغن کي پاڻي ڏيندا هئا. اهڙن دبن جي مدد سان پاڻ ڏيڻ کي پراڻي دور ۾ 'جهڙڪو' سڏيندا هئا.

هت انبن جا باغ گهڻا هئا. جن ۾ خاص ڪري سنڌي انب، چيهو، ٻاٽو طوطا پوري انب جام ٿيندا هئا، پر پوءِ آهستي آهستي ماڻهن انبن جي جاءِ تي زيتون پوکڻ شروع ڪيا. چيو وڃي ٿو ته هن علائقي ۾ زيتون سڀ کان پهريائين پلو واڻي آڻي پوکيا هئا. ان ڪانسواءِ هت ڪندي جو وڏو جام هوندو هو.

ان لڏڙو پٽڻ تي هڪ پراڻو ريسٽ هائوس به هو. جتي ڪامورا ڪڙا اچي رهندا هئا. ان ڪانسواءِ گهاڙ جي ڪپر سان هڪ ريسٽ هائوس پير شير وٽ ۽ ٻيو لاڙڪاڻي بندر وٽ جوڙيل هو.

هونئن ته هاڻي سارو گهاڙ لٽجي ويو آهي. البت اجا تائين ڪجهه هنڌن تي گهاڙ جا باقي ڇڏيل ڍورا لهرون هٺندي ملن ٿا. انهن ۾ هڪ مشهور ڍورو ديهه جنيد جتوئيءَ ۾ ۽ ٻيو ديهه ٻائيد سانگيءَ ۾ آهي. ان ڪانسواءِ عاقل ڳوٺ پرسان به هڪ ڍورو آهي. هنن کي گُڪو سڏيو وڃي ٿو. مشهور آهي ته محمد ايوب کهڙو ان ڍوري کي گُڪو جي نالي سان سڏيندو هو.

موجوده وقت 2011ع ۾ به تاج جتوئي ڳوٺ پرسان ڍوري جي ڪنارن سان گهاٽا ۽ قداور وڻ عجيب نظارو پيش ڪن ٿا. خاص ڪري ڪجيءَ جا ڊگها وڻ جنهن هوا تي جهولن ٿا ته ان جهومندڙ وڻن جو عڪس گهاڙ جي نيرائين پاڻيءَ تي مدهوش ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

ان ڍوري کي دادو ڪينال ڪٽي به اڌ ڪري ڇڏيو آهي. اتي دادو ڪينال تي هڪ ريگيوليٽر ٺهيل آهي. جنهن پرسان ٿي بنگلي ۾ پوليس جو ٿاڻو قائم آهي. دادو ڪينال جي پُل پار ڪرڻ بعد ماڻهو پير شير جي حدن ۾ داخل ٿي وڃي ٿو.

**پير شير:**

پيرشير هن علائقي جو مشهور پير آهي، جيڪو ٻه صديون اڳ گمبٽ مان لڏي اچي هت رهيو هو. سندس اصل نالو قطب الدين هو، پر چون ٿا ته هُن جي زيارت تي هڪ شينهن پڻ ايندو هو. انڪري هُو پير شير جي نالي سان مشهور ٿي ويو. هن جي مزار به عمارت سازيءَ جو شاهڪار آهي. خاص ڪري هن جي مٿان بيهاريل اُبو گنبذ منفرد انداز جو لڳي ٿو. مقبري جي مهاڙيءَ تي پراڻو ڪاشيءَ جو ڪم به جاذب نظر آهي. اڳي پير شير وارو سارو علائقو ساون گهاٽن وڻن سان جهنجهيل هو. وڻن جو چانورو ايڏو ته گهاٽو هوندو هو، جو ڪٿان به سج ظاهر نه ٿيندو هو خاص ڪري مقبري جي آسپاس ڦهليل نيرن ۽ اڇن گلن واريون وليون روح کي راحت ڏينديون هيون. پير شير جي مزار وٽ ڪيترائي پاڻيءَ جا ڀريل دِلا ۽ مَٽ پيا هوندا هئا. ڪچي ۽ آسپاس ڳوٺن جا راهرو اتي ڪجهه دير آسيس حاصل ڪري وري پنهنجي منزل ڏي رخ رکندا هئا. اتي زيارتن ۽ مسافرن جي رهڻ لاءِ هڪ مسافر خانو به هوندو هو. ان ڪانسواءِ روضي اندر اگربتن جي ڦهليل خوشبو ۽ پراڻن گلن جي سڳنڌ جو واس زيارتن جي ساهن ۾ سمائجي ويندي هئي.

هن تر جي ماڻهن ۾ پير شير جو ميلو مشهور آيو. جيڪو هر سال ارڙهين کان ويهين ذوالحج ڌاري لڳي ٿو. ان ميلي لاءِ پيرعلي محمد شاهه راشدي تقريباً هڪ صدي اڳ احوال هن ريت لکيو آهي. جنهن هن اٺن سالن جي عمر ۾ اهو ميلو ڏٺو هو.

پيرشير جي درگاهه جو سجاده نشين انهن ڏينهن ۾ پير نالي چڱو مرحوم هوندو هو. ميلي ۾ هزارين ماڻهو اچي شامل ٿيندا هئا. ناچو، ڳائڻا، ڳائڻيون ملڪان ملڪون اچي ويندا هئا. بي تحاشا ننگر هلندو هو. رات ڏينهن راڳ جون مجلسون هونديون هيون. پير صاحب پاڻ مير مجلس بڻجي ويهندو هو. راڳ هلندي ماڻهو مٿانهن گهوران گهور روڪڙ ڳائڻين ڏانهن اڇلائيندا هئا. ٽي ڏينهن ميڙو متل رهندو هو. لاڙڪاڻي جا سمورا ديسي آفيسر مدعو هوندا هئا.“

منهنجي به (راقم الحروف) شاگرديءَ دوران (1972ع پير شير جي گادي نشين جي فرزند علي ڏنو شاهه سان دوستي ٿي وئي. علي ڏنو شاهه ڪرڪيٽ جو سٺو رانديگر هو. هن سان واقفيت ڪري اڪثر سندن ڳوٺ اچڻ وڃڻ رهندو هو. ان وقت گادي نشين علي ڏنو جو والد پير شير هوندو هو. اڪثر ميلي جي موقعي تي علي ڏنو شاهه دوستن کي دعوت ڏئي وٺي ايندو هو.

مون زندگيءَ ۾ پهريون دفعو پير شير جي ميلي جي موقعي تي چند دوستن سان گڏ ڪنهن ناچڻيءَ جو رقص به ڏٺو هو. ايترن مردن جي وچ ۾ هڪ ڇوڪريءَ کي رقص ڪندي ۽ ماڻهن جي هٿن مان پئسا وٺندي عجيب لڳو هو. مون کي ايترن شڪاري نظرن جي گهيري ۾ پيسن جي ٻل تي ناچڻيءَ جي تذليل ڏسي الائي ڇو ان غريب ڇوڪريءَ تي رحم پيو اچي. زندگيءَ ۾ پوءِ مون اهڙي ناچ ڏسڻ کان توبهه ڪئي. افسوس اسان جو دوست علي ڏنو شاهه هڪ هنگامي خيز زندگي گذاري وچولي وهيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو.

بهرحال ذڪر پي هليو اسان جي ننڍپڻ ۾ ڏٺل گهاڙو واهه جي موج ۽ مستين جو. اسان اڪثر سير تفريح ۽ مڇيءَ جي شڪار تي ايندي ويندي گهڻو ڪري پير شير جي ٿڌي ٺانئري ماحول ۾ ڪجهه دير وسرام ڪري، وري لاڙڪاڻي طرف پنهنجو واپسيءَ جو پنڌ شروع ڪندا هئاسين. پير شير لاڙڪاڻي جي وچ ۾ هڪ خوبصورت وڻن جي ڇٽيءَ سان ڍڪيل شاندار ٽاپ (سڙڪ) هوندي هئي. جنهن کي ڪو ادارو وڏي ايمانداريءَ سان سنڀاليندو هو. ٽاپ تي هر روز تازو چنڪار ٿيل هوندو هو. ٿوري ٿوري فاصلي تي بيلدار ۽ بيو عملو بالٽن سان چنڪار ۽ صفائي ڪندي نظر ايندا هئا. انڪري آلي مٽيءَ جي خوشبوءِ چوڌس ڦهليل هوندي هئي.

اسان جي ساڄي پاسي نانگ جيان وراڪا ڪندو گهاڙ جو خوبصورت وهڪرو وهندو هلندو هو. گهاڙ جو سينو 100 فوٽ کان 200 فوٽ ڇوڙو هئڻ ڪري پرين پڪ تي گهاٽن باغن ۽ ڪنارن تي بيٺل باغائي سولائي سان سڃاڻي سگهبا هئا. خاص ڪري جهار هڪلڻ مهل هنن جون هڪلون "ها... هلا... هو... هو... ۽ ڪانياٽن مان ڇڏيل گليليءَ جا ٺڪاءَ ڪنن ۾ پيا پرندا هئا. اتي بين پکن جي لاتين مان گڏ طوطن جي ٽيون... ٽيون نمايان هوندي هئي. انبن جي باغن ڪري هت طوطا گهڻا هوندا هئا. طوطا انبن جي ٻورن ۾ ئي ٻچا ڏيندا هئا. انڪري هن علائقي ۾ هزارن جي تعداد ۾ طوطا ئي طوطا هوندا هئا. اسان ان وڻن جي وچ ۾ قاتل سرنگ نما سڙڪ اندر ٽالارا ڪندي جڏهن گهاڙ جي لهرن تي ڪا ونجهه واري ٻيڙي ترندي ڏسندا هئاسين ته ڪجهه دير بيهي ان دل ٺاريندڙ منظر مان لطف اندوز ٿيندا هئاسين. وڻڪار جي وچ ۾ نيرائي پاڻيءَ ۾ ترندڙ ٻيڙي ڄڻ ڪنهن چترڪار جي لافاني تخليق لڳندي هئي. اهي ٻيڙيون ڪچي مان ڀاڄيون ۽ باغن مان انب ۽ زيتون ۽ ڇانور ڪٽي شهر تائين پهچائينديون هيون. پير شير کان پوءِ پيڏن جي پتڻ تي اڪثر ٻيڙيون نظر اينديون هيون.

سڙڪ جي ٻنهي پاسن تي خاص ڪري گهاڙ ڪپر وڻن، ٻوٽن ۽ ڇهڇ سائي ڇٻرائي سان ڍڪيل هوندو هو. ماڻهو چاهي ته ڪنهن به هنڌ قدرتي سائي ڇٻرائي جي بستري تي ڇيلهه سڌي يا آرام ڪري سگهندو هو. گهاڙ جا ڪي ورن وڪڙن وارا منظر من کي موهيندڙ هوندا هئا. ڪنارن تي بيٺل قداور ڪجيءَ جا وڻ ۽ انهن جا پاڻيءَ ۾ پوندڙ پاڇولا خوابي ماحول پيش ڪندا هئا.

گهاڙ واهه جي ڦاٽ کان وٺي لاڙڪاڻي تائين رستي ۾ گهاڙ جي ڪاٻي ڪناري سان آگاڻي، شيخ ڳوٺ، پارو ڀٽو ڳوٺ، عاقل، گهانگهڙو، جتوئي تاج خان ڳوٺ، پير شير، پيڏا، جمالي ۽ ڀٽن جا ڳوٺ ۽ واهڻ ايندا هئا. مسافر گهڻو ڪري انهن ڳوٺن يا باغن ۾ ٻه ٽي ڍڪ پاڻي جا يا گهاٽي لسيءَ جا ٻه ٽي وٽا پي تازا توانا ٿي وري سفر جاري رکندا هئا.

اهي ڳوناٺا باغن کان سواءِ سايون ڀاڄيون به جام پوکيندا هئا. اسان به تازين ڀاڄين ۽ ميون جي وٽ وٺڻ لاءِ هنن ڏي لڙي ويندا هئاسين. اهي

بئراج سنڌ ۾ تقريباً 78 لک ايڪڙ سيراب ڪري ٿي. هن بئراج مان نڪرندڙ واهن جي ڊيگهه اٽڪل 10750 ميل آهي.

پهريان ٽي واهه سنڌوءَ جي ساڄي ڪناري کان، پويان چار واهه کابي ڪناري کان نڪرن ٿا. انهن ستن واهن مان وري ڪيترا واهڙ ۽ شاخون نڪرن ٿيون. هت اسان ڪي رڳو لاڙڪاڻي جي گهاڙ واهه جو ذڪر ڪرڻو آهي.

**موجوده دور ۾ گهاڙ واهه:**

1932ع ۾ سکر بئراج ٺهڻ کانپوءِ، نوان واهه وهڻ لڳا. هن پراڻي گهاڙ واهه جي موج مستي مري وئي. لاڙڪاڻي شهر مان ته گهاڙ واهه جو وجود ئي ختم ٿي ويو. ان مٿان قديم ۽ سهڻيون پليون بهي ويون. ان اوائلي گهاڙ واهه جي وهڪري جي جاءِ تي هاڻي دادو ڪئنال ۽ رائيس ڪئنال وهڻ شروع ڪيو. البت رائيس ڪئنال مان هن نئين گهاڙ واهه جو منهن لاڙڪاڻي شهر کان هڪ ريگيوليٽر مان ناهيو ويو. جنهنڪري نئين ديري کان وٺي لاڙڪاڻي تائين پراڻو گهاڙ واهه پنهنجو وجود وڃائي ويٺو، پر هاڻي رائيس ڪئنال مان نڪرندڙ نئين گهاڙ واهه کي تقريباً ساڳي گهاڙ جي پراڻي وهڪري مان وهايو ويو. نئين گهاڙ واهه تي نوان ريگيوليٽر ۽ موريون ناهيون ويون آهن. پراڻا زميندارن جا ڪوٺايل واهه ختم ٿي ويا آهن. جيڪي اڻ کان وٺي ڏهن ميلن تائين ڊگها هوندا هئا. هاڻي ان جي جاءِ تي ننڍڙا واهه ۽ ٽوري ايراضي وارا وڃي رهيا آهن.

گهاڙ واهه رائيس ڪئنال مان، لاڙڪاڻي شهر کان R.D .255 لاهوري ڪراس ريگيوليٽر وٽان نڪري ٿو. گهاڙ واهه جي ڊيگهه 23 ميل ڊسپارج 3283 ڪيوسڪس آهي. هن واهه تي 26772 ايڪڙ زمين رکيل آهي. گهاڙ واهه مان 110 واهه نڪرن ٿا. هن ڪراس ريگيوليٽر کانپوءِ گهاڙ واهه پراڻي گهاڙ واهه مان وهي ٿو. گهاڙ واهه مان هيٺيون شاخون ۽ واهه نڪرن ٿا.

(1) گهاڙي مائنر: گهاڙي مائنر، گهاڙ واهه مان 25. R.D وٽان کبي طرف کان نڪري ٿو. هن مائنر جي ڊيگهه 2.6 ميل آهي. ڊسچارج 8. 24 ڪيوسڪس اٿس. هن مائنر تي 1561 ايڪڙ زمين رکيل آهي. گهاڙي مائنر مان 13 واهه نڪرن ٿا.

(2) گهاڙي شاخ: گهاڙي شاخ، گهاڙ واهه مان 31. R.D کان کبي طرف نڪري ٿي. هن شاخ جي ڊيگهه 0. 8 ميل آهي. ۽ ڊسچارج 6. 122 ڪيوسڪس آهي. هن شاخ تي 6696 ايڪڙ زمين رکيل آهي. گهاڙي شاخ مان 46 واهه نڪرن ٿا.

(3) ڪور ڏاتو برانچ: ڪور ڏاتو برانچ گهاڙ واهه مان 34. R.D کان کبي طرف نڪري ٿي. هن برانچ جي ڊيگهه 11 ميل ڊسچارج 8. 220 ڪيوسڪس آهي. هن تي 13281 ايڪڙ زمين رکيل آهي. ڪور ڏاتو برانچ مان 70 واهه نڪرن ٿا.

(4) دو آبو شاخ: دو آبو شاخ گهاڙ واهه مان 41. R.D کان نڪري ٿي. هن شاخ جي ڊيگهه 8. 3 ميل ڊسچارج 87. 54 ڪيوسڪس آهي هن شاخ تي 2860 ايڪڙ زمين رکيل آهي. هن شاخ مان 72 واهه نڪرن ٿا.

(5) نور واهه: نورواهه گهاڙو واهه مان 51. R.D ان نڪري ٿو. هن واهه جي ڊيگهه 12 ميل ڊسچارج 8. 798 ڪيوسڪس آهي. نورواهه تي 471، 17 ايڪڙ زمين رکيل آهي. نورواهه مان 74 واهه نڪرن ٿا. هي نورواهه سنڌ جي حاڪم ميان نورمحمد ڪلهوڙي گهاڙ واهه مان ڪيرايو هو.

- حاصلا مائنر: حاصلا مائنر نورواهه مان 10. R.D کان نڪري ٿو. هن مائنر جي ڊيگهه 7 ميل ڊسچارج 30. 116 ڪيوسڪس آهي. هن مائنر تي 6174 ايڪڙ زمين رکيل آهي. هن مان وري 43 واهه نڪرن ٿا.

- ڪلر مائنر: ڪلر مائنر، نورواهه مان 24. R.D کان نڪري ٿي. ڪلر مائنر جي ڊيگهه 2. 6 ميل آهي. ڊسچارج 30. 133 ڪيوسڪس اٿس. هن مائنر تي 7323 ايڪڙ زمين رکيل آهي. هن مان 43 واهه نڪرن ٿا.

نور مائنر: نور مائنر نورواهه مان 25. R.D کان نڪري ٿي. هن مائنر جي ڊيگهه 5 ميل ڊسچارج 40. 77 ڪيوسڪس آهي. هن مائنر تي 3991 ايڪڙ زمين رکيل آهي. هن مان 20 واهه نڪرن ٿا.

(1) ڪنبو مائنر: ڪنبو مائنر نور مائنر مان 0. 12 R.D مان نڪري ٿي هن مائنر جي ڊيگهه 6. 1 ميل ڊسچارج 40. 14 ڪيوسڪس آهي. هن تي 917 ايڪڙ زمين رڪيل آهي. ڪنبو مائنر مان 10 واهه نڪرن ٿا.

- ڦتومل واهه: ڦتوهل واهه، نور واهه مان R.D 31 ڪان نڪري ٿو. هن جي ڊيگهه 4. 5 ميل آهي ۽ ڊسچارج 8. 78 ڪيوسڪس آهي. ڦتوهل واهه تي 4519 ايڪڙ زمين رڪيل آهي. هن مان 30 واهه نڪرن ٿا.

(6) آبڙي مائنر: آبڙي مائنر گهاڙ واهه مان 70. R.Dڪان سڄي طرف نڪري ٿي. هن جي ڊيگهه 0. 3 ميل، ڊسچارج 3. 43 ڪيوسڪس آهي. آبڙي مائنر تي 2370 ايڪڙ زمين رڪيل هي. هن مان 12 واهه نڪرن ٿا.

(7) راڄ واهه: راڄ واهه گهاڙ واهه مان 73. R.D ڪان نڪري ٿو. هن جي ڊيگهه 2. 3 ميل، ڊسچارج 3. 51 ڪيوسڪس آهي. راڄ واهه تي 2985 ايڪڙ زمين رڪيل آهي. هن مان 23 واهه نڪرن ٿا.

(8) ڪورمتل مائنر: ڪورمتل مائنر گهاڙ واهه مان 90. R.D ڪان سڄي طرف نڪري ٿي. هن جي ڊيگهه 3. 6 ميل، ڊسچارج 0. 92 ڪيوسڪس آهي. ڪورمتل مائنر تي 5172 ايڪڙ زمين رڪيل آهي. هن مان 33 واهه نڪرن ٿا.

(9) نصير برانچ: گهاڙ واهه مان 93. R.D ڪان سڄي طرف نڪري ٿي هن جي ڊيگهه 12 ميل، ڊسچارج 467 ڪيوسڪس آهي. نصير واهه تي 12916 ايڪڙ زمين رڪيل آهي. هن مان 63 واهه نڪرن ٿا. هن واهه کي گڻ واهه به چوندا آهن. جيڪو بئراج ڪان اڳ پراڻي گهاڙ واهه مان وهندو هو.

(a) وڳڻ مائنر: وڳڻ مائنر نصير برانچ مان 13. R.D ڪان کبي طرف نڪري ٿي. وڳڻ مائنر جي ڊيگهو 6. 3 ميل ۽ ڊسچارج 2. 98 ڪيوسڪس آهي. هن شاخ تي 5421 ايڪڙ زمين رڪيل آهي. هن شاخ مان 24 واهه نڪرن ٿا.

(b) آچا مائنر: آچا مائنر، نصير واهه مان 29. R.D مان نڪري ٿي هن جي ڊيگهه 6. 3 ميل، ڊسچارج 5. 45 ڪيوسڪس آهي. آچا مائنر تي 2424 ايڪڙ زمين رڪيل آهي. هن مان 12 واهه نڪرن ٿا.

c- ڪور رتو مائنر: ڪور رتو مائنر نصير واهه مان 34. R.D ڪان کبي طرف نڪري ٿي. هن مائنر جي ڊيگهه 7. 2 ميل، ڊسچارج 7. 49 ڪيوسڪس آهي. ڪور رتو مائنر تي 1506 ايڪڙ زمين رڪيل آهي. هن مان 10 واهه نڪرن ٿا.

سردار مائنر: سردار مائنر ڪور رتو مائنر مان 5. R.D ڪان نڪري ٿي. هن مائنر جي ڊيگهه 74. 2 ميل، ڊسچارج 92. 29 ڪيوسڪس آهي. سردار مائنر تي 1889 ايڪڙ زمين رڪيل آهي. هن مان 16 واهه نڪرن ٿا.

(10) ڪمبائينڊ چيلو شاخ: ڪمبائيڊ چيلو شاخ گهاڙ واهه جي پڇڙي 118. R.D ڪان نڪري ٿي. هن جي ڊيگهه 2. 1 ميل، ڊسچارج 360 ڪيوسڪس آهي. هن تي 393 ايڪڙ زمين رڪيل آهي. هن مان 6 واهه نڪرن ٿا.

(11) چيلو شاخ: چيلو شاخ گهاڙ واهه مان پڇڙي ڪان 118. R.D وٽان نڪري ٿو. هن جي ڊيگهه 7 ميل ڊسچارج 170 ڪيوسڪس آهي. هن تي 6048 ايڪڙ زمين رڪيل آهي. هن مان 31 واهه نڪرن ٿا.

(a) ڪورهاشم: ڪور هاشم ڪمبائينڊ چيلي واهه مان 6. R.D ڪان سڄي طرف نڪري ٿي. هن جي ڊيگهه 8 ميل. ڊسچارج 172 ڪيوسڪس آهي. هن تي 3808 ايڪڙ زمين رڪيل آهي. هن مان 41 واهه نڪرن ٿا.

(b) لنڊي مائنر: لنڊي مائنر ڪور هاشم شاخ مان 31. R.D ڪان نڪري ٿي. هن جي ڊيگهه 5. 5 ميل ڊسچارج 4. 52 ڪيوسڪس آهي. هن تي 4782 ايڪڙ زمين رڪيل آهي. لنڊي مائنر مان 32 واهه نڪرن ٿا.

(12) ميرواهه: ميرواهه ڪمبائينڊ چيلي واهه مان 6. R.D ڪان سڄي طرف نڪري ٿو. ميرواهه جي ڊيگهه 12 ميل، ڊسچارج 16. 81 ڪيوسڪس آهي. ميرواهه تي 8919 ايڪڙ زمين رڪيل آهي. هن مان 80 واهه نڪرن ٿا.

(13) سنهڙو چيلو واهه: سنهڙو چيلو واهه، چيلي واهه مان 35. R.D ڪان نڪري ٿو. هن واهه جي ڊيگهه




ليکڪ (ساڄي تصوير ۾) 1967ع ۾ پنهنجي وڏي ڀاءُ مشتاق انصاري سان گهاڙواهه ڪناري، 2007ع ساڳي هنڌ جو منظر



ميان شاهل محمد جو مقبرو جنهن گهاڙواهه جي کوٽائي ڪرائي



گهاڙ واهہ ڪناري پير شير جو مقبرو



پير شير جي مقبري تي لڳل خوبصورت ڪاشي



گھاڙ واھ ڪناري سنڌ جي مشھور جرنيل شاھ بھارو جو مقبرو



ميان الياس جو مقبرو- ھٽڙي



موجوده وقت گهاڙ واهه جو باقي بچيل ڍورو

## سنڌ ۾ رهندڙ قبيلا (1700ع ـ 1500ع)




موجوده رهندڙ قومون 1700 ـ 1500ع (مهدي شاهه جي ڪتاب "ابڙو وڏ وڙو" مان ورتل)

# جاگرافيائي ڏسٽي (1700ع-1608ع)




موجوده رهندڙ تومون 1700_1608ع (مهدي شاهه جي ڪتاب "ابڙو وڏ وڙو" مان ورتل)




موجوده رهندڙ قومون 1847ع (مهدي شاهه جي ڪتاب "ابڙو وڏ وڙو" مان ورتل)

# گهاڙ ڪئنال ڊويزن جو نقشو 1903ع




گهاڙ واهه ڪئنال جو نقشو (مهدي شاهه جي ڪتاب "ابڙو وڏو وڙو" مان ورتل)



ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو

# سنڌ جو گمنام صوفي شاعر ۽ گائڪ
# پيرل فقير ’خوشدل‘

ميان محمد هارون کي اها خبر ڪانہ هوندي، تہ سندس هيءُ ننڍڙو پٽ، جنهن جو پاڻ پيار مان نالو ’پيارل‘ رکيو هئائين، سو اڳتي هلي هڪ اُڀرندڙ ستارو، صوفي باصفا، سخنور ۽ شاعر، راڳي ويراڳي ۽ مست الست ڪو گوَيو ٿيندو ۽ دنيا کيس پيرل فقير ’خوشدل‘ جي نالي سان سڃاڻندي. پاڻ اصل کان نيڪ صالح ۽ پيءُ ماءُ جو فرمانبردار ٻار هو، باقي راڳ جي رمز ٻالجتيءَ کان ئي هئس، جو تہ راڳ سندس رڳ رڳ ۾ رچيل هو، سنجهي کان جو ڳائڻ شروع ڪندو هو تہ وڃي پرھ ڦٽي، جنهن ۾ نہ رڳو پنهنجو ڪلام، پر اڳين بزرگ شاعرن جو ڪلام بہ پيش ڪندو هو. سندس رياض ۾ ايڏو تہ رس هو، جو ٻڌندڙ سندس گائيڪي ۽ آلاپن تي موهت ٿي پوندا هئا

**ولادت**: اپريل جي 12 تاريخ، سن 1882ع تي ميان محمد هارون کي هڪ پٽ ڄائو، جنهن کي ’پيارل‘ سڏيائين، سو شاعري، گائيڪي ۽ فقراهي دنيا ۾ ’پيرل فقير‘ جهي نالي سان مشهور ٿيو. ميان محمد هارون، ذات جو پڙهيار، سندس ڳوٺ واهڙ (تعلقو سيوهڻ ضلعو دادو) هو، سندس شادي تعلقي ڪنڊياري جي تاريخي ڳوٺ ’بازيدپور‘(1) جي مگريہ قبيلي مان ٿي، ان ئي گهر مان پيرل پيدا ٿيو، جيتوڻيڪ ميان محمد هارون کي ٻي گهر واري بہ هئي، پر ان مان اولاد ڪين ٿيس. پيرل ا۽ا صغير ئي هو تہ، سندس والد کيس يتيم ڪري هن دنيا مان گذاري ويو، پوءِ هن ننڍڙي پيرل کي ڳوٺ جي لڪياري سيدن پاليو. چون ٿا تہ، سيد مراد علي شاھ لڪياري(2)، واهڙ وارو سندس ٿج شريڪ ڀاءُ هو(3)، پوءِ اها خبر نہ ٿي پئجي سگهي تہ، مراد علي شاھ سندس ٿج شريڪ هو يا پيرل ساڻس ٿج شريڪ ٿيو، والله اعلم.

جيتوڻيڪ پيرل ڄائو پڙهيارَ جي گهر ۾، نينو واهڙي سيدن وٽ ۽ ناناڻا بازيدپورائي مگريا هئس، انهن مختلف نسبتن هوندي پيرل پاڻ کي ’مگريو‘ ئي سڏائيندو هو ۽ جوان ٿيڻ کان پوءِ سندس گهڻو ٽڪو رهڻ بازيدپور (تعلقو ڪنڊيارو، تڏهوڪو ضلعو نوابشاھ ۽ موجوده نوشهروفيروز) ۾ ٿيندو هو. اهوئي سبب آهي، جو نہ رڳو سنڌي ٻوليءَ جي گهڻن ليکڪن ۽ صوفين(4)، راڳين ۽ سنگتين کيس ’مگريو‘ لکيو ۽ ڳايو آهي.

**تعليم ۽ تربيت**: پيرل فقير جڏهن ڇهن سالن جو ٿيو، تہ پنهنجي رضائي ڀاءُ مراد علي شاھ سان گڏ کيس اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو، پاڻ گهڻو ذهين ۽ فطين هو، سو هر سال جي امتحان ۾ پهريون نمبر ايندو هو، جنهنڪري استاد جو بہ مٿانئس گهڻو راض ٿي پيو، ان دوران پاڻ قرآن مجيد ۽ رواجي ٽي درجا سنڌي سميت ڏوايو(5) ۽ ٽوايو(6) پڙهي مڪمل ڪيائين، بس ان کان وڌيڪ نہ پڙهي سگهيو. سندس آواز بهترين هو، جنهنڪري اسڪول جي زماني ۾ بہ ڳائيندو هو.

پاڻ حليم الطبع ۽ صابرين هو، ڪنهن سان بہ سينو نہ ساهيائين، بس جيڪو ’مُڙي سو جُڙي‘ جو قائل ۽ هر وقت پاڻ کي مهميزون ڏيندو هو، جيئن سندس ئي هن شعر مان ظاهر ٿئي ٿو:

ٻيائي ڪيڻ ٻئي مان، سڀ ڪنهن کي سهنجي،
پاٺهي چوڻ پاڻ ’کي، اها آهي اهنجي،
مام اها منهنجي، پوري آهي ’پيرل‘ چوي

وري ٻي هنڌ چوي ٿو تہ:

**سير سفر:** مرشد جي اجازت ملڻ بعد پاڻ ڪٿي به هڪ هنڌ ويهي ٽڪاڻو نه ڪيائين، مختلف جاين تي مڪان اڏي وڃي ويهندو هو، اتي گل ٻوٽا پوکي اهڙي سرسبزي ۽ گل و گلزاري ڪندو هو، جو ڏسي نيڻ پيا ٺرن. مڪان جي صفائي اهڙي ڪندو هو، جو اها زمين پئي چَرڪندي هئي، مٿيون پرڻ ۽ ساز سرود جي سنپال جو ڪم سندس طالب ڪندا هئا. هاڻي جڏهن اهو مڪان پنهنجي سونهن سوڀيا ۾ وڃي اوج کي رسندو هو ته ان کي ڇڏي، وڃي ڪنهن غيرآباد مڪان کي آباد ڪندو هو، سندس خيال هو، ته هيءُ دنيا فاني آهي، هر بقاء کي فنا آهي، سو ان جو اظهار هُو دنيا ۾ ئي ڪري، پاڻ اکين سان پسندو هو، جڻ ته هُو دنيا جي فنائي ۽ آخرت واري زندگي جو مشاهدو، دنيا ۾ ئي ڪرڻ گهرندو هو، ته هيءُ باغ باغيچا، گل و گلزاريون، مال و متاع، رزق ۽ اولاد سڀ بي بقاء ۽ عارضي آهن، اصل شيءِ الله جو جلوو آهي، ان مناسبت سان، سندس ئي هڪ شعر آهي ته:

بي بقا زمانو، سڀ ڪجھ فنا ٿي ويندو،
'پيرل' ڪان پڇ ته، تنهنجو دلبر ڪٿي ڪٿي.

مرشد جي تلقين ڪان پوءِ پاڻ پنهنجي ڳوٺ ۾ نه رهيو ۽ سڄي حياتي سير سفر ۾ گذاريائين. سندس سفر جو سامان وري کهڙو هو، بس ڪشڪول ۽ ستار، جي ڳچيءَ ۾ لٽڪائيندو هو ۽ هٿ ۾ ونگوڙي واري نئيڙي لٺ، سندس ڪل مايا اهائي هئي، جنهن جاءِ تي وڃي آستانو اڏيندو هو ته، اتي طالب پاڻهي اچي مڙندا هئا. ڪاڏي پيتي جي حوالي سان وڏو توڪلي هو، جو ڪجھ مليو ته ورهائي کائيو، جي نه مليو، ته ڪنهن کان گُهربو به ڪين، چوندو هو ته، جنهن مالڪ خلقيو آهي، سوئي رزق پاڻهي رسائيندو، اسان کي ڪهڙي پرواهه آهي بابا!

پاڻ ڪيترين ئي جاين تي مڪان اڏي وڃي وينو جيئن واهڙ(8)، پڙهيار(9) شاهه شڪرگنج، احمد خان جتوئي، ڇني، عاربي(10)، ان کان سواءِ وٽو ڪليار، قاضي احمد، جتوئي نوان، ٺارو شاهه، سيدپور ۽ بازيدپور ۾ مڪان اڏي پنهنجو راڳ رنگ ۽ نياز رياض شروع ڪيائين.

ياد ڪرڻ گهرجي، ته سندس ماءُ 'بازيدپور' جي مگريو قبيلي سان تعلق رکندڙ هڪ نيڪ مائي هئي، تنهنڪري فقير هتي گهڻو رهندو هو ۽ پاڻ کي ماءُ جي نسبت سان 'مگريو' ئي سڏائيندو هو، اهوئي سبب آهي، جو اڪثر ليکڪن کيس 'مگريو' لکيو آهي ۽ جن سندس ڪلام ڳايو يا ترتيب ڏنو، تن مان گهڻن کيس ان مٿي ذڪر ڪيل قبيلي جو شاعر ۽ ڳويو لکيو آهي، انهن مان ڪتاب 'صوفي ساجاهه' جو ليکڪ، صوفي قربان علي خاصخيلي به آهي، جنهن کيس پنهنجي مذڪوره ڪتاب ۾ خواجه محمد پيرل مگريو 'صاحب دل' لکيو آهي(11).

جيستائين بازيدپور جو تعلق آهي ته، هي ڳوٺ ساهتي پرڳڻي جي مشهور شهر ڪنڊياري کان ڇهه ڪوهه ڏور، ڏکڻ طرف واقع آهي. بازيدپور اصل ۾ بايزيدپور، ايران جي مشهور صوفي بزرگ حضرت بايزيد بسطامي (وفات: 261هه/875ع) جي نالي سان منسوب آهي، پر عام استعمال ۽ بي تڪلفيءَ ڪري بايزيدپور مان ڦري 'بازيدپور' ٿي ويو(12).

پيرل فقير سن 1922ع ڌاران بازيدپور آيو ۽ مرڪئي شهيد واري مقام ۾ پنهنجو مڪان اڏي وينو، هيءُ مڪان، ڳوٺ کان ڏکڻ ۾ پريا سٺي ڏانهن ويندڙ رود جي ڪناري تي واقع آهي. ڪنهن وقت هيءُ وڏو منڊل هو، وڏيون ڪچهريون ۽ راتين جون راتيون راڳ ويراڳ جون محفلون هلنديون هيون، ڳوٺ جا راڳي توڙي عام ماڻهو اتي وڃي پنهنجي دل وندرائيندا هئا. هتي پيرل فقير پنهنجو آستانو اڏي ٻارهوئي وينو هوندو هو، تنهنڪري پري پري کان راڳي اچي راتيون ٽِڪندا هئا ۽ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا هئا. پير فقير وٽ هِند- سنڌ جا ڪيترائي فنڪار ايندا هئا، جن ۾ گواليار خاندان جو فرد استاد ٻيبو خان، سيد محمد شريف شاهه ۽ حافظ محمد اسحاق پنهور جهڙا فنّ جا ماهر هن آستاني تي پنهنجي سُرن جي ورڪا ڪري ويا آهن. پيرل فقير بازيدپور ۾ اٽڪل چار سال کن رهيو، هِتي وڏي گل و گلزاري ڪري، رات ڏينهن راڳ جي رياضت ڪندو هو، وٽس ملڪ جا وڏا وڏا فنڪار ۽ ڳَويا ايندا هئا، ان ڪانسواءِ ڳوٺ جا به ڪيترائي نوجوان وٽس راڳ سکيا. اهڙن

شاعريءَ جي مالها ۾ پوئيندو هو، وٽس بحر وزن جو ڪو به قيد ڪونه هو، بس ائين ئي عشق جي سمنڊ ۾ وتندو هو ٽٻيون هڻندو. عام طور اهو مشهور آهي، ته پاڻ جهوڪ واري سائين ۽ خوش خير محمد جي صحبت کان پوءِ شعر چوڻ شروع ڪيائين، پر حقيقت ائين نه آهي، پيرل فقير شروع کان ئي پاڻ پنهنجا شعر ناهي وري جهونگاريندو به هو، ته وري ٻين سڄڻ شاعرن جي شعر کي به پنهنجي گائيڪي ۾ آڻيندو هو. ائين ڪٿي چئجي، ته پيرل هڪ جذباتي شاعر هو، جو ڪڏهن ڪڏهن سندس اندر جا اُڌما جوش ڏئي اُبري ٻاهر نڪري پوندا هئا. اهو وري خاص اهڙن موقعن تي ٿيندو هو، جڏهن پاڻ ڪنهن ٻي شاعر جو ڪلام ٻڌندو هو، پوءِ جي ان جي لفظن يا خيالن ۾، ڪا ڪچائي هوندي هئي يا ڪنهن ريت ڪيس جواب ڏيڻ چاهيندو هو، ته اتي جو اتي ڪيس نهه پهه جواب ڏئي ڇڏيندو هو. اهڙي ڇنڊڇاڻ جو احوال جمال الدين 'مومن' خاصخيلي پنهنجي ڪتاب 'پيرل فقير جي شعر و شاعري' ۾ آندو آهي، جنهن جا ڪجهه واقعات هي آهن:

- هڪ پيري 'احمد' نالي واري ڪنهن شاعر جي ڪلام جو ڪنن تي پڙلاءُ پيس، ته ساڳي ئي تتبع تي يڪدم ڪيس وراڻي ڏنائين:

سڄڻ بنا هن ساري دنيا ۾، سرتيون جيئڻ سور آهي،
طالب بنا محبوب نه ملندو، محبت جو مذڪور آهي.
(احمد)

ان تي پاڻ ڪيس هن ريت جواب ڏنائين:

سڄڻ آئي هن ساري دنيا ۾، مست رهن مخمور يار،
دم دلبر دل ۾ دائم، مرد ڪرن مذڪور يار.
(پيرل)

- وري ڪنهن ٻي شاعر جو شعر، جنهن جو تخلص 'مغموم' هو، ان جو جڏهن شعر ٻڌائين ته ڪيس تنبيهه ۽ تلقين ڪري ٿو، ته جنهن کي محبوب ٿو چوين، تنهن سان گستاخي ڪرڻ نه ٿي سونهين. اجهو مغموم جو هي آهي شعر:

بي وفا دلدار کي دلڙي ڏيڻ ناهي روا،
سنگ دل محبوب سان، ٻولي ٻولڻ ناهي روا.
(مغموم)

پيرل ان کي هن ريت جواب ڏنو آهي، ته جنهن کي دلدار ٿو چوين، تنهن کي بيوفا ڪوٺڻ درست نه آهي ۽ وري ڪيس دل ڏئي وينو آهين، ته وري هٽڻ مناسب نه اٿئي:

بي وفا دلدار کي، ڪنهن پر ڪوٺڻ ناهي روا،
دل ڏئي دلدار کي، واري وٺڻ ناهي روا.
(پيرل)

پيرل فقير مٿي ڄاڻايل شاعر 'مغموم' کي ٻيون به ڪيتريون نصيحتون ۽ سمجهاڻيون ڏنيون آهن، جيئن هن هيٺ ڏنل شعر مان پليءَ پت معلوم ٿئي ٿو:

حسن جلوه، جوت جواني مر پلي ماٺي ملوڪ،
پيچ پائي پرت لائي، پوءِ پٽڻ ناهي روا.
سخت سهڻي کي نه چئجي، نينهن ۾ آهي ندا،
مشتاق ٿي محبوب کي، ائين چوڻ ناهي روا.
سرت سان صورت سڄاڻي، باقدر ٿي باادب،
سرت ڏئي سجدو ڪري، ورچي وڃڻ ناهي روا.

مغرورَ ماڳ تنهنجو، گذر ڪئي ڪئي،
اڻ چاڻ تنهنجي ايڏي، عمر ڪئي ڪئي.
حاڪمَ حڪم هلايا، تختن مٿي ٿي ويهي،
اڪبر سليم تن مان، سڪندر ڪئي ڪئي.
جلوه جمال جنهن جو، شمس و قمر چوان چا،
حيرت حسين يوسف، جوهر ڪئي ڪئي.
قوّت ۾ ها قرارا، جنگي جوان جوڌا،
حمزه، حنيف تن مان، حيدر ڪئي ڪئي.
ملڪيت خزانا ڪيڏا، ميڙي ڪئي ڪيائون،
قارون غني جهڙا، تونگر ڪئي ڪئي.
اصحاب اوءِ اڪثر، بزرگ ڪيئي پلارا،
جيئڙو جيلان وارو، قلندر ڪئي ڪئي.
بي بقا زمانو، سڀڪجھ فنا ٿي ويندو،
’پيرل‘ ڪان پڇ تہ، تنهنجو دلبر ڪئي ڪئي.

پيرل فقير جي ڪلام ۾ سڀئي ادبي خوبيون سمايل آهن. سندس ٻولي سليس، سهڻي ۽ سلوڻي آهي. پاڻ پنهنجي شاعري ۾ ڪئي ڪئي قرآني آيتون، عربي جا الفاظ، محاوره ۽ پهاڪا استعمال بہ ڪيا آهن، سندس اها ادبي سرهاڻ هنن هيٺين شعرن مان پڌري پسي سگهجي ٿي:

وحدت وارو ورق ورائي، ونحن واس وصال،
الاهي احسان ڏنو مون.
وفي انفسڪم واحد وارو، ماهر مام مثال،
فالمّ هي فرقان ڏنو مون.
الانسان سري وانا سره، هردم حاضر حال،
صنم سر سبحان ڏنو مون.
پسي ’پيرل‘ پر ۾ پرين ڪي، نظر ساڻ نهال،
نينهن نسنگ نيشان ڏنو مون.

اهڙو ئي نوعيت جو سندس هڪ ٻيو شعر آهي:

تات طلب آ تن ۾ تن جي، جن هي جوش جاڳايو آ،
جن هي جوش جاڳايو آهي، رمزن ساڻ ريجهايو آ.
ساعت ساعت صاف سهڻي جو، سيني سير سمايو آ،
مورئون مٽ اچي نہ مون کي، ڏاڍي تاءُ تپايو آ.
سُتي ويٺي سوز سڄڻ جو، سارو ڏينهن سوايو آ،
هلندي ويهندي بره بلاشڪ، سچ هي سبق سيکاريو آ.
فاذڪروني اذڪرڪم جو، روحي راز رسايو آ،
’پيرل‘ پڙهہ پيغام اهو، جيڪو ڀڄڻ ٻول ٻڌايو آ.

پيرل فقير جو ان حوالي سان هڪ ٻيو شعر، جنهن ۾ پاڻ نہ رڳو عربي لفظن جو استعمال ڪري ٿو، پر ان سان گڏ پاڻ سوڌو سڄي مخلوق کي نصيحت ۽ هدايت ڪري ٿو تہ وري نفس جي تربيت لا دڳ راهون پڻ ڏسي ٿو:

جي پاڻئين جوڳي ٿيا، تہ ويسر سڀ وسار،
فاذڪروني فرض ڪي، تنهن منجهہ تنوار،
الدنيا ساعة ليس فيها راحة(16)، اهائي وائي وار،
تنهان پوءِ پچار، 'پيرل' ڪر پرت جي.
'پيرل' پچڻ پتنگ جيان، درد وندن درڪ،
توڙ نباهين نيهن کي، ڏين طمع کي ترڪ،
لامقصود في الدارين الاهو(17)، حاصل ڪيائون حق،
سِڪيُئي جو سبق، سو پڪو ڪجاءِ پرت سان.

پيرل فقير جي ڪلام ۾ اسان کي محاورا بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، هت اسان سندس ڪجهہ اهڙا شعر پيش ڪري رهيا آهيون، جن ۾ محاورن سان گڏ اکين جي اُرهہ زورائي ۽ سندن مستيءَ کي بہ ڳايو اٿس، جيئن چوي ٿو:

وڏا ونجهہ وڙهڻ جا، اکين ڪيَ آهين،
مُنيون مُندي مامرو، جهيڙو نہ لاهين،
'پيرل' اکين ڪي آهين، اوهيرا اچڻ جا.
رئنديون رئڻ واريون، پارڻ جن پريو،
مُليون اچن نہ ماٽ ۾، ٿيڙن چت چريو،
ڪنيو نيڻ نياز مان، واجهائين وريو،
انهيءَ ۾ پريو، 'پيرل' پس پرين کي.

اهڙيءَ ريت پاڻ هنج پکيءَ لاءِ فرمائي ٿو تہ، هُو ڪيئن نہ خودار ۽ محتاط آهي ۽ هلڻ گهمڻ ۾ پنهنجي ڏاهپ، خبرداري ۽ وقار سان پير کڻي ٿو:

هنج پنهنجي حال سان، هردم حق هلن،
چُڻن چونگارن، پرجهي پيرَ کڻن،
جاچي جوءِ جَرَ جي، ٻرتئون نهارن،
'پيرل' تن پکين، سِر سداءِ سرهو.

هيٺ پيرل فقير جو هڪ اهڙو شعر پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ پاڻ سنڌي پهاڪن کي بہ ڪتب آندو اٿس، جيئن:

سؤ وجائجي، ساهُ نہ وجائجي، چڱا ائين چون،
پَر اها 'پيرل' چوي، ڪي ٿا رند رکن.

ياد رهي تہ صوفيءَ جي ڪلام ۾ وزن، ڪافيي ۽ رديف جي جوڙجڪ گهٽ ٿي هوندي آهي ۽ اهڙيءَ ريت سندن ڳائڻ ۾ پڻ ڌُن ۽ آوازن جي هيٺائين مٿائين جو لحاظ پڻ مڙني ڪو هوندو آهي، پر سندن آواز ۾ جيڪو آلاپ، درد ۽ دل گدازي هوندي آهي، سو اهي ٿي انداز ٻڌندڙ کي موهي وجهندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ ٻڌندڙ، ڳايل ٻولن کي نہ سمجهندي بہ سُرور ۽ سڪون محسوس ڪندو آهي، ڪٿي جو پيرل فقير جو ڪلام اهڙن عروضي اصولن کان آجو آهي، پر سندس ڪلام ۾ جيڪا اندر جي اُڪير ۽ درد سمايل آهي، سو تہ اهي ئي محسوس ڪري سگهن ٿا جي انهيءَ راهہ ۾ رميا هوندا. هت پڙهندڙن جي واس وٺڻ لاءِ هڪ غزل ڏجي ٿو، جنهن ۾ فقير جي اندر جو آواز ۽ حقيقي صحبت جي جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي، اجهو پڙهو هي غزل:

ڪي هن طرح ڪيڪاريندو هو ته: اسان جا ماستر پلي آئين! جڏهن ته ان وقت مان ٻيون يا ٽيون درجو پرائمريءَ جو پڙهندو هئس، پوءِ شايد اهو سندس ئي دُعا جو اثر هو، جو آءٌ اڳتي هلي ماستر ٿيس، مومن خاصخيلي ٻڌايو، ته سندس پيار ۽ پاٻوهه جو ڇا بيان ڪجي، جي ٻه ٽي ڏينهن وٽن حاضري پرائڻ کان ناغو ڪندو هئس ته پاڻ ئي ياد ڪندو هو، وري جڏهن منهنجو مامو محمد رمضان خاصخيلي جنهن کي پاڻ رمز علي فقير سڏيندو هو، سندس طالب ٿيو ته، اسان جو ساڻس تعلق اڃا به وڌيڪ مضبوط ٿيو.

سڀ کان ٻهريان پيرل فقير جي ڪلام تي مومن خاصخيليءَ ڪم ڪيو، جو پاڻ مختصر سوانح حيات سان گڏ سندس ڪلام کي به ترتيب ڏئي 'پيرل فقير جي شعر و شاعري' جي نالي سان ڊيمي سائيز جو 80 صفحن تي پکڙيل هڪ ڪتاب، سن 1986ع ۾ پنهنجي ئي نسبت سان 'مومن پبليڪيشن' جتوئي نوان، پاران ڇپائي پڌرو ڪيو، پاڻ اهو پورهيو خود پيرل فقير جي هٿ اکري بياض تان ترتيب ڏنو هئائين، پر اسان جي تحقيق مطابق پيرل فقير جو ڪلام رڳو ان ۾ بند نه آهي، پر ان کان سواءِ سندس ڪافي ٽڙيل پکڙيل مواد به هو، جو سندس طالبن/فقيرن کي برزبان ياد هو، بازيدپور سان تعلق رکندڙ سندس هڪ طالب، الله اوڀاهيو، مون (ليکڪ) کي پيرل فقير جا شعر جهونگاري ٻڌايا، جو مون پنهنجي ڪتاب 'تاريخ بازيدپور' ۾ ڏنا آهن. سي مومن خاصخيليءَ واري ترتيب ڏنل ڪتابڙي ۾ نه آهن، ان مان سمجهه ۾ اچي ٿو ته، پيرل جي ڪافي شاعري سندس پراڻن مڪاني طالبن/ فقيرن وٽ موجود هئي، پر هاڻي ان جي ملڻ جو امڪان گهٽي قدر گهٽجي ويو آهي، جو سندس شاگردن مان هن وقت ڪو به حيات نه آهي.

**هم عصر شعراءِ:** هونئن ته پيرل فقير جا ڪيترائي هم عصر شاعر هئا، جي پنهنجي دؤر ۾ سٺو ڪلام جوڙڻ جي سگهه رکندا هئا، پر هتي اسان صرف سندس زماني جا اهي شاعر ڏئي رهيا آهيون، جن سان ساڻس ڪنهن نه ڪنهن ريت تعلق رهيو آهي، اهڙن شاعرن ۾ محمد فقير ڪنياڻ، خانبهادر امام بخش خان جتوئي 'صابر'، سيد علي شاهه 'خادم'، سيد علي گوهر شاهه، الله بخش ملاح، امام علي واڍو ۽ سيد مهدي شاهه شاهپور جهانيان وارو اچي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ مٿي ڄاڻايل بزرگن جو ڪلام به ڇپيل آهي، پر اختصار کي اپنائيندي هتي اسان رڳو سندن نالن ڏيڻ تي ئي اڪتفا ڪئي آهي.

**طالب/فقير:** پيرل فقير پنهنجي حياتيءَ ۾ اٽڪل ٻارهن جاين تي پنهنجا مڪان اڏي ويٺو، جتي به رهندو هو، ته اتي گل و گلزاريون ڪري ڇڏيندو هو، وري جڏهن اهو مڪان مڃي موج تي پهچندو هو، ته ان کي ڇڏي وري وڃي ڪا اڻ پوئين ۽ ويراني جاءِ ڳولي نئون مڪان اڏيندو هو. سندس چوڻ هو ته، اِها! "رنگ رتو ڇڏجي، ميلو متو ڇڏجي." ان دوران سندس ڪيترا معتقد ۽ صحبتي ٿيا، پنهنجي فقيرن مان ڪنهن لاءِ به ائين نه چوندو هو، ته هو ڪو منهنجو مريد آهي، پر سدائين ائين چوندو هو ته "بابا پاڻ مڙئي سنگت آهيون."

اسان کي سندس جن طالبن/فقيرن جا نالا ملي سگهيا آهن سي هي آهن: رئيس محمد خان جتوئي، علي بخش کوسو، الهه داد خان کوسو، مراد کوسو (هي سندس سازندو ۽ سرندي وڄائڻ جو ماهر هو) محمد رمضان خاصخيلي، گل حسن، سيد علي شاهه، خير محمد خاصخيلي وغيره. (هي مڙئي فقير، دادو ۽ مورو جي آسپاس جا هئا).

جيئن اسين مٿي چئي چڪا آهيون ته 'بازيدپور' سندس ناناڻو ڳوٺ هو، سو اتي به جي سندس طالب ٿيا، تن ۾ الهه اوڀاهيو مگريو، هن مون (ليکڪ) کي پيرل فقير جا ڪجهه اهڙا شعر ٻڌايا، جي ڪنهن به رسالي ۾ نه آهن. الله اوڀاهيو سميت خان محمد ۽ چگل خان جا نالا ملي سگهيا آهن(19).

**وفات ۽ تدفين:** پيرل فقير پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪيترائي مڪان ناهيا، ڦِٽايا ۽ مَٽايا، نيٺ نارو شاهه وارو آخري مڪان ڇڏي، پڇاڙيءَ ۾ نوان جتوئي هليو آيو، جتي اڳ ئي سندس پراڻو مڪان هو، اتي اچي پنهنجي زندگيءَ جون رهيل گهڙيون گهارڻ لڳو، ڪيس مٿي جي لونڊڙين ۾ ڪو سخت سور پوندو هو، سو ان جي



محمد آدم ٻٽ

# مياڻ وال تحريڪ – بلاولي تحريڪ جو تسلسل

16 صدي عيسوي يورپ لاءِ سجاڳيءَ ۽ شعور جي تحريڪ جي صدي طور ڳڻپ ۾ اچي ٿي. هن صديءَ ۾ سائنس ۽ سماجي تحريڪن پنهنجي فڪري ڦهلاءَ ذريعي آزاديءَ ۽ انقلاب جي نويد سان سڄي يورپ کي گرفت ۾ آڻي ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ فرينچ انقلاب جنم ورتو، ۽ يورپ جو انسان، انفرادي آزاديءَ کان اجتماعي آزاديءَ جهڙي نعمت سان نوازجي ويو. مگر سنڌ لاءِ سورهين صدي تمام وڏي ڏچي واري صدي ثابت ٿي. ڄام نظام الدين (ننڍو) جي وفات، دولهه دريا خان ۽ مخدوم بلاول جي شهادت ۽ ارغونن جو سنڌ تي قبضو، اهي ڪجهه اهڙا ترڪيبي جزا (Factors) هئا، جن مستقبل ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ سياسي، سماجي ۽ معاشي حوالي سان وڏيون مشڪلاتون پيدا ڪيون. ٻين لفظن ۾ سورهين صدي عيسوي سنڌي ماڻهن لاءِ غلاميءَ جا زنجير ڪٺي آئي، جنهن ۾ سنڌي ماڻهن جي آزادي سلب ڪري، انهن جي سمورن بنيادي حقن تي ڌاڙا هنيا ويا.

1508ع ۾ ڄام نظام الدين جي وفات بعد سندس پٽ ڄام فيروز حڪومتي واڳون سنڀاليون، پر رياستي معاملن ۾ سندس جي ڪمزور گرفت رهي، جنهن سبب اندروني خانداني اختلاف ٿي پيا ۽ دولهه دريا خان سان به شخصي رنجش پيدا ٿي پئي. هنن واقعن، ارغونن کي (جيڪي اڳ ئي حملي ڪرڻ لاءِ تيار ويٺا هئا.) سنڌ تي لشڪر ڪشي ڪرڻ جو وجهه ۽ موقعو فراهم ڪيو. 'تحفة الڪرام' جي لکڻ موجب "مطلب ته جڏهن نفساني خواهشن ۾ گرفتار ٿي، حڪومت هلائڻ کان بيخبر رهيو، تڏهن مير قاسم ڪيبڪيءَ ملڪ جي حالت معلوم ڪري وڃي شاهه بيگ کي پهچائي. (۽ سنڌ) فتح ڪرڻ جي ترغيب ڏني(1)."

ڄام فيروز کي دراصل ان بيخبري ۽ عيش عشرت واري حالت تائين پهچائڻ ۾ ڪيبڪ ارغونن جي مغل ٽولي جو مکيه ڪردار هو، جنهن جو ذڪر تاريخ طاهري، تحفة الڪرام ۽ تاريخ معصومي سميت سنڌ جي سمورن تاريخي ماخذن ۾ آيل آهي. ڏارين جي ان مغل ٽولي کي ڄام فيروز طرفان ان اميد تحت اعتماد ڪندي ٺٽي ۾ رهائش اختيار ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي، ته اهي ڪيبڪي دولت شاهي ۽ نور ڳاهي هن کي دريا خان جي خلاف سندس مدد ڪندا. ڄام فيروز اهڙي سياسي جهالت پٺي ۽ سياسي ڏاهپ کان خالي بيوقوفانه عمل ڪرڻ وقت اهو نه ڄاتو، ته اهي ماڻهو مٿس ڪهڙا ڏکيا ڏينهن آڻيندا. ڄام فيرزو جي ان نابالغ سياسي حڪمت عملي ۽ ڪوتاهه نگاهيءَ ۽ سندس ماءُ 'مدينه ماڇياڻي جي ڪوٺيل ڪڌ' جتي سما خاندان جي حڪمراني جو زوال آندو، اتي سنڌ کي پڻ غلاميءَ ڏانهن ڌِڪي ڇڏيو.

هوڏانهن ارغون جيئن ته مستقل طور ايران جي صفوي خاندان ۽ ڪابل ۾ بادشاهه ظهيرالدين محمد بابر جي سياسي ۽ فوجي دٻاءَ هيٺ رهڻ سبب شروع کان ڪنهن اهڙي ملڪ جي تلاش ۾ هئا، جتي هو آزاد ۽ خود مختيار حيثيت سان حڪمراني ڪري سگهن. تنهنڪري هنن سنڌ جي فتح جو پڪو فيصلو ۽ ارادو ڪيو. ليڪن سنڌ جو طاقتور بادشاهه ڄام نظام الدين اڃا زنده هو، انڪري هنن سنڌ طرف حملا ڪرڻ واري معاملي کي ايندڙ وقت لاءِ ڇڏي حالتن جو انتظار ڪندا رهيا(2)."

سنڌ تي قبضو ڪري حڪمراني قائم ڪرڻ واري ارغون حڪمرانن جي خواب کي، سيد ميران محمد جونپوري جي سنڌ ۾ آمد، حقيقت جو روپ ونرايو. جنهن پنهنجو پاڻ کي امام مهدي هجڻ جي

دعوي ڪئي، ۽ گجرات کان اچي سنڌ جي علمي مرڪز ٺٽي ۾ داخل ٿيو. ٺٽي ۾ سندس اچڻ ڪانپوءِ ان جي وڌندڙ فڪري اثر سبب معاشري ۾ جيڪي خرابيون پيدا ٿي رهيون هيون، ته ٺٽي جي جيد عالمن ان اثر کي روڪڻ لاءِ وقت جي حڪمرانن آڏو سخت مخالفت ڪئي. نتيجي ۾ ميران محمد جونپوريءَ کي مجبور ٿي ٺٽو ڇڏڻو پئجي ويو. مگر جنهن توهين آميز انداز ۾ کيس سنڌ مان نيڪالي ملي، ان سندس مزاج ۽ سوچ ۾ سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن لاءِ انتقامي رجحان وارا لاڙا پيدا ڪيا. هُو جڏهن سنڌ کان قنڌار پهتو ته انهن ڏينهن ۾ امير ذوالنون ارغون ۽ سندس پٽ شاهه بيگ ارغون، سلطان حسين مرزا جي نائب طور خراسان وارا علائقا سنڀاليندا هئا. ميران مهدي جونپوري، ارغون سلطانن آڏو پاڻ سان ٿيل سلوڪ بابت روئداد پيش ڪري فرياد ڪئي.

شاهه بيگ ارغون جيڪو ذهني ۽ نفسياتي طور بابر بادشاهه جي حملي کان خوف ۾ ورتل هو، سو جونپوريءَ جي فرياد ۽ قاسم ڪيبڪيءَ جي ڏنل رپورٽ ۽ هرڪائڻ تي سنڌ تي ڪاهه ڪري حملو ڪرڻ کي موقع غنيمت سمجهيو. شاهه بيگ ارغون، سبي شال، مستونگ ۽ فتح پور تي حملي بعد قبضو ڪري، اتان هزارين ماڻهو ڀرتي ڪري مير فاضل ڪوڪلتاش جي اڳواڻيءَ هيٺ 200، 40 ويڙهاڪن جو جٿو اڳواٽ ٺٽي روانو ڪري پاڻ ان جي پٺيان آيو، ۽ ٺٽيءَ جي سامهون باغبان جي علائقي ۾ اچي منزل انداز ٿيو. شاهه بيگ جي آمد جو ٻڌي ڀرپاسي جي علائقن جا سمورا چڱا مڙس (وڏيرا) اچي پيش پيا، ۽ ان جي آڏو پنهنجو مٿو ٽيڪي کيس تعظيم ۽ تڪريم پيش ڪيائون(3)." مرزا شاهه بيگ جي خواهش هئي ته علائقي جا سمورا وڏيرا، رئيس ۽ سردار پنهنجي طور اچي پيش پون، مگر ايئن نه ٿيڻ ڪري هن لڪيءَ جي جابلو قطارن مان لنگهي ٺٽي ڏانهن روانگي ۽ پيش قدمي ۾ بهتري سمجهي، ۽ ڪجهه ڏينهن جي مسافت کان پوءِ غالباً 6، 7 محرم تي ٺٽي کان ٽي ڪوهه پري خانواهه جي ڪناري تي اچي ترسيو. ڪجهه ڏينهن اتي ترسڻ بعد شاهه بيگ فوج جي ڪجهه جٿي کي ڪيمپ جي سنڀال لاءِ ڇڏي 11 محرم 926 هجري (1509ع) تي عبدالرحمان دولت شاهي کي ساڻ ڪري ٺٽي جي پاهران اچي حملي ڪرڻ لاءِ بيٺو. هيڏانهن دريا خان، ڄام فيروز کي ٺٽي شهر ۾ ڇڏي سنڌي ماڻهن جو وڏو جٿو ساڻ ڪري شاهه بيگ جي سامهون ٿيو. ٻنهي پاسي جي فوجن وچ ۾ جيڪا گهمسان جي لڙائي لڳي ۽ دوبدو جنهن بهادريءَ سان ويڙهه ڪئي ۽ مقابلو ٿيو. 'هسٽري آف سنڌ' جو ان بابت لکڻ آهي، ته قلم کي ان جي بيان ڪرڻ جي سگهه ئي ناهي.

"The battle began between the two armies, and they fought to such an extent that it can not be described by the pen"(4)

هن لڙائيءَ ۾ دولهه دريا خان شهيد ٿي ويو. سندس شهيد ٿيڻ ڪانپوءِ شاهه بيگ جي فوجن، مسلسل 10 ڏينهن جنهن دهشت، بربريت، وحشت ۽ سفاڪاڻ انداز سان ٺٽي جي سنڌي ماڻهن جو قتلام ڪيو، ملڪيتون لٽيون ۽ ٺٽي شهر کي تاراج ڪري تباهه برباد ڪيو، ۽ جيڪو غير انساني سلوڪ ڪيو، ان سان انساني تاريخ جو ڪنڌ شرم کان جُهڪي وڃي ٿو. سما حڪومت جي خاتمي ۽ سنڌ تي ارغونن ۽ مغلن جي حاڪميت جي قائم ٿيڻ سان، قومي، رياستي ۽ معاشرتي حوالي سان سنڌ کي جن هاڃيڪار مرحلن مان گذرڻو پيو، انهن ۾ بنيادي مسئلو سنڌ جي قومي، ملڪي ۽ جاگرافيائي وحدت هئي. سنڌ هن کان اڳ ملڪي ۽ جاگرافيائي طور قومي وحدت واري مرڪزي حيثيت رکندڙ هئي. ڌارين جي قبضي هيٺ اچڻ بعد، ان جي اها مرڪزي قومي وحدت ٽٽي پئي، جيڪا هن کان اڳ هئي، ۽ سنڌ کي مختلف پرڳڻن ۽ جاگيرن ۾ ورهاست ڪري، ان جي قومي وحدت واري سڃاڻپ کي ختم ڪيو ويو.

سنڌ جي ان قومي وحدت جي ٽٽڻ ۽ ناپيد هئڻ ڪري، سنڌي معاشري تي سياسي، سماجي، معاشي ۽ ثقافتي حوالي سان وڏا هاڃيڪار اثر پيا. جنهنڪري سنڌ جي قومي وحدت جو تاجي پيٽو پنهنجو وجود ئي وڃائي ويٺو. نتيجي ۾ سنڌي سماج اڻ ڳڻين خرابين جو مرڪز بڻجي ويو. سنڌ جي سمورن تاريخ نويسن ان کي 'خرابيءَ سنڌ' سان تعبير

ڪيو آهي. ان کان پوءِ 'خرابيءِ سنڌ' جو باب کلي پيو. جنهن نہ صرف ٺٽي بلڪ سڄي سنڌ لاءِ غيرن جي غلاميءَ جو رستو هموار ۽ صاف ڪري ڇڏيو(5).“

سنڌ وطن جي دفاع خاطر هاڻي شاهہ بيگ سان مهاڏو اٽڪائي منهن مقابل ٺٽي جي نميواري، ٽلٽيءَ جي بزرگ هستي مخدوم بلاول باغبان تي اچي رئي، جنهن پنهنجي خليفن ۽ مدرسي جي شاگردن تي مشتمل پنهنجي نالي پنيان 'بلاولي' جماعت جو بنياد وڌو، جيڪا پوءِ سنڌ جي تاريخ ۾ 'بلاولي تحريڪ' جي نالي سان سڃاڻڻ لڳي ۽ شهرت ماڻي. شاهہ بيگ ارغون ٺٽي مان واندو ٿي جڏهن سيوهڻ پهتو، تہ اها بلاولي تحريڪ ٿي هئي، جنهن مخدوم بلاول جي سربراهيءَ ۾ شاهہ بيگ جي رستا روڪ ڪئي. تنڪره مشاهير سنڌ موجب: ”مرزا سيوهڻ ۾ ترسڻ بجاءِ ٽلٽيءَ ۾ اچي منزل انداز ٿيو. ٽلٽيءَ ۾ منزل انداز ٿي هن علائقي جي زميندارن ۽ معزز ماڻهن کي گهرايائين. مگر ڪيس ٻڌايو ويو تہ هتي جا ماڻهو اوهان جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ لاءِ تيار آهن، مگر مخدوم بلاول جو هن حد جو وڏو عالم ۽ شيخ آهي سو ماڻهن کي روڪي رهيو آهي، بلڪ هو جنگ ۽ مقابلي لاءِ ماڻهن کي تيار ڪري رهيو آهي(6).“ هسٽري آف سنڌ ۾ پڻ ڪجهہ اهڙي طرح سان بيان ٿيل آهي-

"he (shah beg) then sent Kazi kazin to the sons of darya khan to induce them to bend their heads in the path of submission. when he came to these, they would not agree to that what he said(7)."

'هسٽري آف سنڌ' جي مٿي بيان ڪيل منڪور مان، اها حقيقت واضح ٿي ٿئي تہ، صرف مخدوم بلاول اڪيلو نہ، پر سموري بلاولي تحريڪ ۽ جماعت جا فرد ان ڳالهہ تي اتفاق ڪري چڪا هئا تہ هر طرح سان مرڻ مارڻ جي حد تائين شاهہ بيگ ۽ ان جي فوج جو مقابلو ڪيو ويندو. پنهنجي وطن ۽ ان جي مٽيءَ سان محبت وارو جذبو پنهنجي جاءِ تي، مگر سنڌي ماڻهن جو اپڻن اٿل ٿي بيهڻ، درحقيقت محرڪ قوت مخدوم صاحب جي بزرگي ۽ علمي فضيلت سان گڏ اعتماد ۽ ويساهہ واري ساک وارو جذبو ٿي هو. جنهن ڪري ان مشڪل مرحلي تي عام ماڻهو هن سان گڏ بيهي رهيو. ڇاڪاڻ تہ ”هي واحد بزرگ هو، جنهن سنڌ ۾ ٻاهرين اقتدار جي مسلط ٿيڻ جي علي الاعلان مخالفت ڪئي ۽ شاهہ بيگ ارغون سان ٽڪر کاڌو. عبادت ۽ رياضت کان پوءِ ڪيس جيڪو وقت ملندو هو، پنهنجي وقت جو وڏو حصو عوام جي مذهبي، اخلاقي ۽ سماجي حالت سڌارڻ جي ڪوشش ڪندو هو(8).“ اهو ئي بنيادي سبب هو جو شاهہ بيگ، مخدوم بلاول کان بدلي وٺڻ جو ارادو ڪيو.

سنڌ، دولهہ درياخان، مخدوم بلاول ۽ دريا خان جي خاندان جي شهادت جي نتيجي ۾، پنهنجي آزاد وطن ۽ قومي خود مختياريءَ واري حيثيت بہ وڃائي ويٺي. اهڙيءَ طرح سان ارغونن ۽ ترخانن کان مغلن تائين سنڌ اڍائي سؤ سال (يعني اڍائي صديون) ڌارين جي غلاميءَ جي تسلط هيٺ رهي. ان عرصي دوران سنڌين مٿان ظلم، ڏاڍ، جبر ۽ ڦرلٽ جا سمورا پهاڙ ڪيرايا ويا، ۽ سنڌ چاهيندي بہ غلاميءَ جي زنجيرن کي ٽوڙي نہ سگهي. تنهن هوندي بہ ان سموري عرصي ۾ مرزا جاني بيگ جي حڪمرانيءَ جو دور سنڌ ۽ سنڌي عوام لاءِ ڪنهن حد تائين امن ۽ سڪون جو دور رهيو. ارغون ۽ ترخان حڪمرانن منجهان هي واحد حڪمران هو، جنهن جو سنڌي عوام سان رويو ۽ سلوڪ، نرم، رحمدلانہ ۽ عزت ڀريو رهيو. اعجازالحق قدوسيءَ جي لکڻ موجب: ”مرزا جاني بيگ جي فياضين ۽ بخششن جي ڪري، زماني کان پهتل زخمن جا داغ ماڻهن جي دلين تان مٽجي ويا(9).“ تاريخ طاهري، تحفة الڪرام ۽ تاريخ معصومي وغيره موجب، سنڌ جا ماڻهو مغل حڪمرانن جي ظلمن کان تنگ ٿي سک جي ننڊ سمهي نہ سگهيا، سي مرزا جاني بيگ جي حڪمرانيءَ جي دور ۾ سُک ۽ سڪون سان سُتا.

سنڌ جي تاريخ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جو، سنڌ تي حڪمرانيءَ جو ڪل عرصو 92 سال آهي، جنهن ۾ مرزا جاني بيگ جي حڪمراني هئي، ان دور ۾ دهليءَ تي مغل شهنشاهيت جي سڀ کان وڏي حڪمران اڪبر اعظم جي حڪومت قائم هئي. جنهن جي دربار جي نو رتن منجهان ٽن رتن جو تعلق سنڌ سان هو. مغل حڪمران اڪبر جي شهنشاهيت، سياسي

۽ فوجي حڪمت عملي ۽ رعب تاب جو سڄي هندستان تي ڌاڪو ڄمايل هو. اهوئي سبب هو جو اوڌ ۽ گجرات کان وٺي لاهور تائين سڄي هندستان جون سموريون رياستون سندس حڪمرانيءَ جي تابع هيون. هندستان جي سڄي خطي ۾ سنڌ واحد رياست هئي، جيڪا مرزا جاني بيگ جي سربراهيءَ هيٺ آزاد ۽ خود مختيار قومي رياست جي حيثيت ۾ پنهنجو رياستي انتظام هلائي رهي هئي، جيڪا ڳالهه اڪبر جهڙي پنهنجي دور جي طاقتور ۽ زبري جابر حڪمران جي نه رڳو برداشت کان ٻاهر هئي، مگر ڪنڊي وانگر سندس دل ۾ چُڀي رهي هئي. اڪبر، سنڌ کي فتح ڪرڻ جو پڪو ۽ پختو ارادو ڪري چڪو هو. ان سلسلي ۾ سندس دربار جي، سنڌ سان تعلق رکندڙ خاص صلاحڪار ۽ مشير مير معصوم سان مشورو ڪيو ويو. مگر سنڌ جي جاگرافيائي ۽ سماجي صورتحال ان جي اڙانگي سفر ۽ مرزا جاني بيگ جي فوجي تدبراڻي صلاحيت، ۽ سنڌين جي پنهنجي وطن سان محبت جي لازوال جذبي کان اڪبر ۽ ان جي دربار جا امير وزيرن کي چڱي طرح باخبر هئا. جيئن ته مغل حڪمران هر حال ۾ سنڌ کي فتح ڪرڻ جو پختو ارادو ڪري چڪا هئا، تنهنڪري فوجي حڪمت عملي پڻ يقينن اهڙي ئي اختيار ڪئي وئي. آخرڪار 1590ع ۾ مير معصوم جي نگرانيءَ ۾ عبدالرحيم خان خانان 50 کن فوجي جرنيلن، وزيرن، اميرن ۽ لکن جي تعداد ۾ ويڙهاڪ سپاهين جو جٿو ساڻ ڪري سنڌ تي حملي ڪرڻ لاءِ لاهور مان نڪتو. جنهن کي الوداع چوڻ لاءِ اڪبر بادشاهه کي خود راوي نديءَ تائين پيرين پنڌ اچڻو پيو. عبدالرحيم 'خان خانان' جي سنڌ پهچڻ کان اڳ مير معصوم سکر ۽ بکر پهچي، 'خان خانان' جي حملي بابت ماحول سازگار بنائڻ ۽ راهه هموار ڪرڻ لاءِ هدايتن جي روشنيءَ ۾، ان وقت جي مختلف قبيلن ۽ درگاهن جي مشائخن سان رابطي جي ذميواري ادا ڪئي. مرزا جاني بيگ نسلي طور جيتوڻيڪ ڌاريو هو، مگر ٻن سببن ڪري سنڌي ماڻهن مغلن خلاف هن معرڪي ۾ سندس ڀرپور ساٿ ڏنو، پهريون، مرزا جي سنڌ سان محبت ۽ سنڌين سان نرم رويو ۽ پنهنجائپ وارو سلوڪ، ۽ ٻيو مغل سلطنت جهڙي طاقتور ۽ جابر حڪمرانيءَ جي غلبي کان بچاءُ. انهن مذڪور ٻن سببن ڪري سنڌي ماڻهو مغل سلطنت جهڙي ڏاڍ ۽ ڌهڪاءُ رکندڙ سگهاري سلطنت سان ٽڪر کائڻ ۽ معرڪ آرائيءَ لاءِ سندرا ٻڌي مرزا جاني بيگ سان جنگ جي ميدان ۾ هر رڪاب ٿي بيٺا. سنڌ جا ماڻهو مغلن جي طاقتور سپهه سالاريءَ سان، جنهن بهادريءَ ۽ دليريءَ سان وڙهيا، انڪري مغل فوجن کي نفسياتي ۽ ويڙهاند جي حڪمت عملي جي سلسلي ۾ وڏيون تڪليفون درپيش آيون. ان جو اندازو انهيءَ مان بخوبي لڳائي سگهجي ٿو ته آزاد فضا ۾ رهندڙ قومن ۽ معاشرن کي زير ڪرڻ ڪيترو مشڪل هوندو آهي.

اهڙي سمي سنڌ ۾ مخدوم بلاول ۽ دريا خان ڪانپوءِ هڪ اهڙي فرد جو جنم ٿيو، جنهن جي شخصيت اڳتي هلي سنڌ جي مذهبي ۽ سماجي تاريخ ۾ مرڪزي حيثيت اختيار ڪري ورتي. امير چنيه خان بن ٻهليل بن ٿل بن ميان اوڊاٿو ان جي نائين پيڙهيءَ مان 'محمد آدم' نالي هڪ ٻالڪ جو جنم ٿيو، جيڪو پوءِ تاريخ جي ورقن ۾ ميان آدم شاهه ڪلهوڙي جي نالي سان مشهور ٿيو. ميان آدم شاهه جي جنم ۽ وفات بابت تاريخدانن وٽ مختلف رايا آهن. مگر اڪثر مؤرخ ان راءِ تي اتفاق ڪن ٿا ته ميان آدم شاهه جو جنم 1520ع ۽ وفات 1600ع ۾ ٿي. محترم ڊاڪٽر غلام محمد لاکي جي راءِ موجب "سنڌ ۾ جڏهن دولهه دريا خان وطني جنگ وڙهي رهيو هو، تڏهن قدرت هڪ ٻئي ٻار کي جنم ڏنو، جو نيڪ اسي سال پوءِ ساڳئي مقصد لاءِ ڪم آيو (10)."

1590ع ۾ عبدالرحيم خان خانان جي حملي ۽ 17 آگسٽ 1591ع ۾ جاني بيگ پاران هٿيار ڦٽا ڪري پيش پوڻ کان پوءِ، سنڌ مغلن جي قبضي هيٺ اچڻ جي نتيجي ۾ سڄو معاشرو گهٽ ۽ ٻوسٽ واري ماحول ۾ ڦاسي پيو. اهڙي ماحول ۾ عام ماڻهو ڪنهن آٿت ۽ سهاري ڏيندڙ قوت ڏانهن نهاري رهيو هو. بزرگي ۽ عمل جي فضيلت جي حوالي سان ان وقت تائين، ميان آدم شاهه جي شخصيت ڪمال درجي

تائين پهچي چڪي هئي. جنهنڪري مريدن جو هڪ وڏو حلقو سندس چوڌاري گڏ ٿيڻ لڳو. جنهن کي هڪ منظم شڪل ڏيڻ ضروري سمجهيو. ان وقت تائين ميران محمد جونپوريءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ مهدوي تحريڪ، هندستان جي ٻين علائقن وانگر سنڌ ۾ پڻ پنهنجو فڪري اثر ڇڏي چڪي هئي. ميان آدم شاهه ڪلهوڙو تحفة الڪرام، تاريخ سنڌ ڪلهوڙا ۽ ٻين ماخذن جي حوالي موجب: شيخ الياس لنگراج ۽ شيخ ابوبڪر جتوئي جي واسطي ۽ توسط سان مهدوي حلقي ۾ داخل ٿيو.

مهدوي تحريڪ جو باني ميران محمد جونپوري ٺٽي جي عالمن ۽ سيد حيدر شاهه سنائي پاران مخالفت ڪرڻ ڪري سنڌ ڇڏي چڪو هو، پر سندس تحريڪ جو اثر سنڌ تي باقي رهيو. قريشي حامد علي خانائي جي تحقيق موجب: ”سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي اها اوائلي درويشانه تحريڪ هئي، پر پوءِ اڳتي هلي ان حيدرآباد دکن جي مهدوي تحريڪ وانگر سياسي رنگ ورتو ۽ نيٺ ڪلهوڙا فقيريءَ مان بدلجي بادشاهيءَ جي مسند تي ويٺا(11).“ ڪلهوڙا خاندان کي جا طاقت ۽ ڪامراني ان ڪانپوءِ نصيب ٿي ان جو اصل باني ميان آدم شاهه ڪلهوڙو هو.

مٿي بيان ڪيل تاريخي حوالن جي آڌار، اهو چئي سگهجي ٿو، ته ميان وال تحريڪ، مهدوي تحريڪ جي اثر هيٺ ئي وجود ورتو، مگر اڳتي هلي هن بلاولي تحريڪ جي اثر کي پڻ قبول ڪيو ۽ ان جي بنيادي فڪري اصول پنهنجي گذرمعاش جي ذريعي (پورهئي) کي اوليت ڏيندي پنهنجي فڪري مول متن جا بنياد رکيا. ميان آدم شاهه جي تحريڪ بنيادي طور اصلاحي ۽ تبليغي تحريڪ هئي. سندس تبليغي انداز ۾ بلاولي تحريڪ جهڙي هڪ جهلڪ موجود هئي. پنهنجي دور جون هي ٻئي تحريڪون پورهئي جي عمل جون قائل هيون، ۽ سماجي توڙي سياسي حوالي سان ٻنهي وٽ پورهئي کي وڏي اهميت مليل هئي. البت ميان وال تحريڪ عملي طور بلاولي تحريڪ ٿورو منفرد اختيار ڪيو. جي جذبي هيٺ پنهنجي مرڪز کي دائري جو نالو ڏنو. جيڪو مڪمل طور مساوات/ برابري ۽ هدايت جي علامت هو. ان دائري ۾ ننڍا وڏا، امير غريب سڀ هڪجهڙا هئا، منجهن ڪوبه فرق نه هو. مريد دائري اندر اجتماعي زندگي بسر ڪندا هئا، ۽ زندگيءَ جون ضرورتون پاڻ ۾ برابر تقسيم ڪندا هئا.

هن تحريڪ جي اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته هي تحريڪ مذهبي ۽ روحاني هجڻ سان گڏ پس پردا معاشي تحريڪ پڻ هئي. جيڪا عام انسانن، مسڪينن، بيڪسن، ابوجهن ۽ غريبن کي، اٽي لٽي ۽ اجهي سان گڏ حاڪمن جي ڏاڍ ۽ ڏمر يا جبر کان به تحفظ فراهم ڪندي هئي. اهوئي سبب هو جو اُن تحريڪ کان وقت جا حاڪم ڊنل هوندا هئا.

ميان آدم شاهه پاران پنهنجي فڪري سوچ کي عوام تائين پهچائڻ لاءِ (دائرو قائم ڪرڻ) جو بظاهر مقصد جيتوڻيڪ سماجي پرچار هو، مگر در حقيقت ان جي درپرده سياسي طاقت حاصل ڪرڻ مقصود هو. جنهن جي حصول لاءِ هن چانڊڪا پرڳڻي جي ڳوٺ هڙي غلام شاهه پرسان پنهنجو دائرو قائم ڪري عوامي قوت کي گڏ ڪرڻ شروع ڪيو. مغل حڪمرانن، انهن جي ڪارندن، نوابن ۽ صوبيدارن توڙي جاگيردارن جي ظلم، ڏاڍ ۽ ڦرلٽ کان ستايل ۽ آزاريل عوام آهستي آهستي ٿي، ميان آدم شاهه جي قائم ڪيل ان دائري ۾ داخل ٿيڻ لڳو.

ميان آدم شاهه جڏهن محسوس ڪيو ته، هن جو تبليغ جي اثر ڪري دائرو عوامي سگهه اختيار ڪري چڪو آهي، تڏهن هن ان قوت کي عمل جي ميدان ۾ جهاد في سبيل الله جي جذبي هيٺ مغل حڪمرانن، جاگيردارن ۽ مقامي زميندارن خلاف ٽڪرايو، ۽ ڪنهن حد تائين زميندارن کان زمينون پنهنجي قبضي هيٺ آڻڻ ۾ ڪاميابي به حاصل ڪئي. ميان آدم شاهه جي ان وڌندڙ عوامي طاقت، مقامي زميندارن ۾ خوف جي لهر پيدا ڪئي. ’تحفة الڪرام‘ ۽ ’لب تاريخ سنڌ‘ سميت سمورا تاريخدان ان راءِ جا آهن، ته ميان آدم شاهه جي ان عمل ڪري آسپاس جا زميندار سندس مخالف ٿي ويا، ۽ آخرڪار بکر جي نواب معرفت ملتان جي گورنر تائين

شڪايتون ڪيون ويون. نتيجي ۾ ملتان جي حاڪم جي حڪم تي، ميان آدم شاهه ڪي بکر جي ان وقت جي نواب قيد ڪري ملتان پهچايو، جتي ڪيس وقت جي حڪمرانن خلاف بغاوت ڪرڻ جي الزام ۾ شهيد ڪيو ويو.

ميان وال تحريڪ، ميان آدم شاهه جي شهادت وقت اڃا نئون جنم ورتو هو، جنهنڪري بلاولي تحريڪ جهڙي مستقل ۽ مستحڪم تنظيمي شڪل جي هيئت اختيار نه ڪري سگهي هئي، پر جيئن ته: ”صحتمند فڪري تحريڪن جو ڦهلاءُ مثبت نظريي تي مبني هئڻ ڪري، ديرپا ۽ وسيع ٿئي ٿو. اهي ڪنهن عارضي نفعي يا مسئلي جي حل لاءِ نه هونديون آهن، پر مقصد ۽ منطقي انجام واري حوالي سان انهن ۾ تمام وڏي وسعت هوندي آهي(12).“ اهڙي طرح سان هن تحريڪ جيتوڻيڪ اڃا نئون جنم مس ورتو هو. مگر مقصد جي حاصلات جي حوالي سان ان ۾ تمام گهڻي وسعت موجود هئي.

ميان آدم شاهه جي شهادت سان هي تحريڪ فڪري ڦهلاءَ جي حساب سان جهڙوڪر جمود جو شڪار ٿي وئي هئي. مگر حقيقت ۾ ميان آدم شاهه جي شهادت ان ۾ جدت جو روح ڦوڪيو. اهو ئي سبب هو جو ’تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور‘ جو مصنف، پير علي محمد شاهه راشديءَ جي حوالي سان لکي ٿو: ”ميان آدم شاهه ڪي موت جي سزا ڏيڻ، ڪُلي بي انصافي هئي، جنهنڪري سنڌين جو هڪ تمام وڏو طبقو ميان صاحب جو دلي همدرد بنجي ويو(13).“

تنهن هوندي به پيرعلي محمد شاهه راشديءَ جي مٿي ڏنل راءِ سان اتفاق ڪندي، اسان ان راءِ جا آهيون ته، اهو سڀ ڪجهه عوام جو پنهنجي سنڌ ڌرتي ۽ وطن سان اٿاهه محبت جو ڪمال هو. ورنه اها به هڪ تاريخي حقيقت آهي ته، ميان آدم شاهه جي شهادت کان پوءِ پوري مني صدي سنڌ جي سياسي چرپر تي جمود جا ڪڪر ڇانيل رهيا، پر پوءِ به سنڌ جي بهادر ۽ باشعور عام ماڻهن مغلن جي غلامي نه ڪئي ۽ هو ٽولن جي صورت ۾ سنڌ جي مختلف حصن ۾ مغليه فوجن جو مقابلو ڪندا رهيا. جنهن ۾ ميان نصير محمد اچي روح ڦوڪيو ۽ جمود کي ٽوڙيو. سنڌ جي برک ڏاهي محمد ابراهيم جويو جي لکڻ موجب: ”سنڌ جي تاريخ جو هي هڪ بحراني دور هو، بلڪ سڄي سنڌ ۽ سڄو سنڌي سماج ان بحران جي شديد ڪيفيت سان دوچار هو. اهڙي صورتحال ۾ سنڌي سماج جي قسمت جو بنيادي سوال اُٿيو، جنهن جي حل لاءِ سنڌ جا ماڻهو هڪ نئين اجتماعي شعور سان واقف ٿيا ۽ سندن ذهنن ۾ پنهنجي وجود جي اهميت جو خيال ۽ شعور جو احساس اڀريو(14).“

اهڙين شديد مشڪل حالتن ۽ بحراني ڪيفيت هوندي ميان نصير محمد ڪلهوڙي هن تحريڪ کي هيجاني ڪيفيت واري لاڙي ۽ رجحان کان ٻاهر ڪڍي قومي ڌارا تي هلايو، ڇاڪاڻ ته ميان نصير محمد جي سامهون سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي آزادي، باوقار ۽ خوشحال زندگي گذارڻ جهڙا خواب موجود هئا. تنهنڪري هن پنهنجي تحريڪ جي ڪارڪنن ۾ اجتماعي مفاد جي شعور وارو جذبو پيدا ڪيو.

اڪبر بادشاهه مغل سلطنت جا بنياد، سندس ٻاران متعارف ڪرايل نئين فڪري نظام تي رکيا، جيڪي بظاهر ته مستحڪم لڳي رهيا هئا. مگر حقيقي معنيٰ ۾ ان منجهان عوام کي ڪو خاص فائدو نه پهچي سگهيو پئي. سماجي ۽ سياسي تاريخ جي نقادن موجب، ان جو بنيادي سبب درٻاري حالتون هيون. هن کان اڳ عوام ۽ بادشاهه وچ ۾ بغير ڪنهن واسطي جي سڌو تعلق ۽ رابطو هوندو هو. مگر اڪبر جي متعارف ڪرايل نظام سان عوام ۽ بادشاهه جو سڌو تعلق ختم هئڻ ڪري، خدا جي مخلوق درٻار جي وزيرن ۽ اميرن جي رحم ۽ ڪرم جي محتاج بنجي وئي. نتيجي ۾ متعارف ڪرايل نظام، قومن ۽ معاشرن لاءِ مفيد بڻجن بجاءِ بغاوت جو سبب بنجي ويو.

ڊاڪٽر مبارڪ علي جي تحقيق موجب: ”اڪبر جو قائم ڪيل سلطنت جو نظام ڪجهه وقت تائين ته قائم رهيو، مگر وقت سان گڏ تاريخي عمل جي نتيجي ۾ هندستاني معاشري ۾ تبديلي اچڻ شروع ٿي،

جنهن کي مغل حڪمران سمجهي نہ سگهيا. مغل حڪمران هندستان ۾ رهندڙ قومن کي اقتدار ۾ شامل ڪرڻ بجاءِ پنهنجي سلطنت ۽ اقتدار لاءِ خطرو سمجهيو، ۽ ان جو حل، طاقت جي استعمال، قومن جي اڀار ۽ بيداري جي تحريڪ جي سرڪوبي ڪرڻ ۽ ڪچلڻ بنيادي مقصد هو. نتيجي ۾ هر طرف مغل سلطنت مخالفن جي گهيري ۾ اچي وئي (15).“

مغل حڪمرانن خلاف هندستان اندر قومي بغاوت جي اڀار جو اثر يقينن سنڌ تي بہ پيو. سنڌ ۾ مغليہ نوابن هٿان جي مقامي جاگيردان، زميندارن ۽ عام ماڻهوءَ سان جيڪو غير انساني رويو ۽ سلوڪ روا رکيو، ان سان مغليہ حاڪمن ۽ مقامي ماڻهن وچ ۾ اٿڀٽ پيدا ٿي. جنهنڪري سنڌ ۾ پڻ مغليہ حڪومت جي گرفت ڪمزور ٿي وئي. ميان نصير محمد ڪلهوڙي هندستان جي باقي ٻين قومن ۽ معاشرن وانگر مغليہ سلطنت جي ڪمزوريءَ جو فائدو وٺندي مغلن خلاف ويڙهاند ڪرڻ خاطر همدردن جو هڪ وڏو حلقو پنهنجي چوڌاري گڏ ڪري ورتو. عوام جي ان سگهہ کي هڪ منظم تنظيم واري شڪل ڏني، ان کي سياسي ۽ جنگي حڪمت عمليءَ جي آڌار، مغل حڪمرانن ۽ انهن جي مقامي سهڪارين خلاف غير منظم فوجي جنگي بنيادن تي استعمال ڪري، چانڊڪا، سيوهڻ ۽ ساهتي پرڳڻي تي مشتمل وڏو علائقو مغلن جي قبضي مان ڇڏائي پنهنجي قبضي ۾ آڻي عارضي حڪومت قائم ڪيائين.

جيڪڏهن تاريخي تناظر ۾ ڏسبو تہ، حقيقت ۾ ميان نصير محمد ڪلهوڙو پهريون حڪمران هو، جنهن ميان وال تحريڪ جو وقت ۽ حالتن جي سياسي ۽ سماجي تقاضائن موجب بنياد رکيو.

ميان وال تحريڪ جي فڪري اثر هيٺ ڪلهوڙا دور ۾ ميان يار محمد ۽ ان کانپوءِ ميان نور محمد بہ اهڙا برجستہ حڪمران ٿيا، جن سياسي تدبر ۽ حڪمت عمليءَ جي ڏاهپ کان ڪم وٺندي، مغل درٻار جي طوائف الملوڪي، اميرن جي وچ ۾ اڀرندڙ اندروني اختلافن ۽ تضادن، منهبي فرقيواريت ۽ سلطنت ۽ معاشري جي زوال پذيريءَ جهڙي صورتحال مان فائدو وٺندي، سنڌ جي قومي ۽ جاگرافيائي وحدت حاصل ڪرڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. جيتوڻيڪ اها هڪ سياسي ۽ تاريخي حقيقت آهي تہ، هنن ٻنهي حڪمرانن کي مغلن ۽ نادر شاهي حملن جي سختين سان گڏ، مقامي مخالفن ۽ پرپاسي وارن حڪمرانن جي سازشن کي بہ منهن ڏيڻو پيو. ان سلسلي ۾ ايراني سلطنت نادر شاهہ جي قيادت ۾ توسيع پسندانہ پاليسيءَ تي عمل ڪندي، ميان نور محمد ڏانهن پنهنجي سفير معرفت فرمانبرداري ڪرڻ ۽ خراج ادا ڪرڻ لاءِ جيڪو پيغام موڪليو. ان کي مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو. ان پيغام جي ردعمل ۾ ميان نور محمد جيڪو جواب ڏياري موڪليو، درحقيقت اهو جواب هڪ آزاد رياست جي حڪمرانيءَ جي علامت جو اظهار هو. پروفيسر عبدالله مگسيءَ جي تحقيق موجب: ”سنڌ ان وقت سياسي طور آزاد ۽ خودمختيار حيثيت سان صدين کان پوءِ، سياسي، ثقافتي، تاريخي ۽ جاگرافيائي وحدت حاصل ڪري ورتي هئي. انڪري سنڌ کي ايراني سلطنت جو ماتحت قرار ڏيڻ وارو عمل، غير قانوني ۽ غيرفطري هو(16).“

ميان يارمحمد ۽ نورمحمد سنڌ جي هنن ٻن حڪمرانن جي سياسي تدبر حڪومتي ادراڪ، جنگي حڪمت عملي ۽ عوامي ڀلائي ۽ ترقيءَ بابت ڪيل ڪمن جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر ڇٻلاڻي لکي ٿو تہ:“ مجموعي طرح سان ڏسبو تہ پهرين ٻن ڪلهوڙن، يار محمد ۽ سندس پٽ نورمحمد حڪومت ڏاڍي سياڻپ ۽ دور انديشيءَ سان هلائي. ٻئي زبردست جنگي جوڌا هئا، پر ان سان گڏ امن قائم ڪرڻ جي بہ منجهن بيحد صلاحيت موجود هئي. ميان نورمحمد سنڌ ۾ واهن جي ذريعي پوک ڪرڻ جي سرشتي کي

هڻڻ ڪري ان ۾ جهاد في سبيل الله کي مرڪزي اهميت مليل هئي. اهوئي سبب هو جو هن تحريڪ جا ڪارڪن جهاد ۾ پنهنجو پاڻ قربان ڪرڻ واري جذبي کي اولين اهميت ڏيندا هئا. انڪري ان چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ناهي تہ ڪلهوڙا بلاولي تحريڪ جي تسلسل کي قائم رکندي ميان وال تحريڪ ذريعي جدوجهد کي اڳتي وڌائيندي ۽ جهاد جي ميدان ۾ مرندي، مارينديمغل سامراج کي شڪست ڏئي آزاد سنڌ جا خود مختيار حاڪم بڻجي ويا.

## حوالا:


1- ٺٽوي ميرعلي شير قانع، تحفة الڪرام، ڇاپو ٽيون، ڄام شورو، سنڌي ادبي ادبي بورڊ، 1989ع ص 137.

2- لاکو، ڊاڪٽر غلام محمد، سمن جي سلطنت، ڇاپو پنجون، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، 2013ع، ص 60.

3- George, captain, A history of Sind, first edition, Bombay, education Society`s press, 1855p- 79.

4. Ibid p- 79

5- سيد، جي.ايم، سنڌ جا سورما (پاڱو پهريون) ڇاپو ٻيو، ڪراچي، نئين سنڌ پبليڪيشن سن، مئي 1984ع، ص 32.

6- George, Captain, A History of Sind, First edition, Bombay, Education Society`s press, 1855- p-18

7- وفائي، دين محمد، تذڪره مشاهير سنڌ (جلد پهريون) ڇاپو ٻيو، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1985ع، ص 66.

8- قدوسي، اعجاز الحق، تاريخ سنڌ (حصو ٻيو) بار اول، لاهور، اردو، سائنسي بورڊ 1974ع، ص 101

9- حوالو ساڳيو، ص 190.

10- لاکو، ڊاڪٽر، غلام محمد، ڪلهوڙا دور حڪومت (دفعو پهريون) ڪراچي، انجمن اتحاد عباسيہ 2004ع، ص 88.

11- خانائي، حامد علي قريشي، سنڌ ۾ مهدوي تحريڪ، ٽماهي مهراڻ، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، 1971ع، ص 185.

12- قاضي آزاد، شهيد مخدوم بلاول جي تحريڪ، ٽماهي مهراڻ، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ. 2008ع، ص 48.

13- مهراڻ، غلام رسول، تاريخ سنڌ ڪلهوڙا دور (حصو پهريون) ڇاپو ٻيو، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، 2016ع، ص 157.

14- جويو، محمد ابراهيم، شاهہ، سچل سامي، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت، 1984ع، ص 55.

15- مبارڪ علي ڊاڪٽر، آخري عهد مغليہ هندستان، نيا ايڊيشن، لاهور فڪشن هائوس، 2016ع، ص 6.

16- مگسي، عبدالله، سنڌ جي تاريخ جو جديد مطالعو، ڇاپو پهريون، ڪراچي، سنڌي اڪيڊمي، 1994ع، ص 149.

17- ڇبلاڻي، ڊاڪٽر، ايس.پي، سنڌ جي اقتصادي تاريخ، نئون ڇاپو، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ. 1995ع، ص 25.

18- سيد، جي.ايم، سنڌ جو سورما (پاڱو پهريون) ڇاپو ٻيو، ڪراچي، نئين سنڌ پبليڪيشن سنڌ، مئي 1984ع، ص 32.




ورهائي سگهجي ٿو. 1. اتريون حصو سما خاندانن جي آخري آرامگاهن جو آهي، 2. ان کان لڳولڳ ڏکڻ طرف، ارغون خاندانن جون قبرون اچن ٿيون، 3. ان کان اڃا ڏکڻ طرف، يعني ٽيون حصو ترخانن جي مزارن تي مشتمل آهي، ۽ 4. آخر ۾ ڏاکڻي طرف کان، مغل خاندانن جون مزارون اچي وڃن ٿيون. هيءَ صورتحال ٺٽي کان ڪراچي ڏانهن ويندڙ قومي شاهراهه جي اتر طرف جي آهي. هن روڊ کان ڏکڻ طرف ڏانهن بہ، ڪيتريون ئي مزارون موجود آهن، جن ۾ مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحہ جن جي مزار ۽ مسجد شريف بہ گهڻو مشهور ۽ ڏسڻ وٽان آهن.

ٺٽي جو شهر، چوڏهين صدي عيسويءَ کان وٺي، ارڙهين صدي عيسويءَ تائين، پورا چار سؤ سال، سنڌ جي آزاد ملڪ واري حيثيت ۾، ملڪ جو تخت گاهہ ۽ گاديءَ وارو هنڌ رهيو آهي. سڀ کان پهريان سما حڪمران حڪومت ڪندا هئا. بعد ۾ ارغون قابض ٿي آيا. انهن کان پوءِ، ترخانن اچي حڪومت قائم ڪئي ۽ آخر ۾ وري مغلن پنهنجو وارو ورتو ۽ ڏاڪو ڄمايو. مذهبي نُڪتہ نظر کان هٽي ڪري، جڏهن تاريخي طور هن علائقي، يعني سنڌ جو جائزو وٺنداسين، تہ معلوم ٿيندو تہ سنڌي ماڻهو ڏاڍا مهربان، سٻاجها ۽ مهر و مروت وارا هوندا هئا. انهن وٽ هٿيار نہ، پر هٿ جوڙي هئي. انڪري دنيا جا جيڪي بہ ڦورو حڪمران سنڌ ۾ داخل ٿيا، تہ انهن سنڌ کي خوب لُٽيو ۽ ڦُريو.

حيرت جي ڳالهہ اها بہ آهي، تہ اُها لُٽ ۽ پٽ اڄ بہ عملي طور، مڪليءَ جي ماٿ تي، ساڳي شدت ۽ طور طريقي سان جاري ۽ ساري آهي. اڳي زنده انسانن سان ڪِيس ۽ قهر ٿيندا هئا، هاڻي قبرن سان ڪِيس ۽ قهر ٿي رهيا آهن. مون ڏٺو آهي، تہ تا حدِنظر قبرن جي پيچ ڊاهہ ٿيل آهي ۽ اڃا مسلسل ٿي رهي آهي. هتان جون قبرون ڊاهي، انهن تي لڳل چٽساليءَ وارا پٿر، پيس ۽ قبرن جا حصا ڪڍي، ماڻهو وڪڻي رهيا آهن. ڪوئي پڇڻ ۽ ڪڇڻ وارو ڪونهي. ڪير ٿو چوي تہ رڳو موهين جو دڙو، ڪاهو جو دڙو يا دلور جو دڙو برباد ۽ پڙپانگ ٿيل آهن؟ توهان هن وقت مڪليءَ جو مقام تہ هلي ڏسو. ويڙهن جا ويڙها ويران ڪيا ويا آهن. قبيلائي قبرون، جن جي پٿرن تي خوبصورت چٽسالي ٿيل هوندي هئي، اهي الائي ڪيڏانهن گم ٿي ويون آهن؟ رڳو برباد ٿيل پڙا ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن کي ڏسي، افسوس ۽ هٿ مَلڻ کان سواءِ، ٻيو ڪجهہ بہ ڪري نہ ٿو سگهجي.

26 مارچ 2019ع بروز اڱارو، آءٌ (استاد لغاري) ۽ مشڪور ڦلڪارو صاحب، مڪلي ماٿ ڏسڻ وياسين. اسان کي اهو ڏسي اطمينان ٿيو، تہ هتي ڪلچر ڊپارٽمينٽ حڪومتِ سنڌ جي طرفان، آفيسون قائم ڪيون ويون آهن، جن ۾ باقاعده آفيسر ويٺل هئا. انهن اسان جو نہ صرف آڌرڀاءُ ڪيو، بلڪ مڪلي قبرستان جي تحقيقي تجزيي ڪرڻ جي لاءِ، اسان کي اليڪٽرانڪ شڪل پڻ مهيا ڪري ڏني، اتي موجود هڪ آرڪيالاجيڪل ڪنزرويٽر سرفراز نواز جتوئي صاحب جنهن طريقي سان، اسان سان تعاون ڪيو، اهو بيمثال هو. ثقافت کاتي جي مڪليءَ تي موجود آفيس مان ويهي، اسان ڊائريڪٽر جنرل منظور احمد ڪناسري صاحب سان ٽيليفونڪ گفتگو بہ ڪئي، جنهن جي تعاون ۽ خلوص جا اسين بيحد شڪرگذار آهيون. اسان کي مڪليءَ تي موجود آفيسر صاحب جي طرفان، 'مڪلي گائيڊ ناما' پڻ مفت ۾ مهيا ڪيا ويا، جن جي روشنيءَ ۾، اسان کي تحقيق ڪرڻ ۾ وڏيڪ آساني ٿي. هن گائيڊ نامي ۾ لکيل آهي، تہ مڪلي ايريا 912 ايڪڙن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ سڃاتل قبرن جو تعداد 20044 آهي. ڪل ٽوٽل مقبرا 64 آهن، انهن مقبرن جي اندر موجود قبرن جو تعداد 917 آهي. سما ايريا ۾ قبرن جو تعداد 1979، ارغونن ۽ ترخانن واري ايريا ۾ قبرن جو تعداد 4596 ۽ مغل ايريا ۾ قبرن جو تعداد 2677 آهي اهڙيءَ ريت سراسري طور ڳڻپ ڪيل ۽ نشان لڳل قبرن جو تعداد 20044 ٿئي ٿو. هونئن مشهور روايت آهي، تہ مڪلي ٽڪريءَ تي، صرف اولياءَالله ۽ برگزيده ٻانهن جو تعداد سوا لک آهي. باقي ماڻهن جون مزارون ۽ آرامگاهون انهن کان علاوه آهن. اهڙيءَ ريت مڪليءَ تي موجود ڪل ٽوٽل قبرن جو تعداد،

جهانگير 1627ع ۾، ڏکڻ سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. جنهن جو خاتمو 1644ع ۾ ٿيو. مرزا عيسيٰ خان ترخان جو مقبرو، مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي، سڀ کان نمايان نظر اچي ٿو. مرزا عيسيٰ خان ترخان هيو، ڏکڻ سنڌ جو حڪمران هو. سندس مقبرو 1573ع ۾ تعمير ڪيو ويو. هن جي مقبري سان گڏ، اڳڻ ۾ ٻيا به مقبرا تعمير ٿيل آهن. جيڪي سڀ جا سڀ پٿر سان جوڙايا ويا آهن. مرزا طغرل بيگ هڪ نالي وارو ڪمانڊر هو. هن جو مقبرو هن وقت زبون حالت ۾ آهي. مرزا طغرل بيگ بابت گهڻي معلومات دستياب ٿي نه سگهي آهي. ديوان شرفا خان ارغون، دهليءَ جي حڪمران طرفان، ٺٽي ۾ مقرر ڪيل ڪنهن گورنر جو وزير هو. سندس مقبرو، هن پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي سن 1638ع ۾ تعمير ڪرايو هو. نواب امير خليل خان جو مقبرو، 1585ع کان 1672ع جي درميان تعمير ڪيو ويو. نواب امير خليل وصيت ڪئي هئي، ته ڪيس مقبري جي اندر دفن نه ڪيو وڃي، ليڪن تقدس جي خيال کان، ڪيس مقبري جي اندر مدفون ڪيو ويو. هن مقبري تي پرڪشش ۽ منفرد عربي اکرن ۾ نقش نگاري ڪيل آهي.

هتي ملڪ قائوس خان سلطانيءَ جو مقبرو پڻ موجود آهي، جنهن تي سن 919 هجري 1513ع لکيل آهي. هتي جي مقبرن تي مقرر هڪ سرڪاري چوڪيدار مليو، جنهن پنهنجو نالو عطا محمد ولد فقير محمد ولد علي محمد ذات خاصخيلي ٻڌايو. هن ڳالھ ڪئي ته آءٌ ڳوٺ ڄام واھ جو رهاڪو آهيان. هن وٽان به اسان کي ڪجھ وڌيڪ معلومات ملي، جنهن جا به اسين نهايت گهڻا شڪرگذار آهيون. ثقافت کاتي پاران قائم ڪيل، مڪلي ٽڪريءَ جي آفيس تي مقرر آرڪيالاجيڪل ڪنزرويٽر سرفراز نواز جتوئي صاحب کان معلوم ڪيو ويو، ته "هتي ڪن قبيلن ۽ ذاتين جا ماڻهو، پنهنجن وفات ڪيل عزيزن قريبن کي دفنائڻ جي لاءِ اڄ به ايندا هوندا؟ ته انهن جي لاءِ، مزار جي کوٽائيءَ وارو ڪم، ڪيترو ٽائيم وٺي سگهي ٿو؟" تڏهن پاڻ اسان جي معلومات ۾ اضافو ڪندي فرمايائين، ته "هتي جا گورکن اڳواٽ قبرون کوٽي، انهن کي ريتي ۽ بجريءَ سان پوري، نشان لڳائي ڇڏيندا آهن. جيئن ئي ڪنهن جو ماڻهو گذاري ويندو آهي، ته ان جي لاءِ، اها اڳواٽ کوٽيل ۽ تيار ڪيل قبر، رقم (مزدوري) ڏيئي حاصل ڪئي ويندي آهي". ان وقت اسان جي ذهن ۾، اوچتو هڪ سوال هيءُ به اڀري آيو، ته "صديون پراڻيون لاوارث قبرون، هتي جا گورکن خالي ڪري، انهن تي نشان لڳائي رکي سگهن ٿا ۽ پوءِ اهي قبرون مطلوب ماڻهن کي وڪڻي به شايد ڏيندا هوندا؟" (والله اعلم). البت قبرن جي مٿان آويزان ڪيل، چٽساليءَ وارا انتهائي قيمتي پٿر، جنهن بيدرديءَ سان ڪڍيا پيا وڃن، ته انهيءَ پٽ پٽان ۽ ڦر ۽ لٽ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ته اها جنگ، جيڪا ٺٽي شهر ۽ ان جي آس پاس وارن علائقن کي فتح ڪرڻ جي لاءِ، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي طرفان شروع ڪئي ويئي هئي، سا صديون گذري وڃڻ جي باوجود، اڃا اڄ به جيئن جو تيئن جاري ۽ ساري آهي. يعني صديون اڃا تائين سوڳ ۾ آهن. ڪالھ زنده ماڻهن کي ماريو، ڦريو، لٽيو ۽ پيليو پئي ويو ۽ اڄ وري انهن مئل ماڻهن جي قبرن سان، ساڳي حالت ۽ جٽ جاري ۽ ساري آهي، جيڪا اکين سان ڏسي سگهجي ٿي. ۽ ان جو صرف افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو. ڪوبه اهلِ دل، مڪليءَ جي حالت نه اچي ڏسي. اگر اهو ماڻهو واقعي ئي اهلِ دل هوندو، ته ضرور روئي پوندو.

مڪليءَ سان وابسته ڪجھ مشهور ماڻهن، مقبرن، بادشاهن، سپه سالارن، اميرن، وزيرن ۽ اوليائن جا نالا، جيڪي اسان کي معلوم ٿي سگهيا آهن، اهي هن ريت آهن: ڄام نظام الدين (عرف ڄام ننڍو)، ڄام تماچي ۽ نوري، ڄام ٻانڀيڻو، ڄام جوڻو، ڄام اڙ، ڄام فيروز، ڄام طغاچي، ملڪ راڄپال اڙ، ملڪ قائوس خان سلطاني، شيخ عيسيٰ لنگوٽي، شيخ حماد جمالي، پٺايارو (هالي درويش)، مائي مڪلي، قاضي عبدالله پٽ تاجي جو، ڄلم تغلق، مبارڪ خان (عرف دولھ دريا خان)، ملان عبدالله لٽر، شيخ جيئو، سيد عبدالله شاھ اصحابي، سيد علي شيرازي، سيد ميران شاھ، مرزا عيسيٰ خان ترخان پهريون، مرزا

نذير احمد کوکر کپرائي ۽ گاڏيءَ جو ڊرائيور عمران کوکر جا نالا، منهنجي لاءِ انتهائي اهم ۽ احترام جي لائق آهن. منظور احمد ڪناسرو صاحب جا بہ وڏا وڙ، جنهن مکليءَ تي موجود ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي ملازمن کي، موبائيل فون ذريعي، اسان سان مکمل تعاون ڪرڻ جون خاصئون خاص هدايتون ڏنيون. اهڙيءَ ريت مولوي احمد علي شر سڪندري صاحب جو بہ تہ دل سان، بلڪ گهڻي کان گهڻو شڪر گذار آهيان، جنهن عربي توڙي فارسيءَ جون عبارتون، مون کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏنيون. ”ٿورا نہ ٿورا، مون تي مارُوئڙنِ جا“

## ڪجھ مددي ڪتاب:


1. پنهور، عطا محمد، (2004ع)، ’ٺٽي جا قديم اسلامي يادگار‘، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
2. بلوچ، نبي بخش خان ڊاڪٽر (1984ع)، ’جنگناما‘، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
3. ٺٽوي، مير علي شير قانع، (1986ع)، ’تحفة الڪرام‘، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
4. ٺٽوي، سيد محمد طاهر نسياني، (1995ع)، ’تاريخ طاهري‘، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
5. بکري، مير محمد معصوم، (1985ع)، ’تاريخ معصومي‘، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
6. راشدي، سيد حسام الدين، (2005ع)، ’تذڪره امير خاني‘، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
7. راشدي، سيد حسام الدين، (1994ع)، ’مڪلي نامو‘، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
8. ابڙو بدر، (2009ع)، ’ڪوهستان جو سفر‘، ڪراچي: ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ.
9. ڪناسرو، منظور احمد(؟) ’اي گائيڊ ٽو مڪلي‘، (انگلش)، ڪراچي: ڪلچر اينڊ ٽوئرزم ڊپارٽمينٽ، گورنمينٽ آف سنڌ


## نئون ڪتاب




**ڪتاب:** ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا (جلد ستون) (تاريخ، ٻولي، ادب ۽ شخصيتون)

**سهيڙيندڙ:** ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

**ڇاپو پهريون:** 2019ع

**قيمت:** -/400 رپيا

**ڇپائيندڙ:** ڊاڪٽر اين. اي بلوچ انسٽيٽيوٽ آف هيريٽيج ريسرچ حيدرآباد ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ



ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ضلعي سانگهڙ، تعلقي سنجهوري جي ڳوٺ جعفر لغاريءَ ۾ 1917ع ۾ جنم ورتو. هُو سنڌي علم ادب، تهذيب ۽ ثقافت، آثار قديمه، سنڌي موسيقي، تاريخ، لطيفيات، لوڪ ادب ۽ لوڪ شاعريءَ جهڙن موضوعن کي قلم جي گرفت ۾ تحقيق جي پيماني سان پروڙي پيش ڪندڙ هڪ اڻ ورچ محنتي محقق هو. ڊاڪٽر صاحب جون علمي ۽ ادبي خدمتون ڪنهن به وسارڻ جوڳيون نه آهن. ورهاڱي کان پوءِ جي تحقيقي ۽ علمي ميدان جو سرواڻ ڪين سڃجي ته بيجا نه ٿيندو. سندن تحقيقي ڪم به گهڻو آهي. هتي مختصر ذڪر ڪجي ٿو خاص طور لوڪ ادب ۽ لوڪ شاعريءَ جي ڪم تي روشني وجهجي ٿي.

ڊاڪٽر صاحب جي تصنيفن ۾ 'جامع سنڌي لغات'، 'سنڌي اردو لغت'، (ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سان گڏ) 'فارسي لغت' اهم آهن. آخوند عبدالرحيم عباسيءَ جي لکيل 'جواهر لغات اڪيچار' کي ايڊٽ ڪري، شايع ڪرايائون. ان کان سواءِ لطيفيات ۾ 'شاهه جي رسالي جا سرچشما'، 'شاهه جي رسالي جي ترتيب'، 'شاهه عبداللطيف تحقيقي مضمون'، 'سنڌي موسيقيءَ جي تاريخ' ۽ 'شاهه جو رسالو' (ترتيب 10 جلد) آهن.

ڊاڪٽر صاحب جو ترتيب ڏنل شاهه جو رسالو سندن اڻ ٿڪ محنت جو ثمر آهي. هن رسالي جي تياريءَ ۾ ڪين وڏو عرصو لڳو. 6020 صفحن تي مشتمل هيءُ منفرد لطيفي ايڊيشن 50 قلمي نسخن کي پيش تيار ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ ڏارئي ڪلام جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويئي آهي. جدا ڪيل اهم ڪلاسيڪل شاعريءَ کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ هڪ الڳ جلد ۾ محفوظ ڪرڻ سان گڏوگڏ مشڪل لطيفي لفظن جي لغات 'روشني' جي نالي سان ترتيب ڏني ويئي آهي. هن رسالي ۾ شاهه جي سوانح، ڪلام ۽ راڳ جي باري ۾ مفصل مقدمو آهي ۽ شاهه جي ڪلام جي پرک لاءِ اڻ معياري



اصول پڻ ڄاڻايل آهن، جن تحت دليلن سان ڌاريو ڪلام جدا ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ لطيفيات جا ڪتاب پڻ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي نگرانيءَ ۾ تيار ٿيا آهن، جن ۾ لطيف سالگرهه مخزن جا ڪافي نمبر آهن. ازانسواءِ 'لطائفِ لطيفي' (مير سانگي) ۽ 'احوال شاهه عبداللطيف' (قليچ بيگ) جي ڪتابن جي ايڊيٽنگ ۽ ترتيب ڪئي اٿن. گهڻن ڪلاسيڪل شاعرن جو ڪلام ترتيب ڏيئي ڇپرايو اٿن، جن ۾ 'ڪليات حمل'، 'خليفي صاحب جو رسالو'، 'شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام'، 'قاضي قادن جو رسالو'، 'ميين شاهه عنايت جو ڪلام'، 'شاهه شريف ٻاڏائيءَ جو رسالو'، 'راڳ نامو صوفي صادق فقير'، 'ڪليات سانگي'، 'رسالو خان محمد زئي' ۽ ٻين شاعرن جو ڪلام شامل آهي. انهن ڪتابن جا بلوچ صاحب جا لکيل مهاڳ ۽ مقدما معلوماتي آهن. ايئن پاڻ مختلف علمي، ادبي، تاريخي ۽ ٻين موضوعن جي ڪتابن جا ڪيترائي مقدما لکيا اٿن،

شاهه عبداللطيف ڀٽائي نئين موسيقيءَ لاءِ سڀ کان پهرياڻين هڪ نئون ساز ايجاد ڪيو، جنهن کي ’طنبوري‘ جو نالو ڏنائين. طنبوري جو انتخاب، هندستاني موسيقيءَ جي روايت مطابق هو. ’طنبورو‘ دراصل مصر ۾ ايجاد ڪيو ويو، جتان مشرق وسطيٰ ۽ ايران ۾ پهتو ۽ اُتان وري هن برصغير ۾ رائج ٿيو. آڳاٽا عرب موسيقار جيڪو ساز استعمال ڪندا هئا ان ۾ چار تارون هونديون هيون. ساڳيءَ ريت هن برصغير جو ’طنبور‘ بہ ’چؤتار‘ ئي رهندو آيو، پر شاهه عبداللطيف پنهنجي نئين ’طنبوري‘ ۾ پنجين تار بہ ڳنڍي. هن نئين طنبوري جي سٽاء هن طرح قائم ڪئي ويئي، جو ان جون پنج تارون هيٺين ريت آواز ڏيڻ لڳيون. هڪ ڇيڙي کان پاهرين تار ”مڌ سپتڪ“ جي ’پنچم‘ جو سُر ڏيڻ لڳي. انهيءَ تار کي ’زبان‘ سڏيو ويو يعني تہ اها تار هن نئين طنبوري جي زبان بڻي، جيڪا هر نئين راڳڻي ڇيڙڻ لاءِ استعمال ٿيڻ لڳي. هن سٽاء موجب ’کرج‘ جي بدران ’پنچم‘ هن نئينءَ راڳ ۾ جڻ بنيادي سُر بنيو. هيءَ اصول ’عربي-ايراني‘ راڳ جي روايت مطابق هو ۽ اجا تائين بہ عربي ۽ ايراني نغما مٿين لئي ۾ ڳايا وڃن ٿا. طنبوري جي باقي چئن تارن جي سٽاء ٻئي ڇيڙي کان هن طرح قائم ٿي: ٻئي ڇيڙي کان- پهرين تار کي بلوچستاني ’دنبوري‘ جي سٽاء موجب ’گهور‘ سڏيو ويو، اها تار ’مندرسپتڪ‘ جي ’سا‘ تي قائم ڪئي ويئي. ٻيءَ تار ۽ ٽيءَ تار انهن ٻنهي کي ’جاڙيون‘ سڏيو ويو ۽ اهي ’مڌسپڪ‘ جي ’سا‘ تي قائم ڪيون ويون. چوٿين تار (’زبان‘ جي پرواري) کي ’ٽيپ‘ سڏيو ويو ۽ اها تار ’سپتڪ‘ جي ’سا‘ تي قائم ڪئي ويئي. اها ’زبان‘ جي پر واري تار جيڪا پين عام ’طنبورن‘ ۾ ڪانہ ٿي ملي، سا شاهه صاحب وڌائي.

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

ڪتاب: ’ڊاڪٽر بلوچ جا مقالا‘

ص 92_93 تان کنيل

# غزل

ڳهيريل ڳوٺ جا رستا، هوا پڙهندي، هوا ٽڙندي
پرينءَ جا واٽ تي پيرا، هوا پڙهندي، هوا ٽڙندي.

اجا ڪٽڪن جي چيرن سان ڦِٽي ٿي ننڊ پنڇين جي،
سڳيءَ جا ساز هيڪاندا، هوا پڙهندي، هوا ٽڙندي.

ڳهيلي! رات ڪاري ۾ هي ٽاٽو سُس پُسن جو آ،
جَهڪا رڪ سرد شوڪارا، هوا پڙهندي، هوا ٽڙندي!

دغائن ڪي خبر ڪهڙي، دغائون هوش ۾ ناهن،
ڪنوارا نيڻ خوابن جا، هوا پڙهندي، هوا ٽڙندي.

اکين جي موهه ڪان پرتي ڇڻن ٿا ڦُول رڻ پٽ ۾،
سُجن ۾ مهڪ جا واڪا، هوا پڙهندي، هوا ٽڙندي.

وسيا هو بي ڇيا بادل، نه پو ڪا دل جهلي سگهبي،
ڦِنل برسات ۾ چولا، هوا پڙهندي، هوا ٽڙندي.

اسان جي عشق جي من ۾ رڙي ٿي روز ڪا مڪلي،
اسان جي درد جا ڪتبا، هوا پڙهندي، هوا ٽڙندي.

نه تو ۾ ڪاسبو مهڪي، نه تو ۾ ڇاڇرو ڇُلڪي،
نه ڪر تون ناز پو ايذا، هوا پڙهندي، هوا ٽڙندي.

**ايوب کوسو**

آزاد نظم جي انفراديت، ان جي لئي ۽ ان جي بي پناهه رواني ناهي، پر ان سان گڏ "جدت"، "جديد دؤر" ۽ "مشيني زندگي" بہ انجا اهم عنصر آهن. جدت جي ذريعي گَنل پيئل خيالن جي ورجاءَ کان بچي ڪجهه نئون چوڻ جو ساهس ڏاري سگهبو آهي. نظم ۽ آزاد نظم، شهري زندگيءَ کي ڀرپور نموني پاڻ ۾ سمائي، ان جي عڪاسي ڪن ٿا.

"آزاد شاعريءَ کي هڪ پنهنجو نرالو اسلوب ۽ هڪ انوکي قسم جو مواد آهي، جنهن ۾ سياسي، نفسياتي، فڪري، معاشرتي ۽ معاشي مسئلن جو خام مال موجود آهي، جنهن جو رشتو گهڻو تڻو زندگيءَ جي خارجي معاملات سان وابستہ آهي، بعض اوقات آزاد شاعريءَ ۾ داخلي ڪيفيت جا بہ نقش نگار اُڀري اچن ٿا. انهيءَ ڪري آزاد شاعري، هيئت ۽ موضوع جي لحاظ سان اسان جي روايتي رائج شاعريءَ جي لازمي بنيادي اصولن کان بلڪل بي نياز آهي.

آزاد شاعريءَ ۾ نہ فقط قافيي ۽ رديف جي پابنديءَ کان انحراف آهي، پر ان سان گڏ پراڻي اسلوب ۽ فرسوده مواد کان بغاوت ئي صحيح نموني ۾ آزاد شاعريءَ جو فن آهي.

آزاد نظم ۾ جدت، جديديت، جديديت پٺاڻان جا عڪس، نئون ۽ نواڻ ڀريو اسلوب ۽ پيشڪش جو نرالو ڍنگ هئڻ گهرجي، جن سان آزاد نظم جي انفراديت قائم ٿئي ۽ ان جي اهميت موجوده وقت ۾ وڌي وڃي.

آزاد نظم، موضوعاتي حوالي سان ڪائنات ۽ زندگيءَ وانگي وسيع آهي. تنهنڪري ان ۾ زندگيءَ جا چِٽ اهڙي نموني چِٽيا وڃن ٿا، جنهن کي پڙهندي نئين لهجي، نوَن عڪسن ۽ نواڻ جي نون ذائقن کان واقفيت ٿئي ٿي، ۽ "جديد رنگ" جو هڪڙو نئون جهان اکين جي آڏو اچي وڃي ٿو.

آزاد نظم رُڳو هيئت جي نواڻ جو ڏيک نتو ڏئي، پر ان ۾ "نئين فڪر" کي نئين ڪُنڊ کان نئين رنگ ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو. آزاد نظم اها شعري صنف آهي، جيڪا "نئين فڪر" ۽ "جدت" جي لاءِ نوان رستا هموار ڪندي ٿي رهي.

ان کان علاوه فني حوالي سان ڏسجي تہ آزاد نظم ۾ تسلسل ۽ مصرعن جي پاڻ ۾ هم آهنگي ۽ ربط بہ اهم حيثيت رکي ٿو ۽ آزاد نظم کي انفرادي حيثيت جو حامل بڻائي ٿو. تسلسل جو نہ هجڻ يا بي ربطي آزاد نظم جي سونهن، انفراديت ۽ اهميت کي ضربي وجهي ٿي.

**مشتاق گبول**

ڪتاب: (شاعريءَ جون صنفون)

ص 39_40 تان ڪنيل



## امداد حسيني

### بيت

اکيون پُوربَ پارَ ڏي، رکيون سَجي مُون،
جتان ايندين ٿُون، صبح جِئان اي سُپرين!
پاڻ ئي لِکِي پاڻ کان، پاڻ کان پِئي ڪاتومِ،
گُونگن ٻوڙن جي اڳيان، گيتُ پِئي ڳاتومِ.
سِيرُون سِيروُن ٻُکَ ۾، پاٽي پِئي پاتومِ،
ڄاڻي جي ڄاتومِ، تہ ڪجهہ بہ ڄاتم ڪِينڪِي!

ڇوريءَ ڇوڙيا وارَ جُهڙَ جهڙالا ٿي وِئا،
شهرَ ڪراچيءَ تي ڪِئا، ڪڪرن ڪارُونيارَ،
رُنا، وُنا ڪِينڪِي، پُرئا پرين جي پارَ،
ڇوريءَ ڇُڙيل وارَ وانگوڙي وئا ويڙهجي!
هر وَٽ جو مُلُ تو ٿئي؛ موکيءَ مَڌُ امُلُ،
پورا پَلُ مَ پُلُ، وڻيون پيءُ وِهَ ڳاڏيُون!

ڪَڙهہ ڪالهوڻِي ڳالِ ڪي، اڄُ اُجاري جِيءُ،•
سُياڻ پيڙو ٿِيءُ، نِتِ نئين اُميد سان!
(• گوتم ٻُڌ جو اُپديش)

### وائي

لکَڻ ڪِيمَ لڪيج- سنڌڙي جنڌڙي- جنڌڙي سنڌڙي!

آءُ اسُونهون، تون ئي سُونِهين- هٿ ۾ هَٿُ رکيج-
سنڌڙي جنڌڙي- جنڌڙي سنڌڙي!

لاکَ رَتاڻِي لوئي اوڍِي- ٻڄي باکَ ٻَکيج،
سنڌڙي جنڌڙي- جنڌڙي سنڌڙي!

ٻُل تان ڳاڙها ڳوڙها اُگهندي- ٻَکن منجهہ ٻَکيج،
سنڌڙي جنڌڙي، جنڌڙي سنڌڙي!

لکَڻ ڪِيمَ لڪِيج- سنڌڙي جنڌڙي- جنڌڙي سنڌڙي!



وسيم سومرو

## غزل

پنهنجو پنهنجو چنڊ ڏسون ٿا،
پنهنجي پنهنجي عيد ڪيون ٿا.

نابينن کي ڪير پڙهائي؟
پڌري نينهن نويد ڪيون ٿا.

پوري پنهنجي ننڊ ڪرڻ لءِ،
ڪُوڙا خواب خريد ڪيون ٿا.

لڙڪن اکين ۾ ڏيئا ٻاري،
پنهنجا ياد شهيد ڪيون ٿا.

چمڙن آڏو چٽنگون ٻڌجي،
راتين جي ترديد ڪيون ٿا.

وعدا ٽوڙي روز تراشي،
روز نئين تجديد ڪيون ٿا.

پيرن جون زنجيرون ٽوڙي،
قيدين تي تنقيد ڪيون ٿا.

جوڙي دل جي واٽ وسيم،
اندر جي تقليد ڪيون ٿا.

## وائي

هِڏي هيءَ ٿان ٿان
تنهنجو وات پچي نٿو!
چار ئي پهر پلاند مان
چوڙين ٿو مان! مان!
تنهنجو وات پچي نٿو!
ٻاروهي ٻوڙيون اکيون،
ٻاروهي ڪان! ڪان!
تنهنجو وات پچي نٿو!
ٻي تالي ٿين ٻي سُري،
ڍولڪ جي ڍان! ڍان!
تنهنجو وات پچي نٿو!
پنهنجو ڪريو پاڻ سان،
پاڻ ٻُڌين پان! پان!
تنهنجو وات پچي نٿو!

(ٻوڙي: جهار ڪائيندڙ پکي جمع ٻوڙيون)



## امر اقبال

# نثري نظم

## اڌ ۾ رهجي ويل ناول

مون سوچيو هو
مان ڪنهن سياري جي رات ۾
بهار رُتِ جو خواب ڏسندي
خاموشيءَ سان ننڊ ۾ ئي مري ويندس
مون اوچي پهاڙي رستي تان گاڏيءَ سميت
ڪنهن اونهي ڪڏ ۾ ڪري مرڻ جو
هولناڪ منظر به سوچيو هو
مون پنهنجي ئي شهر ۾ ڪنهن اڻڄاڻ دهشتگرد جي
اڻڄاڻ گوليءَ جو ڪاچ بڻجڻ جو به سوچيو هو
ڪنهن بحري قزاق جي چمڪندڙ خنجر جو
سوچي
مون پنهنجي زبان جي هيٺان
تجسس پرئي موت جو ذائقو به محسوس ڪيو
گهڻو شراب پيئڻ جي ڪري
گُردن جي ناڪاره ٿيڻ سبب مرڻ
محبوبا جي اڻ ڏٺي جنوني عاشق جي هٿان ڏنل
گهٽي سبب مرڻ
هوائي جهاز جي ڪريش ٿيڻ تي
هوا ۾ هوا ٿي وڃڻ
گهڻ سگريٽ پي ڪنهن سينٽيوريم جي بيڊ تي مرڻ
دل جي وارڊ ۾ مرڻ......
موت جا اهي سڀ ۽ ڪجهه ٻيا قسم
مونولاگ ۾ لکيل پنهنجي ناول جي
ڪلائيميڪس ۾
مون پنهنجي ڪردار لاءِ سوچي رکيا هئا
پر
پنهنجي ناول جي هيروئن
پنهنجي محبوبا جي
بيوفائيءَ جي اوچتي وڄ جهڙي خبر ٻڌي
مان ناول مڪمل ڪرڻ کان اڳ ئي
پنهنجو پاڻ ۾
غير محسوس طرح سان مري ويس
هاڻي منهنجو ناول ڪڏهن به پورو ٿي نه سگهندو
۽ منهنجي ناول جو پبلشر
مون کي ائڊوانس ۾ ڏنل پئسن جو سوچي
منهنجي جسماني موت جون دعائون گهرندو
رهندو.

## گوهر سنڌي



## وائي

مليا ڪيئي ڏک،
سنڌ نہ سنيري ڏک،
اڀري سج لهي ويا.

ٻاٽي ناهي سنڌوءَ ۾،
ٿي وئي آهي سُڪ،
اڀري سج لهي ويا.

ساڙي ٻاري ٻيلا،
پٽي اڏامي رَڪَ،
اڀري سج لهي ويا.

سوکھڙي جي مُند،
ساڙي پٽي لُڪَ،
اڀري سج لهي ويا.

هلڻ هارا سپرين،
ڪٽان ڪيئن مان وِڪَ،
اڀري سج لهي ويا.

سک نہ لهي سُتري،
پيل ٻانهن ۾ ٻَڪَ،
اڀري سج لهي ويا.

سنڌڙيءَ جا ويري،
روز هڻن پيا جَڪَ،
اڀري سج لهي ويا.

ڪوڙن ڪانئرن مٿان،
اجايا نہ رکُ ڪَڪَ،
اڀري سج لهي ويا.

خوشحال سنڌ ’گوهر‘،
ماڻهو مرن ٿا ٻُڪَ،
اڀري سج لهي ويا.

## غزل

سڪيءَ ڪي سڪائڻ چڱي ڳالھ ناهي،
محبت ڪي ٻلائڻ چڱي ڳالھ ناهي.
ڏئي درد دل ڪي ڏڪائين پيو،
ڪا دلڙي ڏڪائڻ چڱي ڳالھ ناهي.
نڀائڻ جو مون سان وچن تو ڪيو هو،
وچن ڪي مٽائڻ چڱي ڳالھ ناهي.
حق سچ جي راھ تي هلندو هل،
راھ تان هٽائڻ چڱي ڳالھ ناهي.
مان ڪليل ڪتاب آهيان اڳيان تنهنجي،
ها ڪٿي اڄلائڻ چڱي ڳالھ ناهي.
گھڻو ئي ’گوهر‘ جڳ ڪي آ آزمايو،
وري وري آزمائش چڱي ڳالھ ناهي.

## وائي

سچ، سونهن، سنڌ،
منهنجي جان جند،
وسري ڪيئن وجود مان.

مرڻ جيئڻ جنهن سان،
آهي اهو هنڌ،
وسري ڪيئن وجود مان.

آءٌ سادو سچو،
ڄاڻا نہ ڦير ڦند،
وسري ڪيئن وجود مان.

سودو جنهن جو سچ؛
مڙس اِهو آ رند،
وسري ڪيئن وجود مان.

علم ادب ۽ پيار،
روح جي آ تند،
وسري ڪيئن وجود مان.

ساجن مون سڃاتو،
پيئندي پيئندي مَنڌ،
وسري ڪيئن وجود مان.

حق خاطر ’گوهر‘،
ڪِلنڌي ڏنو ڪنڌ،
وسري ڪيئن وجود مان.

ايوب الستي رند



## ڪافي

هرجاءِ وسين تون سائين،
مشتاقان دا عرض اڳهاوين.
عيب اساڏي ڍڪين تون ڍوليا،
توڪل تئين تي اساڏي مولئ،
بي رنگ ڪون تون رنگرا لاوين.
حال اساڏي ٿي ڳئي هيٺين،
درد مليي هن ٻيٽي ٽيٽي،
ڏڪڙي اساڏي آپ مٺاوين.
عشق اندر وچ مچ مچايا،
بار برهه دا سِر تي چوايا،
جان جگر وچ ٻلديان باهين.
'ايوب' دا تون ئين دين ايمان،
اِٿان گهڙي سرا دا هي مهمان،
ذات بقا تيڏي رحم فرماوين.

## ڪافي

همٿ سان هلنديس ڏونگر سارو ڏورينديس،
سور سلي سورن سندي وَرُ پنهنجو ووڙينديس.
لئي لسٽون ماري مستيون مهل مازيون ڇڏينديس،
پنڌ پاري منزل ماري وَرَ ڏانهن وينديس.
ڇڏي سيج وينديس ڪيچ ثمر سِر تي ڪڻنديس،
قرب ڪني محبت مٿي جند جان گهورينديس.
سور سارا آهن پيارا سيني اندر سهنديس،
'ايوب' رند وَرَ مٿان سِر ساهه گهورينديس.

## غزل

عشق تنهنجي ۾ ائين جڪڙي ويو هان،
جيئن ڪا هرڻ ڦاسي دام ۾.

پرين جي اڳيان وڃي پيش پيم،
جيئن ڪو ستايل پوي سام ۾.

تنهنجون ڳالهيون ائين پچاريان پيو،
جيئن پکي ٻولي پيو لام ۾.

دلبر عشق سان دل وندرايون،
جيئون پيا عشق جي جام ۾.

اڄي محبت ۾ مون سان جي ملندين،
'الستي' دعائون ڏينديئي انعام ۾.

## غزل

جو دم دلڙي جيئري آهين،
ڏکن سورن سان پئي نياءِ.

پنهنجي غريبي حال ۾ تون،
سڀ ڪي پائج سڳو ٻاءِ.

سور مَن جي سڳي ۾ مڙهي،
تون ڪن ٿو سمجهي ڳل ۾ پاءِ.

ملنديئي ڏک پرين طرفان،
تن ڪي ڏجئين جيءَ ۾ جاءِ.

هن زماني ۾ سورن سان،
'الستي' پنهنجو نينهن لاءِ.



مرزا ڪاظم رضا بيگ

## غزل

وفائن جي زماني ۾ اگر ڪا بندگي ناهي،
دلين ۾ ڪنهن جي لئہ ڪنهن ڪي محبت تازگي ناهي.

خدا ۽ انبيائن، اوصيائن اوليائن سان،
محبتِ ڪانسواءِ ڪا بندگي ۽ زندگي ناهي.

محبت آهي بس انعام خالق جو تہ انسان لاءِ،
محبت جيڪڏهن ناهي تہ گويا زندگي ناهي.

اُهو ڪردارِ دنيا ۾ ٿو بنجي پيروي قابل،
ڪہ جنهن ۾ بيوفائي جي سرمُو گندگي ناهي.

چڙهي ويو دار تي، ظالم اڳيان سرخم نہ ڪيئين پنهنجو،
اهوئي دار تي چڙهي مون کي ڪا شرمندگي ناهي.

تڏي محتاج چو هي دردِ دل، تسڪين خاطر جو،
پيان پيو شربتِ ديدار پوءِ ڪا تشنگي ناهي.

گذاريان ڏينهن ٿو محبوب جي ڪوڙن ئي وعدن تي،
اهو پڻ ڄاڻندي هن ۾ تہ ڪا شائستگي ناهي.

ڪري ٿو وصل جو وعدو ڦري ٿو قول تان پنهنجي،
چوي ٿو همنوائن کي مون کي شرمندگي ناهي.

زوال آهي تہ بيشڪ حسن کي ئي چند ۽ سج وانگر،
وَهي گذري وئي اڏ پوءِ رهي ڪا تازگي ناهي.

جا پهرين هُئي سندم زلفن ۾ جڪڙيل زندگي هن جي،
اُها پر عشق ۾ هن جي سندم وارفتگي ناهي.

اُهي ئي عشق ناز و ادا، رعنايون، جلوه،
مگر عاشق لئہ دل ۾ سندس ڪا سادگي ناهي.

نقاب آهي پيو رخ تي نہ پيڪر ٿيو حيا جو، پر،
چون پل سپ پيا ڪردار ۾ بي پردگي ناهي.

سجڻ وعدو وفائي جو ڪيو وعدي تي وعدو پر،
مگر وعدو نڀائڻ ۾ وٽس سنجيدگي ناهي.

جيئون ٿا آسري تي روز شب الله جي 'ڪاظم'،
محبت ئي حقيقت، پر حقيقي بندگي ناهي.



جيئند علي مهر

## احساسُ محرومي!!
### (نثري نظم)

سوچن ۾ پاڳلپڻو
هَٿ خالي خالي
پاڳن جي لڪيرَن تي
سواليہ نشانيون؟؟؟
اکين ۾ ظاهر بيٺيون هِن!
ڪيڏي نہ خوشين جي
قاتل آ!!
احساس محرومي!!
ڪاش!
ڪنهن نڏڪٺي جي مٿان،
ٻاجهہ جو هَٿُ نہ ڪڄي!
شالَ ڪنڌُ نہ ٻجي قربتن جو!!

## ٻُليلَ هِن زماني اڳيان!!
### (نثري نظم)

مُنهنجي اُداسين جي ڳوٺ ۾!
اڪثر راتيون...
ننڊ کي گهُٽنا ڏيندي،
اوجاڳن جون ٻانهُون،
سيرانديءَ ڏئي
سُڏڪنديون هِن!!
چنڊَ جي پوئين پاڇي مَنجهہ،
درد جي ڪِربَ کُڏي پئي...
اڪيلائين اُلڪن ۾ آ وِڌو
ساٿ تُنهنجي جي خوشبوءِ
ساهہ ئي وجهيو ڇڏي،
مُنهنجي انتظار ۾!!
زماني جي مُنهن تان،
مِهڻن جو ماسُ لهي ئي نٿو!!
ڪارا لٽا ڪيئن لاهيان مَنَ...
اکڙين جو هي احتجاجُ،
بينرَ ڪنيو بيٺو آ!
بدلجي ويو آن تون پي،
ٻُليلَ هِن زماني وانگيان!!!



## مير مختيار ٽالپر

### غزل

ڪنهن شخص دوکو ڏنو، دوستي جي روپ ۾،
مان شڪست کائي ويٺس، زندگي جي روپ ۾.

تو چيو مونکان پري ٿي، مون سمجهيو اهو آ مذاق،
مان ويتر ويجهو ٿيندو ويس، شاعري جي روپ ۾.

حسن تہ بنجي ٿي پوي ٿو، ڪنهن نہ ڪنهن دل جو خدا،
عشق بہ دل ۾ ٿو رهي، پر بندگي جي روپ ۾.

تنهن کي پيٽي چند، گل سان، بيوقوفي جو ڪيان،
جو لڳي ٿو، ڪعبو، قبلو، سادگي جي روپ ۾.

مان ميجان ٿو ترسوا، منهنجي حياتي ڪجهہ نہ آ،
تنهنجو رتبو يار رهندو، رهبري جي روپ ۾.

مانِ مٺا تو تئين پڄان، تنهنجي محبت ماٿي سگهان،
ڪاش! ائين ٿي پئي، جادوگري جي روپ ۾.

### غزل

ڪيان ديدار ڪيئن تنهنجو نقابن ڪان تہ پاسو ڪر،
محبت ۾ نہ شرماءِ حجابن ڪان تہ پاسو ڪر.

امن جا آشيانہ جي، اُجاڙين پنهنجي عقل سان،
انهن ويرين جي راين ۽ ڪتابن ڪان تہ پاسو ڪر.

اسان دلڙي توسان لائي، پنهنجي جند جان توکي اربي،
اسان وٽ چا بچيو آهي، حسابن ڪان تہ پاسو ڪر.

محبت جي عيوض اُلفت، اها جي ڪار ناهي تو وٽہ
پريت جو جام نہ پيارج پر، عذابن ڪان تہ پاسو ڪر.

’مختيارمير‘ کي تحفو ڏيڻ چاهين تہ مرڪي ڏي،
نازڪ هٿڙا ڪنڊي زخمي، گلابن ڪان تہ پاسو ڪر.

کاشف ميمڻ



## غزل

تو چپن ۾ سانت کي ويڙهي رکيو،
وار ويڙهي رات کي ويڙهي رکيو.
چنڊ تارا قيد چوٽيءَ ۾ ڪري،
تو سڄي ڪائنات کي ويڙهي رکيو.
تنهنجي ڳلڙن تان پگهر ٻمندو ڏسي،
بادلن برسات کي ويڙهي رکيو.
ڪا گهڙي ڏسندو رهيس توکي پرين،
ڪا گهڙي مون بات کي ويڙهي رکيو.
هجر جا 'ڪاشف' ٻڌايان ڇا قصا،
درد جي سوغات کي ويڙهي رکيو.

## خواب

تنهنجي
حاصلات جا خواب
عيسيٰ جيان
صليب تي
ٽنگيل آهن
۽ آئون
انتظار ڪيان ٿو
ڪنهن معجزي جو

## حسن جو زوال

چاندوڪيءَ رات جو
هڪ پوڙهي
ستارن سان سجايل
آسمان جي هيٺان
گهر جي اڱڻ ۾
کٽ تي ليٽيل
رڪيل وار
جنهن ۾، وقت جي بيرحم هوائن
ڇڻ اڇو چونو ٻرڪيو هو
چهرو گهنجهيل
اکين جي چوڌاري ڪارا دائرا
هوءَ پنهنجي جوانيءَ ۾
حسن جي زور تي
چنڊ تي چٽرون ڪندي هئي
مگر اڄ!!!
چوڏهين جو چنڊ
چوڏهن سالن جي نئين سمايل
ڪنواري ناريءَ جي جوانيءَ جي جهڙي جوين ۾ آ
هوءَ اداس ۽ خاموش......
چنڊ کي گهوري رهي آ
۽ چنڊ!!!
هن تي چٽرون ٿو ڪري.

## بيواهه خواب

هن جي
ڪنوارين
اکين جي
خوابن جون
تعبيرون......
مري ويون آهن
يعني......
هن جا خواب هاڻي
بيواهه......
بڻجي چڪا آهن......

جاويد عباسي



# شمي

اڄ اٽڪل پنجويهہ سالن کان پوءِ دنيا داريءَ کان ٿڪجي، ڳوٺ جو رخ ڪرڻ لاءِ اسٽيشن تي پهتس. ريل گاڏيءَ ۾ سفر ڪئي به ورهيه لنگهي ويا هئا. گاڏي پنهنجي وقت کان ٽي ڪلاڪ ليٽ هئي. مسافرن جي رَش هئي، ليٽ سبب گهڻا ماڻهو هليا ويا، باقي بغير ٽڪيٽ جي يا ڏهہ ڏهہ رپيا سپاهيءَ کي ڏئي ڳوٺ پهچڻ وارا بيٺا. اڄ به ماڻهو بغير ٽڪيٽ جي سفر ڪن پيا. مان اسٽيشن تي هڪ بينچ تي ويهي رهيس. الائي ڇو مون کي تڪڙ نه هئي، ڪاوڙ به نٿي آئي، بيزاري به نه پئي ٿي، من پُرسڪون هو. گاڏيءَ جي اچڻ سان اسٽيشن جي وٽندڙ خاموشي ٽٽي پئي، ماڻهن ۾ ڀاڄ پئجي وئي. هرڪو پنهنجو سامان ڪڻندو گاڏيءَ ۾ چڙهڻ لڳو. مان به ٿيلهو کڻي مشڪندو آهستي آهستي گاڏيءَ ڏانهن وڌيس. لوڪل ٽرين هئي، انڪري بيني ته ڇُٽي. هلڻ جي وري ايڏي ٻلي هئي، جو مسافر ڊوڙندو ڊوڙندو به چڙهي وڃي. مان به الله توهار ڪري هڪ ڊبي ۾ چڙهي ويس. ڪنڊ ۾ هڪ سيٽ خالي هئي، اتي وڃي ويٺس. ٿوريءَ دير ۾ ئي ماڻهن جي پيهہ وڌندي وئي جو آخر ۾ بيهڻ جي جڳهہ به نه هئي. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ٽرين هلڻ شروع ڪيو.

آهستي آهستي ٽرين رفتار ورتي ۽ هر شيءِ کي بلڪل مون وانگر پوئتي ڇڏيندي پئي وئي. رٽائرمينٽ ٿي وئي، اولاد جوان ٿيو، شاديون ڪري وڃي ڌار رهيا، وڃي رهياسين مان ۽ مريم.

***

”يلا اوچتو ڳوٺ ياد ڪيو اٿوَ.“ مريم منهنجي ڪپڙن جو ٿيلهو ٺاهيندي مُرڪندي مون ڏانهن ڏٺو. عجيب عورت آهي سڄي عمر مون سان گذاري ڇڏيائين، بغير ڪنهن ڪروڌ جي.

”بس يار، زندگيءَ جي پوئين پهر ۾ هڪ دفعو ڳوٺ ڏسڻ چاهيان ٿو.“ مون بوٽ جون ڪهيون ٻڌندي چيو: ”تون به تياري ڪري ڇڏ، ڳوٺ وارو گهر ڏسي اچان، ٿوري مرمت ڪرايان پوءِ تون به هلجانءِ.“

”هاڻي هن عمر ۾ ٻارن کي ڇڏي، هلي ڳوٺ ۾ رهنداسون، اهو مون کان نه ٿيندو.“ مريم ورندي ڏني. مان مرڪندو، موڪلائيندو گهر مان ٿيلهو کڻي رڪشا ۾ چڙهي اسٽيشن پهتس ۽ اچي ٽرين ۾ ويٺس. اصل ۾ مون مريم سان ڪوڙ ڳالهايو هو. منهنجي ڳوٺ وڃڻ جو خاص مقصد شميءَ کي ڏسڻ ۽ ملڻ هو. شميءَ جي نالي سان ئي چپن تي مرڪ اچي ويندي هئي، پوءِ اُها مُرڪ زماني جي وٺ وٺان ڪسي ورتي.

***

”هاڻي تون شهر ويندين پڙهڻ، پوءِ اتي ئي رهي پوندين.“ شميءَ، اداسيءَ مان چيو. ”چري- پڙهي، نوڪري وٺي، وڏو ماڻهو ٿي، توکي وٺي ويندس.“ مون سندس اکين ۾ جهاتي پاتي ۽ هوءَ ايترن لفظن ۾ ئي خاموش ٿي وئي.

بابا ڳوٺ جي اسڪول جو هيڊ ماستر هو. پڙهڻ ۽ پڙهائڻ سندس زندگيءَ جو مقصد هو. پنج درجا پاس ڪرڻ کان پوءِ مون کي شهر موڪلڻ ٿي چاهيائين، جتي چاچو رهندو هو. هُن داخلا ۽ پڙهائڻ جو ذمو کنيو هو.

شمي منهنجو نندپڻ هو. اسان گهڻو وقت گڏ گذاريندا هئاسين. ڪو ماڻهو مون کي ڳوليندو هو ته چوندا هُئس شميءَ سان هوندو. شميءَ کي ڪير ڳوليندو ته چوندس منوءَ سان گڏ هوندي. لِڪَ لڪوٽي، اٽي ڏڪر، ٻلورن سان راند ۽ ٻيون ڪوڙ ساريون رانديون اسان ٻار گڏ ڪيڏندا هئاسون. شمي

ڏڪيندي ڏڪيندي مون کي ڊر ٽائين وٺي آئي. تڏهن مون ڏٺو، وَلو اندران ڪهاڙي کڻي ٿابڙجندو آيو پئي. شميءَ مون کي ڏڪو ڏئي گهر کان ٻاهر ڪڍيو ۽ اندران ڪنڊي ڏئي ڇڏي. مون کي خوف وچان ڏڪڻي وٺي وئي. حواس وڃائجڻ لڳا. مون کي سمجهه ۾ ڪجهه نه ٿي آيو. مان ٽڪڙو ٽڪڙو ٻاڙي مان نڪري ٻاهر ڇنگڇيءَ تي چڙهي بس اسٽينڊ پهتس، مامي به وسري وئي. بس تي چڙهي اچي شهر ۾ پنهنجي گهر ساهه پٽيو. مريم ايترو جلدي واپس اچڻ تي حيران هئي، پر مون وٽ ڪو جواب نه هو. مان ڪمري ۾ رلي وڃهي سمهي پيس.

صبح تائين گهڻو ڪجهه بهتر هو. من ۾ ڇڻ ماٺار هئي. هيءُ مون ڇا ڪيو. شميءَ کي ائين ڇڏي آيس. مان ايڏو بزدل ڪيئن ٿيس.

"سائين، هيءَ توهان جي چانهه ۽ هيءَ اڄ جي اخبار"، مريم کي خبر هئي ته چانهه ۽ اخبار صبح جو نيرن تي لازم جز هئا. مون مرڪي ڪيس مهرباني چيو پر اندر ڄڻ وڍجي ويو هو. اڄ نه چانهه پيئڻ تي دل پئي چاهيو، نه اخبار پڙهڻ تي. چپ ۽ ماٺ ڪري وري سمهي پيس. ٿوري دير ۾ وري مريم اچي اٿاريو.

"سائين، ٻيهر چانهه حاضر آهي، ڇا ٿيو آ، طبعيت صحيح ناهي."

"نه- نه - بس ٿڪاوٽ آ، مهرباني سائين." چانهه رکي مريم هلي وئي ۽ مان چانهه جو ڍڪ ڀريندي اخبار ڏسڻ لڳس، اندرين صفحي تي ٻن ڪالمن جي خبر هئي "مڙس پنهنجي زال کي ڪاري ڪري ماري ڇڏيو ۽ پاڻ فرار.... پوليس ڳولها ۾." تڏهن منهنجي ذهن ۾ جهٽڪو لڳو اوهه.... خدا..... وَلو، ڪاري ڪري شميءَ کي قتل ڪري ڇڏيو.....

## نئون ڪتاب




ڪتاب: جاني لاثاني

شاعر: ياسين ڪنير

موضوع: نعتيه شاعري

ڇاپو پهريون: اپريل 2019ع

قيمت: -/120 رپيا

ڇپائيندڙ: نويد بڪ ڊيپو حيدرآباد

وات ۾ وجهي آهستي آهستي چٻڻ لڳو. ورجينا شوق مان پڇيو:

”ڪيئن رڌو آهي؟“

”تمام سٺو.“

”ڪيترو سٺو؟“

”ايترو سٺو جو اهو کاڌو ڪنهن بادشاهه کي پيش ڪجي ته هُو توکي هيرن ۾ توري ڇڏي.“

”بس؟“

”اوهه..... ڊارلنگ!... ڇا وري ساڳيو بحث ٿيندو؟“

”ها!“ ورجينا ضد مان چيو.

”ٻڌ!...“ ليري چيو: ”آءٌ توسان ڪوڙ نه ڳالهائي سگهان ٿو، پر پوءِ تون منهنجي ڳالهه جو اعتبار نه ڪنديئن.“

”گهمائي ڦيرائي ڇو ٿا ڳالهه ڪريو؟“ ورجينا مايوسيءَ مان چيو.

”صاف چئي ڇڏيو ته منهنجو رڌل اسٽو ايڏو سٺو ڪونهي جهڙو توهان جي ماءُ رڌيندي هئي.“

ليريءَ چيو: ”تنهنجي پچايل اسٽو جي جيتري به تعريف ڪجي سا گهٽ آهي، پر منهنجي ماءُ جي رڌل کاڌن ۾ هڪ خاص خوشبوءِ هوندي هئي جيڪا تنهنجن کاڌن ۾ نه هوندي آهي.“

”منهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي....“ ورجينا جو آواز روئڻهارڪو هو.

”آءٌ بهترين گوشت، صاف سٿريون ڀاڄيون ۽ مهانگا مصالحا خريد ڪندي آهيان. رڌڻي ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪم ڪندي آهيان. مون وٽ جديد چُلها ۽ مشينون آهن ۽ کاڌي پچائڻ جون بهترين ترڪيبون آهن پوءِ به منهنجن کاڌن ۾ اها خاص خوشبوءِ ڇو نٿي اچي؟ آخر توهان جي ماءُ کاڌن ۾ ڪهڙي خوشبوءِ ڪهڙو عطر وجهندي هئي؟“

”ڪاش مون کي خبر هجي ها.“ ليريءَ چيو.

”مون کي ته فقط اها خبر آهي ته سندس وفات کانپوءِ مون کي وري اهڙو کاڌو نصيب نه ٿيو. خير...... ڇڏ ان ڳالهه کي مون کي تنهنجا رڌل کاڌا به پسند آهن. جيستائين منهنجي ماءُ جو سوال آهي ته هن جهڙيون عورتون دنيا ۾ ڪڏهن ڪڏهن ئي جنم وٺنديون آهن.“

”ليري ڊيئر! آءٌ هر معاملي ۾ تنهنجي دل کٽڻ ٿي چاهيان. مون کان اهو برداشت نٿو ٿئي ته فقط هڪ معاملي ۾ توهان جي ماءُ کي مون تي فوقيت حاصل هجي. هن جي وفات بعد به.“

اهو سلسلو ڪيترن ئي مهينن تائين جاري رهيو ورجينا کي اها ئي دماغ ۾ ڳالهه هوندي هئي ته هوءَ کاڌو ناهڻ ۾ سندس مرحيات سَسُ کي شڪست ضرور ڏيندي.

هوءَ نوان نوان منصوبا ناهيندي هئي. نوان نوان تجربا ڪندي هئي، ايستائين جو هوءَ کاڌن ۾ مشرقي جڙي ٻوٽيون به مهارت سان استعمال ڪندي هئي. ان ۾ ڪو شڪ نه هو ته هوءَ انتهائي سوادي کاڌا ناهيندي هئي. ليري اهي کاڌا رغبت سان پيٽ ڀري کائيندو هو پر جڏهن ماءُ ۽ زال جي مهارت جو مقابلو ڪندو هو ته ڳالهه ساڳي خوشبوءِ تي ئي اچي ختم ٿيندي هئي.

هڪ ڏينهن ورجينا مارڪيٽ مان سيٽو سامان وٺي نڪتي پئي، ته اوچتو ڪيس پنهنجي سرتيءَ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو.

”اڙي ورجينا! تون ڪٿي آهين؟ ڇا تنهنجي مڙس توکي خوابگاهه ۾ قيد ڪري رکيو آهي؟“

ورجينا ٿوري دير لاءِ پنهنجو ڏک وساري مُرڪڻ لڳي ۽ چيائين:

”خوابگاهه ۾ ته نه پر رڌڻي ۾ قيد ڪيو آهي.“

”اڇا!.... آءٌ ليريءَ کي ته، اهڙو ماڻهو نه سمجهندي هُيس. هن تو جهڙي گُڏيءَ کي راڌو بڻائي ڇڏيو آهي؟“ هن هڪ گهرو ساهه کنيو.

”هيءُ مرد ڏاڍا ظالم هوندا آهن. ڏسڻ ۾ ته سادا سودا پر اندر ۾ چالاڪ. سندن اصليت ته شاديءَ کانپوءِ کُلندي آهي.“

”نه مارٿا! منهنجو ليري اهڙو ڪونهي.“

”ٿورو پنهنجو پاڻ کي ته ڏس، تون ته ڏاڍي نفاست پسند هوندي هئين. هاڻي توکي ڇا ٿي ويو

آهي؟ اڄ ته ڪٿي ويهي ٿوري ڪچهري ڪريون. پوءِ مون کي پنهنجا وار سيٽ ڪرائڻ لاءِ وڃڻو آهي.“

ٻئي گڏجي پرسان هڪ ريسٽورنٽ ۾ وڃي ويٺيون.

ورجينا گهر پهتي ته شام ٿي چڪي هئي. سوا ڇهه پئي ٿيا. سندس ٽوپي مٿي تي پنجيتاليهه ڊگريءَ جي زاويي تي جُهڪيل هئي ۽ اکين ۾ هڪ جارحانہ چمڪ هئي. اها ليريءَ جي خوشقسمتي هئي جو هُو جلدي گهر نہ آيو هو، نہ تہ اڄ ورجينا جيئن ئي گهر ۾ قدم رکي ها تہ گهر جنگ جو ميدان بنجي وڃي ها. مارٿا جي ڳالهين ڪيس شينهڻ بڻائي ڇڏيو هو. ورجينا منهن ڌوئڻ لاءِ غسل خاني ۾ وئي. ليريءَ جا ڪپڙا اتي ايڏانهن هوڏانهن پيا هئا. ورجينا کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، مارٿا سچ ٿي چيو مرد ان لائق هوندا ئي نہ آهن جو ڪين خوش رکڻ لاءِ پنهنجي جان ڏئي ڇڏجي. خاص ڪري، اهي مرد جن ۾ عورتن جي ڪاوشن کي ساراهڻ جي صلاحيت بہ نہ هجي.

ليري گهر آيو تہ ورجينا سَيون ابرندڙ پاٽيءَ ۾ وجهي رهي هئي. هن جو موڊ خراب هو. ليري محتاط لهجي ۾ ڳالهايو:

”هيلو ڊارلنگ! اڄ مون ڪيترا ئي ڀيرا فون ڪيو، پر ڪنهن نہ کنيو. ڇا فون خراب هو؟“

”آءٌ ٻاهر ويل هيس.“

”ٻاهر ڪٿي هئين؟“ ليريءَ نرم لهجي ۾ پڇيو.

ڪيڏانهن بہ وئي هجان. توکي ڇا؟ ڇا آءٌ توکي هڪ هڪ لمحي جي رپورٽ پيش ڪريان؟“

”نہ... نہ... منهنجو اهو مطلب نہ هو.“ ليري ڪيس عجب مان ڏسندي پڇنتي ٿي ويو.

”آءٌ شيري پئي رڌيان“، ورجينا سختي سان چيو ”انهن کي بار بار چڪڻو پوندو آهي، نہ تہ اُهي ڪڙيون ٿي وينديون آهن.“

ليري منهن ڌوئڻ لاءِ هليو ويو. ورجينا الماري کولي ٿانوَ ڪيڻ لڳي. ٽماٽن جي چٽڻي چلهہ تي رکي. اتفاق سان چلهہ تيز پئي ٻري انڪري چٽڻي سڙي وئي. ورجينا جلدي چلهہ بند ڪئي ۽ سڙيل چٽڻي ڪڍي سَيُن تي رکڻ لڳي. اهو ڪم ڪري هن لت هٽي رڌڻي جو دروازو کوليو ۽ ڪاڏي جي ميز پرسان پهتي. اڄ هوءَ ليريءَ جي سامهون ڪرسيءَ تي نہ ويٺي، پر بيٺي رهي. هوءَ فيصلو ڪري چڪي هئي تہ سندس ڪاڌي بابت ليريءَ جي زبان مان هڪ بہ تنقيدي لفظ نڪتو تہ هوءَ بہ خاموش نہ رهندي.

ليري سڙيل چٽڻي هينان ڪاٽو وجهي سَيُن جو ڀهريون گرهہ وات ۾ رکيو ۽ ڏاڍي ڏيان سان بہ ٽي چاٻا ڏنا. ورجينا جون نظرون هن جي چهري تي ڄميل هيون. اوچتو ليريءَ رڙ ڪئي:

”ورجينا!“

”ڇا ڳالهہ آهي؟“ ورجينا ڪاوڙ مان چيو.

”تو اڄ ڪاڌي ۾ ڇا ملايو آهي؟ تون ڪامياب ٿي وئين ڊارلنگ!... سئو سيڪڙو ڪامياب ٿي وئينءَ.“

”ڪامياب؟“ ورجينا کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي.

”ها واقعي! اڄ تہ تو ڪمال ڪري ڇڏيو. بالڪل منهنجي ماءُ جي رڌل ڪاڌن جهڙو ڪاڌو ناهيو آهي. ساڳيو مزو، ساڳي خوشبو هن ڪاڌي ۾، اهو سڀ ڪجهہ موجود آهي جيڪو منهنجي ماءُ جي ناهيل ڪاڌن ۾ هوندو هو.“

ورجينا سک جو ساهہ کنيو ۽ ليريءَ جي سامهون واري ڪرسيءَ تي ويهي رهي. هوءَ سوچي رهي هئي تہ سندس حسن جي تازگي برقرار رکڻ لاءِ ٻنپهرن جو آرام ڪرڻ ضروري آهي. هاڻي هوءَ روز آرام سان سمهندي ڇو تہ آخر ڪاڌو ساڙڻ ۾ دير ئي ڪيتري لڳندي آهي!! ڪيس سَسُ جي ’خوشبودار‘ ڪاڌي جي اصل ترڪيب ملي وئي هئي.

◙

ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ بخشڻ مليو ۽ چيائين ته ”يار صادق! تو جيڪو چيو هو سو صحيح چيو هو، اها سڪينا نه پر سُٽير هو. اها سڌ استاد بشوءَ جي پاڻتي ڏني، هن ٻڌايو ته جيڪا توسان سڪينا ٿي ڳالهائيندي آهي، خبر اٿئي اها ڪير آهي؟ اها ڪا عورت نه پر مرد آهي، جنهن جو نالو سُٽير آهي. يار! هُو مون کان ان عورتاڻي آڙ ۾ گذريل ڪيتري ئي عرصي کان ايزي لوڊ ڦريندو رهيو تان جو ڪنگالي اچي ڪاهي پئي، ڪيس روزانو ايزي لوڊ ڪرائڻ لاءِ استاد بشوءَ کان ايڊوانس ۾ پئسا وٺي ان جو قرضي ٿيس، هاڻي ته هن هوٽل مان به مون کي نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي. هوڏانهن آدم کان اوڌر تي ايزي لوڊ وٺي وٺي، سندس ڏهن هزارن جو قرضي ٿي ويو آهيان. هاڻي هُو چوي پيو ته ان ڏهن هزارن عيوض پنهنجي ڌيءَ نوران ڏئي ڇڏ، نه ته مون کان وڌيڪ پيو ڪو ٻچڙو نه ٿيندئي. مون ڪيس اهو به چيو ته تون مون کي جيڪو ڇوڪري جو نمبر ڏنو هو، اهو ته مرد هو. اهڙي ساري بدمعاشيءَ کي هُو ڪنهن به قيمت ۾ مڃڻ لاءِ تيار ناهي. چوي پيو ته پٽ هاڻي وڃي پاڻ ڇاڻ! يار صادق! مان ڇا ڪيان ڪاڏي وڃان! هي ٺڳ منهنجي اها نياڻي گهري ٿو جيڪا اڃا مس تيرهن سالن جي آهي. مان ڪيس ڪيئن ڏيان!؟“ بخشڻ زارو قطار روئي رهيو هو...

جڏهن مون توکي پهريائين ئي منع ڪئي هئي ته تڏهن تون ڇو نه مڙيو هئين، توکي ته پنهنجي ان پيار تي وڏو اعتماد هو بخشو! توکي خبر نه آهي ته حد کان وڌيڪ انڌو اعتبار، بربادي جو سبب بڻجندو آهي.“ مون ڪيس چيو.

ٽن ڏينهن کان پوءِ سعيد مليو، ٻڌايائين ته ”آدم، بخشو جي ڌيءَ کي سندس اوڌر عيوض بخشوءَ جي گهران ڏاڍ جي بنياد تي ڪڍائي ويو...“

نئون ڪتاب




**ڪتاب:** اهڙا پي انسان ٿين ٿا

محمد هاشم لغاري- شخصيت ۽ فن

**مرتب:** محمد عثمان منگي

**ڇاپو پهريون:** **2019**ع

**قيمت:** -/1000 رپيا

**ڇپائيندڙ:** محمد عثمان منگي سنڌ مائٽ موتي تنظيم **473-C** قاسم آباد فيز-1



سنڌي ادبي بورڊ جو معزز ميمبر ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ بورڊ جي عملي کي اهم معلومات بابت سکيا ڏئي رهيو آهي



سنڌي ادبي بورڊ جي ميمبر ۽ نامياري محقق ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ سان بورڊ جي عملي جو گروپ فوٽو

(بورڊ جي عملي جي ٽريننگ جي پڄاڻيءَ تي)

’نئين دنيا پبليڪيشن‘ شڪارپور پاران ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري حيدرآباد جي سهڪار سان 26 جولاءِ 2019ع تي بزرگ صحافي طارق اشرف ۽ سائين نثار حُسيني جي ملهايل ورسيءَ تي ڪوٺايل تقريب




اسٽيج تي ويٺل ساڄي کان: گلبدن جاويد مرزا، تاج جويو نصير مرزا، مدد علي سنڌي، نياز پنهور ۽ ڪيلاش



پروگرام ۾ شريڪ ٿيندڙ معززين



## ڊاڪٽر قاضي خادم

# يادگيريون

منهنجي اسڪولي دور 1951-1959 تائين جنهن ۾ هالا پراڻا، جاتي، سجاول، اوباوڙو، وارھ، سيوهڻ، ڏوڪري، رتوديرو، چاچرو، جهڏو، ٽنڊو آدم ۽ ٺٽي جي پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن کان نيٺ اچي نور محمد هاءِ اسڪول ۾ پهتس، هر هنڌ جڏهن بہ ڪو اسڪولن جو صاحب، بيٽ آفيسر يا ايجوڪيشن انسپيڪٽر يا ٻيو ڪو آفيسر، اسڪول ۾ ايندا هئا تہ شاگردن کي هڪ صلاح ضرور ڏيندا هئا، اها صلاح هيءَ هئي تہ توهان کي روزانو ڪجھ نہ ڪجھ لکڻ گهرجي، پنهنجي باري ۾ پنهنجي گهر، اسڪول ۽ اوڙي پاڙي، توڙي روز پڙهجندڙ ڪتابن جي باري ۾ بہ ضرور لکڻ گهرجي، جي توهان روز هڪ صفحو بہ لکندا تہ سال ۾ 365 صفحا ٿي ويندا، ان ڳالھ جو مون تي ڏاڍو اثر ٿيندو هو، ليڪن خبر نہ پوي تہ لکجي ڪيئن ۽ ڇا؟ نيٺ ڪاليج جي زماني ۾ لکڻ جي عادت پيم جيڪا اڃا جاري آهي.

آءُ پنهنجي وقت جي مشهور سنڌي، اردو ۽ انگريزي رسالن جو اڳ ئي تفصيلي ذڪر ڪري چڪو آهيان تڏهن بہ اهو ضرور چوندس تہ لائيف (Life) ٽائيم (Time) پوسٽ (Post)کان وٺي ريڊرس ڊائجسٽ ۽ نيٺ پلي بواءِ (Play Boy) فلم فيئر ۽ پنٽ هائوس (Penth House) تائين، ٻئي طرف نقوش سيپ، فنون، نيا دور، سويرا کان بيسوين صدي، آداب عرض، چاند شمع، رومان تائين ۽ نئين دنيا، فلمي دنيا، مهراڻ ۽ نئين زندگيءَ کان روح رهاڻ ۽ سهڻي تائين، رسالن کي پڙهيم ۽ لکيم، پوءِ سنڌي رسالن ۾ لکندي اڌ صدي کان وڌيڪ عرصي ۾ جيڪي ڪجھ پڙهيم ۽ لکيم تنهن جو بہ هڪ وڏو دلچسپ ۽ سبق آموز داستان آهي.

❁❁❁

منهنجي خيال ۾ تاريخ ۽ ادب انساني ذهن ۽ سياءَ تي جيترو اثر وجهن ٿا ان کي ذهن ۾ رکڻ ۽ زندگيءَ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ ضروري آهن، تيئن ٿيئٽر ۽ سئنيما بہ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، فرق اهو آهي تہ تاريخ ۽ ادب پڙهندڙن تي اثر وڌو، جيڪو پوءِ هنن ٻين ڏانهن منتقل ڪيو تہ ٿيئٽر ۽ سئنيما سڌو سنئون تعليم يافتہ ۽ اڻ پڙهيلن تي پنهنجا اثرات ڇڏيا، ادب جيئن ئي مشهور قصا، نيون ڪهاڻيون، ناول ۽ لکت ۾ ڏنا تہ ٿيئٽر ۽ فلم وسيلي اهي اسٽيج تي پيش ڪيا ويا. فرق اهو هو تہ لکت گهڻن تائين هڪ ئي وقت پهچي سگهي ٿي ۽ ان جي عمر بہ وڌيڪ آهي جيڪا صدين تي ٻڌل آهي، جڏهن تہ ٿيئٽر يا سئنيما جو دائرو محدود ۽ حلقو مختصر آهن، ان ۾ هڪ وقت ۾ صرف ڪجھ تعداد ۾ ماڻهو ئي فائدو ۽ سبق حاصل ڪري ٿا سگهن، ليڪن ڪڏهن بہ ان جي اثرن کان انڪاري ٿي نہ ٿو سگهجي.

❁❁❁

اوائلي دور جون موٽرون، ٽرڪون. توڙي بسون سيلف اسٽارٽ ڪونہ هونديون هيون، انهن کي اسٽارٽ ڪرڻ لاءِ هينڊل استعمال ٿيندو هو. نيون بسون ۽ ڪارون تہ هلڪي هينڊل جي اشاري تي اسٽارٽ ٿي ونديون هيون، پر پراڻين گاڏين، خاص ڪري جن جون بيٽريون بہ ڪمزور ٿي ونديون هيون، تن کي هينڊل سان اسٽارٽ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم هوندو هو، ويچارو ڊرائيور يا ڪنڊيڪٽر هينڊل هڻي هڻي پگهرجي ويندو هو، تڏهن مس انجڻ اسٽارٽ ٿيندي هئي، اسان وٽ بہ اوائلي وقت ۾ هڪ شيورليٽ ڪار هئي جيڪا هينڊل سان اسٽارٽ ٿيندي هئي، پر اهو ڪم ڊرائيور يا ڪو نوڪر يا پٽيوالو ڪندو هو، ليڪن جڏهن 1963ع ۾ هڪ پراڻي سڪوڊا ورتيسين تہ اها هينڊل سان اسٽارٽ ٿيندي هئي ۽

غم ڪَنَدي نهين، ڦٽ چٽدي نهين، ظالم،
عشق دي واعدي الا ڪندي، نهين.

مون کي اڄ به اهو گانو ڏاڍو وڻندو آهي، اهڙو ئي ٻيو هڪ گانو هندستاني پنجابي فلم پنگڙا جو به ياد اٿم جيڪو درد سان ٽمٽار لڳندو اٿم،

ملهه وڪدا سجن مل جائي لي ليوان مين چندِ ويچ ڪي.

هيءُ ٻئي مشهور هيرو زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ تمام تڪليف ده انداز ۾ گذاريندا ڏٺم، فاضلاڻي صاحب سان ڏيئلداس ڪلب ۾ اچڻ ڪان پوءِ تفصيلي ملاقاتون ۽ رهاڻيون ٿيون، هن جا حالات ٺيڪ نه هئا ۽ هُو جلد ئي گذاري ويو.

مشتاق چنگيزيءَ سان واسطو پروفيسر امام بخش ملاڻي جي ڪري ٿيو، جو هُو سندس اڳ ڄاتو پڃاتو هو ۽ ريڊيو ٽي.وي جي حوالي سان به هن سان ملاقاتون، ٿيون، ان وقت هن جي اداڪاره چڪوريءَ سان جوڙي مشهور ٿي ليڪن بعد ۾ جڏهن هو اداڪاري ڇڏي چڪو هو، سنڌي فلمن بلڪ فلمن جو ئي زمانو ختم ٿي ويو، ته هن سان ڏيئلداس ڪلب ۾ اداڪار حبيب سان گڏ ملاقات ٿي، جيڪو منهنجو بهترين دوست بڻجي چڪو هو ۽ حيدرآباد اچڻ تي سڀ کان پهرين مون سان ڪلب ۾ ملڻ ايندو هو، هيءُ دور مشتاق چنگيزي جي زوال جو هو، جنهن جو هڪ مثال اهو هُو جو هو ريڊيو حيدرآباد تان هڪ فلمي پروگرام ڪندو هو ۽ اتي جا پروڊيوسر هن جي ڪا خاص عزت ڪو نه ڪندا هئا، اها خبر تڏهن پئي جڏهن هڪ دفعي مونکي چيائين ته هڪ پروڊيوسر کي سندس لاءِ سفارش ڪري ته ڪيس ڪجهه وڌيڪ پروگرام ڏئي، ڇو جو هن جي انهن پئسن مان پورت نه ٿي ٿئي، مون هن لاءِ چيو ته ضرور پر اهو ڏک ٿيم ته شل ڪو مجبور نه ٿئي.

❁❁❁❁

انب جهڙو ڪو ميوو ڪو نه سُجهي، جنهن کي سنڌ ۾ نه صرف ميوي طور کاڌو ويندو آهي، بلڪ انب پت يا انب ماني به کائي سگهبي آهي، خاص ڪري جڏهن اسين پنهنجي ڳوٺ هالا ۾ ويندا هئاسين ته انب جي موسم ۾ ٽي ئي وقت مانيءَ سان انب ضرور شامل هوندو هو، ان وقت اڃا سنڌڙي، سرولي، لنگڙو، انور رٽول، ڪليڪٽر بينگن ڦلي يا چونسو انب عام ڪو نه ملندا هئا، بلڪ سنڌڙي ته وجود ۾ ئي پوءِ آيو، البته طوطاپوري ۽ سنڌي انبن جا جام قسم ملندا هئا، جن ۾ مٺا انب به هوندا هئا ته ترش به. ڏسڻ ۾ صفا سون جهڙو رنگ هوندي به ڪيترين ئي جنسون ڪٽيون هونديون هيون، ليڪن خوشبو سڀني ۾ هوندي هئي، انب جڏهن شام جو گهر ۾ ڪنهن پاڻيءَ جي ٿالهه يا گيندين ۾ ٻنجيون لاهي ٿڌا ٿيڻ لاءِ رکيا هئا ته گهر انهن جي خوشبوءِ سان مهڪي پوندا هئا ۽ اها ئي موسم پلي جي به هوندي هئي پوءِ پلو ۽ انب ڄڻ ته رات جي ماني لاءِ مخصوص ٿي ويو هو.

اڄ به جڏهن پلي کي ياد ڪري انب ڪٿبو آهي ته ڪٿان پري ڪان بلڪ دل جي اندران پلي جي خوشبوءِ نڪري ايندي آهي، جيڪو سنڌو جي سڪڻ جي ڪري درياهه ۾ ئي ڪو نه اچي، پلو هونئن ته هر ان نديءَ ۾ ملندو آهي جنهن جو ڇوڙ سمنڊ ۾ ٿئي ٿو، بنگال ۾ ان کي هلسا ڪري چئبو آهي، پلو يورپ ۽ آمريڪا ۾ جام ٿئي ٿو، جيئن اسان وٽ گوادري پلو ٿئي ٿو، جيڪو جسم ۾ سنڌي پلي کان وڏو پر سٺپ ۾ گهٽو گهٽ ٿئي، تنهنڪري اسان سنڌين کي سنڌوءَ جي پلي جو واس ۽ سواد ٻين پلن کان وڌيڪ لڳندو آهي، چون ٿا ته پلو هاليند کان هلي ايراني نار کان ٿي، گوادر وٽان هلندي، هندي سمنڊ ۾ اچي ٿو ۽ جتي سنڌو ڇوڙ ڪري ٿي، اتي آنا ٿو ڏئي جتان ڦٽي پلا ڪاري پاڻي ۾ پيدا ٿيڻ کانپوءِ مٺي پاڻيءَ ڏانهن وڌن ٿا ۽ ايئن وهڪري جي ابتڙ سفر ڪن ٿا.

سائين محرم خان جيڪو سنڌي شعبي جو پروفيسر هئو، پر بنيادي طرح وگهاملن جي سگهڙ خاندان مان هئو، چوندو هو ته پلي ۽ انب جي موسم ۾ زڪام ٿيندو آهي، انڪري جو اهي ٻئي خشڪ ۽ ٿڌي مزاج جا آهن.

❁❁❁❁

جيئن اسٽيج جو ڪو اداڪار اوستائين مشهور به رهي ٿو ته ماڻهو هن کي ڏسڻ ۽ هن سان

مرزا ڪاظم رضا بيگ



## سنڌ جي نامياري محقق، تاريخدان ۽ شاعر

# مرزا عباس علي بيگ جي غزل گوئي

سرزمين ٽنڊو آغا حيدرآباد سنڌ، علم، ادب، شعر و سخن، فضل و ڪمالات ۾ يگانه روزگار هستيون پيدا ڪيون آهن، جن مان مرزا خاندان به هڪ آهي. هن گهراڻي ادبي ۽ علمي پورهيي ذريعي نمايان مقام ماڻيو. مرزا فتح علي بيگ ’فتح‘ جو خاندان 1863ع کان هتي آباد آهي، جن جي علمي ۽ ادبي ڪارنامن سنڌي ادب کي آب و تاب ۽ مٿاهون مقام عطا ڪيو آهي. نثر هجي يا نظم يا ٻي ڪا ادبي صنف يا منهبي شاعري، بيشڪ هن گهراڻي جو ورثو رهيو آهي، جن مان هڪ مرزا عباس علي بيگ به آهي. هيءُ بزرگ محقق، تاريخدان، اهلِ قلم ۽ شاعر جي حيثيت سان پنهنجو سڪو ڄمائي چڪو آهي.

مرزا عباس علي، هڪ شريف ۽ موقر گهراڻي جو فرد هو، ۽ ٿوري ئي عرصي ۾ هن پنهنجين ذاتي صلاحيتن ۽ علمي ادبي ڪارنامن جي ڪري بلند شخصيتن ۽ نامور عالمن ۽ تاريخدانن جي فهرست ۾ شمار ٿيڻ لڳو، جن به ساڻس ٻه چار گهڙيون صحبت جون گهاريون ٿي سي سندن سهڻي ڪردار ۽ گفتار تي موهت ٿي پيا.

مرزا عباس علي بيگ، ٽنڊو آغا ۾ تاريخ 24 مارچ 1924ع ۾ نامور مصور، شاعر، مرثيه خوان ۽ سلطان الذاڪرين مرزا امام علي بيگ ’علي‘ جي گهر ڄائو. مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ لکي ٿو ته: ”مرزا امام علي بيگ کي مصوري، زردوزي ۽ خوشنويسي قدرت حصي ۾ عطا ڪئي هئي. پاڻ ٻه ڀيرا عراق ۽ ايران جون زيارتون به ڪيائين. پير سيد علي اصغر شاهه راشدي، جڏهن به حيدرآباد ايندو هو ته وٽس رهندو هو ۽ کيس ’نقاش ازل اول‘ جي لقب سان سڏيندو هو. (از: درناياب عرف يادِ رفتگان- سنڌي ادبي بورڊ، ص 91).

علامه آءِ آءِ قاضي جو ڀائيجو، نامور اديب ۽ شاعر، ڊاڪٽر علي احمد قاضي، مرزا امام علي بيگ جي مصوري جي تمام گهڻي تعريف ڪئي آهي. هو لکي ٿو ته:

”ٽنڊي آغا جي مرزائن (مرزا فتح علي بيگ جو خاندان) جي قبيلي ۾ ته هنر جي ڪا خدائي ڏات هئي، خاص ڪري، مرزا قربان علي بيگ ۽ سندس ڀاءُ مرزا امام علي بيگ ته اهڙا هنرمند هئا، جن کي هر لحاظ کان دستڪاريءَ جا شاهڪار چوڻ واڌارو نه ٿيندو. هڪ ڏينهن محرم جي شروع ۾ مرزا مدد علي بيگ ۽ مان امام بارگاهه علي آباد (حيدرآباد) پهچي وياسين. عنقريب شام جي مجلس ٿيڻ واري هئي، مرزا امام علي بيگ مرحوم اجا تعزيعي جي نقش و نگار لاءِ ابرق تي نفيس خيالي گل ۽ پرند چرند چٽي رهيو هو. سندس قلم ۾ ايترا ته ڪي جواهر پريل هئا، جو نهايت سخاوت سان ويو ٿي، هرهڪ ڀڪيءَ جي ڀُڄ ۽ ڀيرن تي جڙيندو، ڪٿي هيرا ته ڪٿي موتي، ڪٿي فيروزا ته ڪٿي نيلم ۽ لعلون، بي انتها، بي حساب. ڀلا جي راجا جي گهر موتين جو ڪال ڪونهي ته مصور وٽ وري کهڙي کوٽ؟ جنهن کي وڻيس، تنهن کي جهنجهيو ڇڏي، پنهنجون سرخيون، پنهنجون سبزيون، اتي ئي سونهري مَس رکي آهي، ته اتي ئي سياهه، سفيد، سڀ موجود هٿ تخليق تي تيار، هلندو وڃي. حيرت آهي ته منهنجي نظر مرزا امام علي کي ڇو نه لڳي! اي قدرتي امان، تو ڇو پنهنجا گوهر اپائي، نپائي، وري ڪپائي ڇڏيا!“ (مضمون مرحوم مرزا قربان علي بيگ ’قربان‘، از: ڊاڪٽر علي احمد قاضي، نئين زندگي، نومبر 1968ع ص 26-27)

مرزا عباس علي بيگ، ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي وڏي چاچي مرزا قربان علي بيگ قربان ۽

ڏانهن موڪليو هو. مطلب تہ مڪي ۽ مديني منوره ۾ قيام دوران مخدوم جهانيان شيخ مڪہ عبدالله يافعي سهروردي ۽ شيخ مدينہ عبدالله مطري سهروردي کان مختلف ڪتاب پڙهيا، ۽ ٻنهي شيخن کان صحاح ستہ ۽ عوارف جا سبق ورتا. حضرت مخدوم جهانيان، قصبہ شوڪاره (عراق) ۾ پهچي. شيخ الشيوخ شهاب الدين جي خليفي شرف الدين محمود سهروردي؛ کان پڻ عوارف المعارف جو سبق ورتو. مخدوم سهروردي جهانيان بلا تڪليف جي عربي ڳالهائيندا هئا. ڪين علوم قرآني ۾ وڏي مهارت ۽ دسترس حاصل هئي. قرات و تجديد، شان نزول ۽ تفسير ۾ پاڻ وڏي فضيلت جا مالڪ هئا. پاڻ 7 ئي قرئتن جا قاري هئا ۽ قرآن مجيد جا حافظ پڻ هئا. پاڻ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي فرمان عاليشان: "طالبعلم بڻجو، عالم بڻجو، علم جون ڳالهيون ٻڌندا رهو ۽ اهل علم سان محبت ڪريو" مطابق پنهنجي ساري زندگي گذاري مخدوم جهانيان وڏا نڪتہ رس عالم، نهايت نيڪ ۽ صالح، پارسا ۽ عبادتگذار هئا. دين ۾ سمجهہ رکڻ وارا، وڏا محدث، مفتي، روشن دماغ، شيرين ڪلامي ۽ تحرير ۾ نهايت امتيازي حيثيت جا حامل هئا.

بسلسلہ نسب 'مخدوم جهانيان' جهان گشت مخدوم جهانيان جن جو سلسلہ نسب تاجدار عرب وعجم حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن سان، حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي پاڪ نياڻي سيده النساءِ حضرت بيبي فاطمہ رضي الله عنها ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهه جن جي توسط سان سيد الانبياء و المرسلين حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جن سان ملي ٿو. جيئن تہ حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن "هاشمي" ۽ "قريشي" سڏجن ٿا ان ڪري بهتر ٿيندو تہ حضرت قريش رضي الله عنه ۽ حضرت هاشم رضي الله عنه جن کان سلسلہ نسب لکجي.[4]

حضرت قريش رضي الله عنه

جن جو اصل نالو 'فهر هو'، سندس لقب قريش هو. هن (قريش) کان ئي قريشي قبيلو شروع ٿئي ٿو. هي قبيلو پيڙهين کان معزز ۽ معتبر سمجهيو ويندو آهي.

↓

حضرت لوي رضي الله عنه

↓

حضرت ڪعب رضي الله عنه

↓

حضرت مره رضي الله عنه

↓

حضرت ڪلاب رضي الله عنه

↓

حضرت قصيٰ رضي الله عنه

حضرت قصيٰ هن خاندان ۾ تمام گهڻو معزز سمجهيو ويندو هو. هي تمام وڏي عزت جو مالڪ هيو ڪيس ڪعبت الله جو متولي بنايو ويو هو. هي حج وارن ڏينهن ۾ منيٰ ۽ مڪي شريف ۾ ماڻهن ۾ ڪاڌو ورهائيندا هئا، پاڻي جا وڏا حوض ڀرائيندا هئا.

حضرت عبدالمناف رضي الله عنه

↓

حضرت هاشم رضي الله عنه

---

[4] قريش، جنهن جو اصل نالو 'فهر' هو ۽ 'قريش' سندن لقب هو، ان کان مٿي سلسلہ نسب حضرت آدم عليه السلام تائين ڏسڻ لاءِ ڏسو راقم گچيرائي جو مقالو 'حضرت شير شاهہ جلال الدين- سرخپوش بخاري جد امجد حضرت مخدوم جهانيان جهان گشت' ٽماهي مهراڻ (رسالو) جنوري- 9- جون 2016ع ايڊيٽر (انچارج): ثمينہ ميمڻ، ص 81 کان 83 تائين.

حضرت هاشم رضي الله عنه جن جو اصل نالو عمرو بن عبدالمناف هو. ڪين 'هاشم' ان ڪري سڏيندا هئا جو هڪ ڀيري مڪي شريف ۾ اچي ڏڪار پيو عمروبن عبدالمناف ان وقت چُوري ناهي، چُوري: ماني ڀوڙ ۾ ملائي ناهي ويندي آهي، اها چوري عمرو بن عبدالمناف ماڻهن کي کارائي، عربيءَ ۾ چوري ناهيندڙ کي 'هاشم' سڏيو ويندو آهي، انڪري عمرو بن عبدالمناف جو نالو 'هاشم' مشهور ٿي ويو.

↓

حضرت عبدالمطلب رضي الله عنه

حضرت خواجه عبدالمطلب جن قريش خاندان ۾ نهايت معزز ۽ سردار ٿي رهيا. سندن ئي وقت ۾ 'عام الفيل' وارو وڏو واقعو ٿي گذريو. پاڻ ڪعبة الله شريف جا چاٻي بردار ٿي رهيا، ڪين حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جن جي پرورش جو شرف پڻ حاصل ٿيو.

↓

حضرت اميرحمزهؓ — حضرت عباسؓ — ابولهب — حضرت عبداللهؓ — حضرت عمران ابوطالبؓ

حضرت عبداللهؓ ↓
قريشي و هاشمي السيدي
حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم
حضرت سيدة النساء بيبي فاطمه رضي الله تعاليٰ عنها

حضرت عمران ابوطالبؓ ↓
حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه
شيرِ خدا
الله پاڪ جي حڪم سان حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه ۽
حضرت فاطمه رضي الله تعاليٰ عنها جن جو نڪاح ٿيو.

↓

حضرت امام حسن رضي الله عنه — حضرت امام حسين رضي الله عنه — حضرت امام محسن رضي الله عنه

حضرت امام حسين رضي الله عنه
↓
حضرت امام زين العابدين رضي الله عنه
↓
حضرت امام محمد باقر رضي الله عنه
↓
حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه
↓
حضرت امام موسيٰ ڪاظم رضي الله عنه
↓
حضرت امام علي رضا رضي الله عنه
↓
حضرت امام تقي رضي الله عنه
↓
حضرت امام نقي رضي الله عنه

جيئن ته جهانيان خاندان جو سلسله نسب، سلسلهٔ امامت جي ڏهين امام حضرت امام نقي رضہ جن سان ملي ٿو، ان ڪري جهانيان خاندان "نقوي" سڏائيندا آهن.

↓
حضرت امام زاده سيد جعفر (ثاني) رحمة الله عليه
↓
حضرت سيد علي اصغر رحمة الله عليه
↓
حضرت سيد عبدالله رحمة الله عليه
↓
حضرت سيد ابو يوسف محمد رحمة الله عليه
↓

(4) حج (5) جهاد (6) زيارت مدينہ (7) زيارت بيت المقدس (8) ملاقات بزرگانِ دين، (9) زيارت قبور بزرگان (10) هجرت

مخدوم جهانيان مڪہ مڪرمہ ۾ 7 سال ۽ مدينہ منوره ۾ 2 سال رهيا هئا. پاڻ شام ۾ ڪوه لبنان ڏٺو، مدائن ۾ قديم مسجد ڏٺي، جنهن ۾ وڻ لڳل هو. فارس جي هڪ شهر شوڪاره بہ ويو هو جتي شيخ شهاب الدين سهروردي جي خليفي شيخ شرف الدين محمود سهروردي رهندو هو، جنهن ڪان مخدوم جهانيان عوارف المعارف پڙهيا ۽ سند حاصل ڪئي. ان وقت شرف الدين تستري جي عمر 130 سال هئي. مخدوم صاحب ان جي خلمت ۾ 748هہ /1347 ۾ حاضر ٿيو هو.

مخدوم صاحب جن فرمائيندا هئا تہ: سالڪ گوشت گهٽ کائي لاچار هفتي ۾ هڪ ڀيرو. رياضت زياده ڪري ۽ پاڻي گهٽ پيئي، نفس بد ڪي سڌي راهہ تي آڻي. پاڻ فرمايائون تہ:

سالڪ ڏسي تہ صرف ڏسڻ جي لائق شيون ڏسي. (اها اکين جي امانت آهي)

ٻڌي تہ صرف ٻڌڻ جي لائق شيون ٻڌي. (اها ڪنن جي امانت آهي)

کائي تہ صرف کائڻ جي لائق شيون کائي. (اها وات جي امانت آهي)

سنگهي تہ صرف سنگهڻ جي لائق شيون سنگهي. (اها حواس نڪ جي امانت آهي)

دل ۾ ڪنهن غير کي جاءِ نہ ڏئي، صرف الله ۽ رسول جي محبت کي جاءِ ڏئي (اها دل جي امانت آهي)

کائي تہ حلال ڪاڌو کائي ۽ ننڍو گره پري. (اها معدي، پيٽ بلڪ ساري جسم جي امانت آهي).

مخدوم جهانيان فرمائين ٿا تہ: (1) سالڪ کي ڪوڙ نہ ڳالهائڻ گهرجي (2) غيبت ظاهري پوشيده نہ ڪرڻ گهرجي (3) مخلوق کي نہ آزاري (4) هر معاملي ۾ امانت کي نگاهہ ۾ رکي.

وڌيڪ فرمائين ٿا تہ: سلوڪ جون چار منزلون آهن: (1) پهرين منزل ناسوت (2) ملڪوت (3) جبروت (4) لاهوت.

ناسوت، حيوانات جو عالم (جهان) آهي. هيءَ نفس جي صفت آهي ۽ نمبيہ آهي جنهن جي محويت ملڪوت ۾ پهچائي ٿي. ملڪوت، فرشتن جو عالم (جهان) آهي، جڏهن سالڪ هن مان گذري ٿو ۽ عالم جبروت ۾ پهچي ٿو جا خاص روح جي صفت آهي ۽ ذات الاهي جي قريب آهي.

جبروت، روح جو عالم (جهان) آهي.

لاهوت، بي نشان عالم يعني لامڪان آهي. هيءَ آخري منزل آهي.

مخدوم جهانيان فرمائين ٿا تہ: طالب کي گهرجي تہ ڪنهن هڪ شيخ جو مريد ٿئي. پهرين زماني ۾ ڪنهن شيخ جا 80 يا 100 مريد هوندا هئا. اڄڪلهہ هزارين مريد هڪ ئي شيخ جا آهن. ليڪن صحبت هڪ بہ نہ ٿو ڪري. مريد کي مرشد جي پيروي ڪرڻ گهرجي جا ان تي واجب آهي. طالب کي شريعت جو اتباع، پوري جو پورو ڪري جنهن سان ان کي طريقت جو رستو ملندو. ۽ ان ڪانپوءِ سالڪ کي حقيقت جي منزل ملندي مريد صاحب کي چئجي ٿو اگر مرشد جي مصاحبت جو موقعو نہ مليو، تہ ان کي متعلق چئجي ٿو. مخدوم جهانيان فرمائين ٿا تہ: رد عمل ڪانسواءِ نسل بيڪار آهي. حضرت نوح عليه السلام جن جو سرڪش پٽ ڪنعان نافرماني جي ڪري غرق ٿي ويو.

هڪ ڏينهن هڪ شخص مخدوم جهانيان جن جي خلمت ۾ آيو ۽ ڪپڙو طلب ڪيو ان وقت ڪپڙو موجود نہ هو، تہ مخدوم صاحب لحاف گهرايو ۽ ان کي اڌيڙي ڪپڙو ان سوالي شخص کي ڏنو ۽ فرمايو تہ ڪپهہ وڪڻي خانقاهہ جي خرچ ۾ آڻي ڇڏيو. جنهن تي خادم چيو تہ مخدوم جهانيان جن ڪيتريقدر شفيق (شفقت ڪندڙ) آهن! ۽ ائين چوندي هي آيت پڙهي تہ "وَمَآ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ ۝" ان وقت حضرت مخدوم جهانيان نماز نفل شروع ڪري چڪا هئا تہ مخدوم صاحب جن نفلي نماز ٽوڙي فرمايو تہ: "هيءَ آيت سڄوري

خاص رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جي حق ۾ آهي، ۽ ڪين ٻي خطاب آهي. سندن (حضور پاڪ) اولاد ان ۾ داخل نہ آهي. الله تعاليٰ ”وَمَآ اَرۡسَلۡنٰكَ اَوۡلَادُكَ“ نہ فرمايو آهي، ۽ ان بعد مخدوم صاحب جن فرمايو تہ: هڪ ڏينهن حسن بصري رحہ حضرت امام زين العابدين بن حضرت حسين عليه السلام جن وٽ ويا تہ ان وقت امام زين العابدين خانہ ڪعبہ جو طواف ڪري رهيا هئا ۽ بيحد روئي رهيا هئا ۽ روئندي روئندي بيهوش ٿي ويا، ۽ جڏهن امام زين العابدين هوش ۾ آيا تہ ڪانئن حضرت حسن بصري رحہ جن عرض ڪيو تہ: اي رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن جا فرزند! توهان ڇو ٿا روئو؟ توهان جي ۽ توهان جي ناني رسول خدا جي درميان توهان جو والد حسين بن علي رضہ آهي! تہ امام زين العابدين جواب ڏنو تہ: ”اي حسن بصري! ڇا تون قرآن پڙهي ويو آهين؟ ۽ هيءَ آيت پڙهي ”فاذانفخ في الصور فلا انساب بينهم“. اها آيت ٻڌي حسن بصري رحہ خاموش ٿي ويو. مخدوم صاحب فرمايو تہ اسان کي امام زين العابدين جي تقليد ڪرڻ گهرجي.

مخدوم صاحب جن فرمائيندا هئا تہ اصحابن سڳورن حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن کان تربيت حاصل ڪئي آهي، انڪري سندن اتباع ڪرڻ گهرجي. ’خزانہ جلالي‘ جو 14 هون باب آهي ’فضيلت صحابہ واهل بيت‘ ۾ قلمبند ڪيو ويو آهي. وڌيڪ فرمائين ٿا تہ عشره مبشره اهل جنت مان آهن، انهن وٽ جي هيٺان پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن جي بيعت ڪئي هئي ۽ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن انهن کي جنت جي بشارت ڏني هئي ۽ اهي هي آهن:

(1) حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه.
(2) حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه.
(3) حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه.
(4) حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه.
(5)حضرت طلحہ رضي الله تعاليٰ عنه .
(6) حضرت زبير رضي الله تعاليٰ عنه
(7) حضرت سعد رضي الله تعاليٰ عنه
(8)حضرت سعيد رضي الله تعاليٰ عنه
(9) حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رضي الله تعاليٰ عنه.
(10) حضرت ابو عبيده بن الجراح رضي الله عنه.

مخدوم صاحب جن فرمائين ٿا تہ اصحاب رسول جو انڪار نہ ڪرڻ گهرجي، انهن مان عيب نہ ڪيڻ گهرجي ۽ نہ بيزاري ڪجي. [1] ”حضور پاڪ صلي الله عليه وآله وسلم جن جو فرمايو آهي تہ: ”منهنجا اصحاب مثل ستارن جي آهن، توهان مان ڪير انهن مان ڪنهن بہ هڪ جي پيروي ڪئي تہ سڌي راهہ حاصل ڪئي. جي ڪنهن جو انڪار ڪيو تہ گمراهہ ٿي ويندو.“

مخدوم جهانيان دهلي جي 7 بادشاهن جو دور ڏٺو.

(1) علاء الدين خلجي (ف) (715هہ/ 1316ع)
(2) شهاب الدين خلجي (715هہ/ 1316ع کان 716هہ/ 1316ع)
(3) قطب الدين مبارڪ شاهہ (716هہ/ 1316 کان 1720هہ/ 1320ع)
(4) ناصرالدين خسرو (720هہ/ 1320ع)

---

[1] ڪتاب ’مخدوم جهانيان جهان گشت‘ مولف: پروفيسر محمد ايوب قادري- تاريخ اشاعت 1975ع، اشاعت اول 1963ع، صفحو 145 ۽ 146.

(5) غياث الدين تغلق (721ھ/ 1321ع)
(6) محمد تغلق (725ھ/ 1325ع)
(7) فيروز شاھ تغلق (752ھ/ 1351ع)

حضرت مخدوم جهانيان علاءالدين خلجي جي عهد ۾ پيدا ٿيا ۽ سندن عمر 8 سال ٿي ته خلجي وفات ڪئي هئي.

**درس وتدريس:**

درس تدريس جو انتظام باقاعدي ۽ بهترين نموني هوندو هو. مقامي خواه ٻاهريان طالب العلم اچي 'مدرسہ جلالي' ۾ تعليم حاصل ڪندا هئا. نامور عالم، فقيہ ۽ واعظ اچي اهم مسئلا حل ڪرائيندا هئا. قرآن، حديث ۽ ڪتب، تصوف جو درس اچي وٺندا هئا. فجر جي نماز بعد درس شروع ٿيندو هو. ست ئي قراتون بہ سيکاريون وينديون هيون.

مخدوم جهانيان 7 ئي (ستن ئي) قرائتن جا قاري هوندا هئا. مخدوم جهانيان ست ئي قرائتون مکي شريف ۽ مديني منوره ۾ سکيون هيون. ڪجهہ عورتون پڻ ڪانئن قرائت سکيون هيون. حديث جو باقاعده درس هلندو هو. صرف ونحو جي تعليم هلندي هئي ۽ ان مطابق تشريح ڪئي ويندي هئي. پوءِ مشڪل لغات جي شرح ان بعد حل مطالب فرمائيندا هئا. جامع صغير جو درس پڻ سٺي نموني هلندو هو. حضرت مخدوم جهانيان فقہ ۾ مجتهدانہ حيثيت جا مالڪ هئا. ائمہ اربع جي مذهبن تي ڪامل نگاھ رکندا هئا. درس دوران هر مذهب جو بيان فرمائيندا هئا ۽ پوءِ فقہ حنفي جي جامعيت ذهن نشين ڪرائيندا هئا. هدايہ جو باقاعده درس هلندو هو. قرآن ڪريم، تفسير مدارڪ، صحا ست، مشارق الانوار، شرح ڪبير، چهل اسم، مشڪواه المصابيح، رسالہ مڪيہ، قصيدة الاميہ، ڪتاب منتق، عقائد نسخي، شرح نودنہ نامہ، فقہ اڪبر، عوارف المعارف، اوراد شيخ شهاب الدين سهروردي وغيره جو باقاعدي درس هلندو هو. مخدوم صاحب صرف نحو ۽ لغت جي طرف خاص توجہ ڏيڻ فرمائيندا هئا، تہ جيئن عربي زبان جي تحصيل آسان ۽ بهتر ٿئي ۽ ان ۾ سٺي مهارت ۽ قدرت حاصل ٿئي.

اڪثر حضرات مخدوم جهانيان کان تسميہ خواني جي رسم ادا ڪرائيندا هئا. هڪ عزيز پنهنجي هڪ ٻار کي سندن جي خدمت ۾ ان غرض سان آندو ۽ مخدوم جهانيان ان کي بسم الله پڙهائي ۽ الف- ب هڪ تختيءَ تي لکي ڏني. معزالدين رسولدار جا ٻار "رسالہ نودنہ نامہ" حضرت مخدوم جهانيان کان پڙهيا. شيخ زاده فخرالدين گازروني مخدوم جهانيان جي خدمت ۾ شرح ڪبير چهل اسم پڙهندا هئا. 'جامع العلوم' جي مرتب علاؤالدين، مخدوم جهانيان جن کان چار ڪتاب پڙهيا. عبدالرحمٰن ظفاري، مخدوم صاحب کان اسرارالدعوات پڙهندو هو، هُو عرب هو ان ڪري ان سان عربيءَ ۾ ئي گفتگو ڪندا هئا. عبدالله گجراتي، مخدوم جهانيان جي هٿ تي اسلام آندو ۽ تحصيل علم ڪئي، قرآن پاڪ حفظ ڪيو ۽ مبلغ اسلام بڻيو.

مخدوم جهانيان جن فرمائيندا هئا تہ: طالب علم کي حسن استماع (خيال سان ٻڌڻ) گهرجي ۽ هميشہ ادب کي نگاھ ۾ رکي. استاد تقرير ڪري تہ خاموش رهي توجہ سان ٻڌي. وچ ۾ سوال نہ ڪري بلڪ تقرير (ليڪچر) بعد سوال ڪري چو تہ اڳ سوال ڪرڻ ڪري استاد جو توجہ هٽي ويندو. مخدوم صاحب جن درس دوران اڪثر اشعار بہ پڙهندا هئا. وٽن هڪ سٺو ڪتب خانو بہ هو. وٽن عوارف المعارف جو جو اهو خاص نسخو هو جو شيخ شهاب الدينؒ سهروردي جي درس ۾ رهندو هو، جيڪو مخدوم جهانيان کي سندن استاد عبدالله مطري کان مليو هو. مخدوم جهانيان ڪتابت ۾ وڏا ماهر هئا. پاڻ هڪ قرآن مجيد لکيو هئائون، هي دستخط قرآن مجيد مخدوم جهانيان روضہ اقدس رسول ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم ۾ اندر لکي پورو ڪيو هئائون جو خط بهار ۾ لکيل آهي اهو تحرير ٿيل قرآن مجيد، سجاده نشين اُچ شريف جن وٽ موجود آهي. ان ڪانسواءِ پروفيسر محمد ايوب قادري پنهنجي ڪتاب حضرت مخدوم جهانيان جهان گشت جي صفحي

(8) ترجمہ فارسي رسالہ مڪيہ: شيخ قطب الدين دمشقي پنهنجي زماني ۾ نامور صوفي شيخ هو، جنهن تصوف جي مسئلن تي هڪ مختصر مگر جامع رسالو مڪي شريف ۾ تاليف ڪيو ان ڪري ان رسالي جو نالو 'رسالہ مڪيہ' رکيو ويو. ان جي تڪميل دمشق ۾ ٿي هي رسالو، مصنف شيخ قطب الدين دمشقي خود، مخدوم جهانيان ڏي موڪليو هو. مخدوم جهانيان ان رسالي جو عربيءَ مان فارسيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ فرمايو ۽ ان جو نالو 'ترجمہ فارسي رسالہ مڪيہ' رکيو ويو. مخدوم جهانيان جو هيءُ رسالو (قلمي نسخو) ڪيمبرج يونيورسٽي ۽ پرنسٽن يونيورسٽي آمريڪا وغيره ۾ موجود آهي. پرنسٽن يونيورسٽي جي ڪيٽالاگ ۾ ان جو نالو 'رسالہ مڪيہ جلاليہ' درج آهي.

هي رسالو، مخدوم جهانيان مڪ مبارڪ ۾ مرتب ڪيو هو ۽ درس ۾ شامل رکندا هئا.

(9) اربعين صوفياء:

(10) اسرارالعارفين وسيرالطالبين: هي ڪتاب، مخدوم جهانيان سالڪن، فقرائن ۽ عارفين جي باري ۾ لکيو هو.

(11) اعمال واشغال فوائد: هي مخدوم جهانيان جي اقوال ۽ اوراد جو مجموعو آهي، جنهن جو جامع، حضرت جعفر بدرعالم بن جلال الدين مقصود عالم آهي.

(12) فوائدالمخلصين: (احوال و ملفوظات مخدوم جهانيان) مؤلف محمد جعفر توماسي ذخيره شيراني ۾ هي مخطوط موجود آهي.

(13) ترجمہ قرآن ڪريم: منسوب حضرت مخدوم جهانيان، جنهن جو مٿي ذڪر اچي چڪو آهي.

**مخدوم جهانيان جي ازدواجي زندگي ۽ اولاد:**

'جامع العلوم' ۾ مخدوم جهانيان جن جي رفيقہ حيات جو ذڪر ڪيترين جاين تي اچي ٿو. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم صاحب جن جي رفيقہ حيات نهايت عبادتگذار، عابده و زاهده بلڪ واصل حق هيون. هڪ دفعي مخدوم جهانيان پنهنجي رفيقہ حيات جو ذڪر ڪندي فرمايو تہ: 'هڪ رات هوءَ عبادت ۾ مشغول هئي تہ عبادت ڪندي بيهوش ٿي وئي ۽ بيهوش ٿيندي سجدي ۾ هلي وئي. هوش ۾ آئي تہ سجده مان اُٿي. جڏهن ڪين وضوع ڪرڻ لاءِ چيو ويو تہ پاڻ فرمايائون تہ مون کي بيهوشي نہ هئي بلڪ مون دل جي اکين سان حق تعاليٰ کي ڏٺو. انڪري دل سجده ڪيو. تهجد جي نماز لاءِ مخدوم صاحب کان اڳ اٿندي هئي. جڏهن تهجد جي نماز جي تياري ڪري ٻہ رڪعتون نماز (تهجد) ادا ڪري چڪي هوندي هئي، تہ پوءِ حضرت مخدوم جهانيان سجاڳ ٿيندا هئا. 'شرح ڪبير' چهل اسم جو ورد ڪرڻ فرمائيندين هيون. شرح ڪبير جو هڪ دفتر حرم محترمہ وٽ هوندو هو. علم جو بہ اهو درجو حاصل هوندو هين جو حرم محترمہ 'عوارف المعارف' جو باقاعده درس ڏينديون هيون.

مخدوم جهانيان جن کي ٽي فرزند ۽ هڪ نياڻي هئي. سندن فرزندن جا نالا مبارڪ: (1) محمود ناصرالدين (2) عبدالله (3) محمد هئا.

مخدوم جهانيان جو اولاد ۽ احفاد (پوٽاڻ) ۾ تمام برڪت ٿي ۽ هيءُ خاندان جهانيان گهڻو وڌيو. هندوپاڪ جو شايد ئي ڪو مرڪزي شهر اهڙو هجي جتي مخدوم صاحب جو اولاد نہ هجي. مخدوم جهانيان جي اولاد هندو پاڪ ۾ علوم وفنون ۽ ارشاد ۽ تبليغ جا وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا.

**تبليغ اسلام**: مخدوم جهانيان تبليغ لاءِ وڏا ڪوشان رهندا هئا. شيخ الاسلام جي دوران تہ تبليغ پاڻ تي فرض سمجهندا هئا. پاڻ سنڌي ۽ هندي ۾ اڪثر ڪري تبليغ ڪرڻ فرمائيندا هئا. اُچ شريف، سنڌ ۽ گجرات ۾ دين اسلام جي گهڻي تبليغ ڪيائون. هزارين ڪافرن سندن حسن سلوڪ جي ڪري سندن هٿ تي بيعت ڪيائون، خاندانن جا خاندان بلڪ ڪڏهن ڪڏهن تہ حسن سلوڪ جي ڪري ڪانئن متاثر ٿي قبيلن جا قبيلا مڪمل مسلمان ٿي پوندا هئا. هڪ ڀيري ڪين پيٽ ۾ سور ٿيو، ان لاءِ هڪ هندو طبيب علاج لاءِ آيو، تہ پاڻ ان جي اچڻ تي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ مخدوم صاحب جن ان هندو طبيب جي حق ۾ دعا گهري تہ هو اسلام تي ايمان آڻي ۽ رب ڪريم مخدوم صاحب جن جي دعا قبول ڪرڻ فرمائي ۽ ان هندو طبيب اسلام قبول ڪيو. سلطان فيروز تغلق بہ مخدوم جهانيان جي سلسلہ ارادت ۾ منسلڪ ٿيو هو.

ٺٽي ۾ فيروز تغلق جي مهم دوران مخدوم جهانيان جو سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن سان همدردانہ ۽ محبت ڀريو ورتاءُ:

ٺٽي جي مهم دوران جڏهن فيروزشاهہ وڏي تياري ڪئي ۽ لشڪر سان ٺٽي تي چڙهائي ڪئي تہ ٺٽي جي آسپاس چوگرد پڪل فصل تي قبضو ڪري اهل ٺٽي وارن کي بک مارڻ جو منصوبو رٿيو ۽ خان جهان وزيراعظم دهلي ۽ صوبائي مرڪزي مقامات کان وڌيڪ فوجي امداد فراهم ڪري ٺٽي موڪلي. بادشاهہ چار هزار ٺٽي جي ماڻهن کي قيد ڪيو تہ ڄام جوڻو ۽ ڄام ٻاٻيڻو هيءَ صورت حال ڏسي سخت پريشان ٿي ويا ۽ مخدوم جهانيان جن جي خدمت ۾ درخواست عرض رکي تہ پاڻ مخدوم صاحب جن بادشاهہ سان مصالحت ڪرائين. مخدوم جهانيان اُچ شريف کان شاهي لشڪر ۾ تشريف فرما ٿيا تمام لشڪر سندن جي قدمبوسي ڪئي ۽ مخدوم صاحب جن بادشاهہ جي دربار جي قريب پهتا تہ بادشاهہ نهايت خلوص ۽ احترام سان ۽ وڏي اعزاز ۽ اڪرام سان پيش آيا ۽ پنهنجي لشڪر ۾ وٺي آيا ۽ مخدوم صاحب جن سمن سردارن ۽ بادشاهہ وچ ۾ صلح ڪرايو. غرض مخدوم جهانيان جن جي وچ ۾ اچڻ ڪري شاهي ڀرم بہ رهجي آيو ۽ اهلِ ٺٽہ بہ پنهنجي مراد کي پهتا. ٻئي ڄام بادشاهہ وٽ حاضر ٿيا. بادشاهہ ٻنهي ڄامن کي معاف ڪيو ۽ ٺٽي جي حڪومت ڄام جوڻي جي فرزند ۽ ڄام ٻاٻيڻي جي ڀاءُ ڄام تماچي جي حوالي ڪئي. فيروز شاهہ تغلق جيتوڻيڪ ٺٽو فتح ڪيو ليڪن دوري هئڻ ڪري امراءِ ٺٽہ دهلي جي اثر کان آزاد ٿي رهيا ۽ جلدي ڄام تماچي مرڪزي حڪومت جي اطاعت کان بغاوت ڪئي ۽ بادشاهہ ڄام جوڻي کي فساد ختم ڪرڻ جي غرض سان ٺٽي موڪليو ۽ هن ڀيري بہ مخدوم جهانيان جهان گشت جن جون خدمتون حاصل ڪيون ويون. اتفاق سان مخدوم جهانيان جن ان وقت دهليءَ ۾ ئي هئا ۽ ڄام تماچي کي مخدوم صاحب دهلي وٺي آيا ۽ مخدوم جهانيان بغير ڪنهن جنگ و جدل جي تماچي کي دهلي وٺي آيو. ڄام تماچي جاءِ تي ڄام جوڻي (علاوالدين) کي ٺٽي جي حڪومت ملي ۽ 782هہ/ 1380ع تائين ڄام جوڻو ٺٽي جو حاڪم رهيو. انهن واقعن مان معلوم ٿئي ٿو تہ مخدوم جهانيان جو سنڌ جي عام وخاص تي ڪيترو اثر هو ۽ مرڪزي حڪومت سان بہ سندن سنا تعلقات هئا. بادشاهہ مخدوم صاحب جن جي وڏي عزت ۽ احترام ڪندا هئا.

مولانا رحيم داد 'مولائي شيدائي' پنهنجي مضمون 'سنڌي بزرگن جو سياست ۾ حصو' ۾ لکي ٿو تہ:

"764 هجري ۾ سلطان فيروز شاهہ تغلق 80 هزار لشڪر ۽ هاٿين جو وڏو ٽولو ٻيڙين تي چاڙهي مهراڻ جي رستي سنڌ تي ڪاهي آيو. ڄام ٻاٻيڻي جي حڪم سان سنڌ جي زميندارن پنهنجا فصل برباد ڪري ڇڏيا، جنهنڪري سنڌ ۾ ڏڪار پئجي ويو. ڄام ٻاٻيڻي مخدوم جلال الدين جهانيان جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي صلح

(6) حضرت امام حسن عليه اسلام جن جي 'تلوار مبارڪ'.
(7) حضرت امام حسين عليه اسلام جن جي 'تلوار مبارڪ'.
(8) حضرت يونس عليه السلام جن جي "تسبيح" جا مڻيا، جي پيٽ ۾ پڙهي هئائون.
(9) حضرت امام زين العابدين جن کي ڪربلا واري واقعي بعد پارايل زنجير ۽ طوق.
(10) حضرت بيبي سڪينہ عليه السلام ابن حسين عليه السلام جن جون 'واليون مبارڪ'
(11) اصحابہ رسول مقبول صلي الله عليه وآله وسلم حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه جن جي 'چادر مبارڪ'.
(12) حضرت سيد جلال الدين سرخ پوش بخاري جن جو 'ڪاٺ جو ٽَڪو' ۽ 'دستار مبارڪ'.
(13) حضرت سيد جلال الدين ثاني المعروف مخدوم جهانيان جهان گشت جن جي هٿن مبارڪن سان لکيل 'قرآن مجيد قلمي'
(14) حضرت علي اصغر ابن امام حسين عليه السلام جن جي 'قميص مبارڪ'.

مخدوم جهانيان جن جو ننڍو ڀاءُ: مخدوم صدرالدين راجو قتال:

مخدوم صدرالدين بن سيد احمد ڪبير بن سيد جلال سرخ پوش بخاريؒ جي ولادت 26 شعبان المعظم 720هه ۾ ٿي. راجوقتال مڪمل تعليم پنهنجي والد ۽ پنهنجي وڏي ڀاءُ حضرت مخدوم جلال الدين مخدوم جهانيان جهان گشت کان پڻ خرقہ خلافت ڏکيائون ۽ مخدوم جهانيان جي وصال بعد پاڻ مخدوم راجو قتال مخدوم جهانيان جا سجاده نشين مقرر ٿيا. مخدوم راجوقتال جي حالات ۾ حاجي حامد گنج بخش هڪ ڪتاب 'مناقب الولايت' لکيو، جيڪو خليفي الهه داد خان جي ڪتبخاني ۾ موجود آهي. ان ڪتاب ۾ مصنف لکي ٿو تہ: "راجوقتال جو قتال لفظ نہ آهي پر راجوڪتال آهي. ڪتال جي معنيٰ آهي بزرگ جو سرياني ٻوليءَ جو لفظ آهي. جڏهن تہ ٻين تنڪرن ۾ سندن رعب ۽ جلال جي سبب قتال سڏيو ويو آهي. قتال، نفس کي نهوڙيندڙ ۽ قتل ڪرڻ بہ مراد ورتي ويندي آهي. راجو قتال جنهن غير مسلم کي مسلمان ڪندو هو، تہ ان جي تعليم ۽ تربيت جو بہ بندوبست ڪندو هو. 'مناقب الولايت' ۾ هڪ واقعو هن طرح لکيل آهي تہ هڪ هندو، مخدوم قتال جي آخري لمحن (گهڙين) ۾ عيادت جي لحاظ کان اچي حاضر ٿيو ۽ مخدوم راجوقتال جي گفتگو ٻڌي اهو مسلمان ٿي پيو، جنهن جو نالو دين محمد رکيو ويو. مخدوم سندن تعليم و تربيت جو بندوبست بہ ڪرڻ فرمايو ۽ کيس اجازت ۽ خلافت کان بہ نوازيو، ۽ کيس سهروردي طريقي ۾ داخل ڪرڻ فرمايو. حضرت مخدوم راجو قتال جيتوڻيڪ صاحبِ اولاد هو، تنهن هوندي بہ پنهنجو سجاده نشين فضل الدين بن ناصرالدين محمود بن مخدوم جلال الدين ثاني مخدوم جهانيان جن کي مقرر ڪرڻ فرمايو.

حضرت راجو قتال کي چار فرزند: (1) جلال خواجہ (2) شيخ روح الله (3) عبدالعزيز ۽ (4) ابواسحاق هئا. ابوسحٰق ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي والد بزرگ جي نقش قدم تي هلندا هئا ۽ ننڍپڻ کان ئي تبليغ دين اسلام شروع ڪيائون. صاحب 'مناقب الولايت' لکي ٿو تہ: ابواسحٰق ننڍپڻ ۾ ئي 72 ڪافرن کي مسلمان ڪرڻ فرمايو. حضرت مخدوم راجوقتال 16 جمادي الآخر 827 هجري مطابق 1424ع تي وصال ڪرڻ فرمايو. سندن مزار اچ شريف ۾ ئي آهي. سندن ڪيترائي خلفاء ڪرام آهن.

نصير مرزا



# گيت گلن جا هار
# سنڌي لوڪ گيت

شاعري، انسان جي روح جو آواز آهي، چيو ويندو آهي. شاعرن وٽ ڪائنات جي رازن جون ڪُنجيون هونديون آهن. شاعري اندر جي نازڪ نفيس احساس کي به سڏيو ويندو آهي. دنيا جون سڀ ٻوليون شاعريءَ جي سرمايي سان مالامال آهن. چون ٿا، انسان جو شعور ۾ اچڻ کان پوءِ هن سڀ کان پهرين شاعري ايجاد ڪئي، محققن، پنهنجي آسانيءَ لاءِ ان کي پنهنجي تحقيق ۾ لوڪ شاعري سڏيو. سنڌي ٻوليءَ جا ڇا ته ڀاڳ سڀاڳ... دنيا جي ٻين ٻولين وانگر، اها به لوڪ شاعري، لوڪ ادب ۽ لوڪ ناچ سان ائين ڀريل آهي، جيئن ستارن سان آسمان، چيو ويندو آهي، شاعري انسان جي سڀاءَ ۾ شامل هوندي آهي ۽ لوڪ شاعريءَ ۾ ان جي جذبن جي اظهار کي، سندس پهرين ڪوشش سڏي سگهجي ٿو. جڏهن تهذيب پروان چڙهي رهي هئي ۽ ثقافت جا رنگ نروار ٿي رهيا هئا، تڏهن مرد، عورتون، جوان، بزرگ لوڪ شاعريءَ ذريعي، پنهنجي اندر جي حساڪيءَ کي عيان ڪري رهيا هئا.

اوائلي سنڌ جو سماج هڪ زرعي سماج هو. ڳوناڻي زندگي... هر، هاري، کيت، کوهه... پنڌ پيچرا، وڻ، فصل، ساوڪون، جهڙ ڦڙ، مينهن، طوفان، درياهه، واهه، هٿ جا هنر، مهمان نوازي، ميل ميلاپ، محبت... شاديون غميون، ڏک ڏولاوا... ڄمڻ مرڻ... ۽ اهڙن سڀني گهريلو لوڪ گيتن لاءِ چيو ويندو آهي ته انهن جون سرجيندڙ عورتون ئي آهن... ۽ اهڙا سارا لوڪ گيت ٻهراڙين جي سگهڙ عورتن ئي چيا آهن، جن ۾ گهرن اندر، گهرن جون وڏيون، نانيون، ڏاڏيون، جيجل مائرون ۽ ڀينرون آهن، جيڪي صبح سوير کيتن ۾ هجن يا فجر مهل جنڊ پيهندي، ڏڌ ولوڙڻ لاءِ مانڌاڻيون ڦيريندي، انهن مانڌاڻين جي جهر جهر واريءَ لئي تي، اٽُ ڏريندي يا چانور ڇڙيندي، هُو جيڪي گيت سرجينديون وينديون آهن. انهن جا نالا به ڌار ڌار ٿين، مثال... ڳيچ... هنڪي... لوليون، سهرا... لاڏا، اوراڻا... ڪرڏاڻا ۽ پيراڻا پيون جهونگارينديون آهن ۽ اهڙن لوڪ گيتن ۾ نت نئين سٽن جو اضافو ڪنديون وينديون آهن.

ائين سنڌي، لوڪ گيتن جو ڇا ته رنگارنگ جهان آهي، ۽ اهي ايترا ته اڪيچار آهن جو، ڳڻپ کان ٻاهر. ۽ هرهڪ لوڪ گيت تي ڪيڏا نه سهڻا سهڻا نالا به رکيا ويا آهن. مثال طور، ٻيلڻ، مورو، ڊولو، گامڻ، سانولڙو... ڪانگڙو، چلڙو، جڏهن ته لوڪ گيتن مان اڪثر لوڪ گيت لوڪ ناچ سان پڻ پيش ٿيندا آهن، جيئن هوجمالو... راسوڙا... جيڪي ڏونڪن واري ناچ، جهمر سان گڏ ڳايا ويندا آهن. لوڪ گيت، هونئن ته، هرهنڌ، هر موقعي تي به پيا ڳائبا وڄائبا آهن، پر خوشين جي موقعن تي شادين مرادين جي ريتن، رسمن، سنوڻن ۽ سائڻ دوران ڳائبا آهن ته، هر طرف چار چنڊ لڳي ويندا آهن.

**پس منظر ۾ لوليءَ جي جهلڪ:**

(منهنجي ٻارڙي کي لوڏو ڏيو مان پاڻي ڀرڻ ٿي وڃان).

لولي، دنيا جي جيجل مائن جو ٺاهيل لوڪ گيت آهي، ماءُ جو پنهنجي ٻار لاءِ پيار فطري امر آهي. سياري جون ڏکيون ۽ ٿڌڙيون راتيون هجن يا پوءِ اونهاري جا ڏکيا ۽ گرم ڏينهن، مٺي ماءُ... مٺن سُرن ۾ جهونگاري پنهنجي ٻچڙن کي مٺي ننڊ ڏياريندي آهي. عورت ڪيڏي به لاچاري ڇو نه هجي، پر ماءُ ٿيڻ کان پوءِ جڏهن سندس لال هندوري يا جهوليءَ ۾ لڏي ٿو، تڏهن پاڻ مرادو ٿي، هُو مٺن

منهين وسين تون... جو نہ مينهن وسين تون
۽ هاڻي ڳالهہ ڪنداسين... سهرن جي.
(پس منظر ۾ شروع ٿئي: لوڏي لونگيءَ پاندر اٽل آيو)

سهرا، شادي ۽ خوشين جي موقعن جا گيت آهن، جيڪي عورتن جا ٺاهيل هوندا آهن، سهرن کي لاڏا بہ چيو ويندو آهي. مگٽو هجي يا پرٽو... دهل جي وڄت تي پينرون، مانٽياڻيون گڏجي سهرا ڳائينديون آهن، تہ ماحول منڊجي ويندو آهي. سهرا، ٺالهہ جي لٺي تي بہ واهہ جو رنگ ڪندا آهن. لنگهياڻيون تہ ڇير جي ڇمڪي سان نچي ڪڏي ڳائينديون آهن تہ، ڪاڄ جي خوشي ڏسڻ وٽان هوندي آهي. ڪنوار جي ونواهہ ۾ ويهڻ کان وٺي، لاٺن، رخصتي ۽ نڪيٽيءَ تائين، سنڌيءَ ۾ رنگ رنگ جا سهرا آهن... ائين شاديءَ جي ساٽ سنوَٽن جا سهرا بہ سوين آهن، ۽ هرهڪ جو رنگ نئي پنهنجو، وندرائيندڙ ۽ خوشيون ڏيندڙ هوندو آهي.

جهلڪ: هٿين گل ميندي، پيرين گل ميندي

سنڌ جي ثقافتي لوڪ گيتن ۾ هڪڙو لوڪ گيت تہ اهڙو آهي جنهن کي لوڪ گيتن جي مٿي جو موڙ... بادشاهہ ۽ شهنشاهہ لوڪ گيت سڏيو ويندو آهي... ۽ ان لوڪ گيت جو عنوان آهي هو جمالو... جنهن جي هڪ هڪ سٽ سون ۾ تورڻ جهڙي آهي:

او جنهن جو جمالو جتن سان- هوجمالو
منهنجو، ڪٽي آيو خير سان- هوجمالو
جنهن کي سوني منڊي چيچ ۾- هوجمالو
جنهن کي سائو لڪڻ هٿ ۾- هوجمالو
جيڪو سکر واري پل تي- هوجمالو
جيڪو لڙي آيو لاڙ کان- هوجمالو
جلاڏي. پيرَ، تاڏي خير لا- هوجمالو.

۽ اهوئي جمالو، سنڌ جو مشهور ۽ محبوب لوڪ گيت سمجهيو ويندو آهي، جنهن جي ڳائڻ وقت ناچ بہ ٿيندو آهي. جنهن کي جمالو ناچ چوندا آهن. هن لوڪ گيت ڳائڻ جو انداز هي تہ ڪوبہ هڪ... پهريون ٻول ڪڍندو آهي ۽ ٻيا سڀئي ان جي ورائي ڏيندا آهن، گڏوگڏ تاڙي بہ وڄائي ويندي آهي.

هو جمالو لوڪ گيت تي اهو نالو ڪيئن پيو. ان بابت ڪئين روايتون، محققن لکيون آهن. مثال طور: هڪڙي روايت هي آهي تہ: جمالو... پنهنجي جوءِ ۾ مڃيل پهلوان هو. مجال آهي جو ڪو سندس پير اورانگهي. جون ٿا ڪڇي جي طرف جو وينل هو ۽ زورآزمائي جي مقابلي ۾ لاڙ طرف ويو، جتي وڃي نالو ڪڍيائين. لاڙين جي محبت ڪيس موهي وڌو، جنهنڪري ڪيترو ئي وقت اُتي رهي پيو. انهيءَ ڪري سندس پهلوانيءَ جي هاڪ هنتين ماڳين هُلي وئي. ٻي روايت آهي تہ جمالو نالي هڪڙو شخص هو جو پنهنجن ساٿين کان وڇڙيو ۽ ڪي سال وڃي هيٺ لاڙ ۾ جٽن سان گڏ گذاريائين. ڪجهہ عرصي بعد جڏهن وري موٽي آيو، تڏهن سندس ساٿين توڙي سڪ وارن خوشيون ڪيون، ناچ ڪيائون ۽ سندس نالي سان گيت ڳايائون...

بهرحال مختلف روايتن مان اها ڳالهہ بہ جٽي آهي تہ هو واقعي بهادر هو... تڏهن تہ سندس شانُ مانُ ۾ ڳائيندا آهن-

جنهن جا پير پنج سير لا- هوجمالو
جنهن کي ڏند دلبند لا- هوجمالو
منهنجو جمالو جتن سان- هوجمالو
منهنجو ڪٽي آيو خير سان- هوجمالو





عبدالرزاق ڪلهوڙو

# قنبر- شهدادڪوٽ ضلعو تاريخ جي آئيني ۾

## سيمينار ۽ مڃتا ايوارڊ پروگرام

هيءَ سيمينار، ضلعي هيڊڪوارٽر شهر قنبر ۾ ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي ۽ ثقافتي کاتو حڪومتِ سنڌ پاران ٿيو، جنهن جي صدارت سنڌ جي نامور محقق ۽ آرڪيالاجسٽ سيد حاڪم علي شاهه بخاري ڪئي. خاص مهمان ڊاڪٽر بشير احمد شاد، اعزازي مهمانن ۾ خير محمد برڙو سيوهاڻي، پروفيسر مختيار سمون، ڊاڪٽر احسان دانش، ڊاڪٽر نظير شيخ، عزيز سانگي، محمد صلاح چانڊيو، مير اعجاز ٽالپر ۽ ٻانهو درمحمد برڙو هئا.

مٿين دوستن کي اسٽيج تي ويهارڻ کان پوءِ ڪين سنڌ جي ثقافت سوکڙي اجرڪ پيش ڪيا ويا. ان کان علاوه مقالا پڙهندڙن کي به اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا. هن سيمينار جي خاص ڳالهه اها هئي ته ضلعي قنبر- شهدادڪوٽ تي تحقيق ڪندڙ 48 تاريخدانن ۽ محققن کي خوبصورت ايوارڊ پڻ پيش ڪيا ويا. ٻي بهتر ڳالهه اها هئي ته سڄي ضلعي جي تاريخي ماڳن، مڪانن ۽ تاريخي شخصيتن جون تصويرون تمام وڏن بينرن ۽ پينافليڪس جي صورت ۾، هال ۽ هال کان ٻاهر نمايان لڳل هيون. سڄو هال ثقافتي ڏيک ڏئي رهيو هو، جيڪا ڳالهه نوجوانن ۽ ٻاهران آيل مهمانن لاءِ توجهه جو مرڪز بڻيل هئي. هن پروگرام ۾ وڏي تعداد ۾ مردن سان گڏ عورتن جي به شرڪت رهي.

پروگرام جي شروعات، سنڌ جي قومي شاعر ۽ راڳي زاهد شيخ، شاهه لطيف جي وائيءَ سان ڪئي. ان کان پوءِ آجياڻي جي لاءِ ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي قنبر جي تقرير چيئرمن ۽ قنبر- شهدادڪوٽ ضلعي جي باني ۽ هن پروگرام کي رچائيندڙ ٻانهو درمحمد برڙي کي سڏيو ويو، جنهن آيل مهمانن جي آجيان ڪئي، ۽ هن ڳالهائيندي چيو ته: قنبر- شهدادڪوٽ ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جو مقصد اهو آهي ته تخليقي، تحقيقي ادب، آرٽ ۽ ثقافت جي واڌ ويجهه تي ڪم ڪيو وڃي، جنهن سان سنڌ ۽ سنڌين کي وڌيڪ سڃاڻپ ۽ عظمت ملي. هن چيو ته هزارين سال اڳ هتي اسان جي وڏڙن جي عقل، علم، ڏاهپ، فهم ۽ ڪاريگريءَ جا دليل اسان جي تاريخي ماڳن مڪانن جي صورت ۾ موجود آهن. سڄي ملڪ سان گڏ اسان جي سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت تي نه هجڻ برابر ڪم ٿيو آهي، ان ۾ وري اسان جي ضلعي قنبر- شهدادڪوٽ ۾ ته صفا ڪم ٿيو ئي نه آهي. پنهنجي عقل ۽ سگهه آهر اسان قنبر جا ڪجهه باشعور دوست 1988ع کان ملڪ جي صدر ۽ وزيراعظم کي هزارين ڪارڊ موڪلي ضلعي قنبر جي گهُر ڪئي، جيڪا مهم پوءِ عوام پڻ ڪارڊ موڪلي هلائي. 2004ع کان پنهنجي ضلعي تي اسان تحقيقي ڪم جي شروعات ڪئي آهي. سڀ کان اڳ ۾ تعلقي قنبر جي تاريخ تي 'قنبر: هڪ اڀياس' جي نالي سان ڊاڪٽر محبت اڪيڊمي پاران هڪ ضخيم تاريخي ڪتاب ڏنو. پوءِ سڄي ضلعي جي تاريخ تي قنبر- شهدادڪوٽ ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ پاران 2011ع ۾ 'قنبر- شهدادڪوٽ ضلعو (تاريخ جي وهڪري ۾)' ضلعي جي تاريخ تي پهريون ڪتاب ڏنو. ان کان پوءِ ٽيون ڪتاب 'سڄاڳي جو سفر' ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽيءَ جي طرفان شايع ڪرايو. هن چيو ته سڄي ضلعي ۾ تعليم، ادب، ثقافت ۽ تاريخ بابت ليڪچر، ڪانفرنسون ۽ سيمينار ڪوٺايا ۽ قنبر ضلعي جي تاريخ ۾ تمام وڏو پروگرام 'جشن لطيف' پڻ ڪرايو. هتي علم جي وڌيڪ ڄاڻ لاءِ 13 پروگرام ڪيا آهن. هيءُ پروگرام 'قنبر- شهدادڪوٽ

ضلعو تاريخ جي آئيني ۾ ' ثقافت کاتي حڪومتِ سنڌ جي مدد سان اوهان جي آڏو ڪري رهيا آهيون. هن وڌيڪ چيو ته اسان جو مقصد ايندڙ نسلن کي پنهنجي تاريخ کان واقف ڪرڻ ۽ مالڪي ڪرڻ آهي. اسان جي مٿان اڳ ۾ ڪيترن قابض حڪمرانن اسان جي وڏڙن جي ڪيل محنت، ڪاريگري ۽ محبت جي نشانن کي ڊاهي ميساري چٽڻ جي مڪمل ڪوشش ڪئي آهي، انڪري اڄ سرڪاري يا غير سرڪاري ادارن ۽ ماڻهن کي مالڪي وارو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ان ڏس ۾ هاڻي ثقافت کاتي حڪومتِ سنڌ جناب سيد سردار علي شاهه جي وزارت ۾ ثقافت تي بهتر ڪم جي شروعات ٿي آهي ۽ اڄوڪو هيءُ تاريخي سيمينار به سنڌن مهربانيءَ سان ٿيو آهي. اسان وزير موصوف کي وڌيڪ گذارش ڪنداسين ته هن تاريخي پروگرام ۾ پڙهيل محققن جا مقالا گڏ ڪري ڪتاب جي صورت ۾ شايع ڪرائي ڏيندا ته سنڌن مهرباني ٿيندي. ان کان وڌيڪ ڪين گذارش ڪجي ٿي ته سنڌ بلوچستان جي سرحد تي ڪيرٿر جبل ۽ ڪُتي جي قبر کان اڳتي سنڌ جي سرحد تي قانوني نشان لڳايا وڃن ته جيئن سنڌ ۽ بلوچستان جون سرحدون نروار ٿي بيهن. سنڌي ۽ پنهون وارو پيار جو رشتو سنڌين ۽ بلوچن جي وچ ۾ برقرار رهي. عوام ۽ سياحن جي سهوليت لاءِ قنبر جي تاريخي ماڳن مڪانن تي پهچڻ لاءِ روڊ رستا ۽ ريسٽ هائوس ناهي ڏنا وڃن. تاريخي ماڳن مڪانن ۾ ڇُڇانگي، ڪُتي جي قبر، حمل ڍنڍ ۽ لنگهه ڍنڍ تي عوام جي وندر وروندن لاءِ تفريح گاهه ناهي ڏنا وڃن.

نامور محقق سيد حاڪم علي شاهه بخاري صدارتي خطاب ڪندي چيو ته تاريخ هڪ اهڙو موضوع آهي جو هر لکندڙ يا ڪنهن جي ثنا ۾ لکي آهي يا پنهنجي نظرياتي مفادن ۾ لکرائي آهي. مان ائين چوندس ته تاريخ گهٽي قدر ڪنهن نه ڪنهن ڌر جي نمائندگي ڪندڙ آهي ۽ اڄا وڌيڪ محققن جو خيال آهي ته تاريخ ڪوڙ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. ڪيترا دنيا ۾ اهڙا عالم به آهن جيڪي چون ٿا ته تاريخ جو علم پڙهجي ئي نه. اڄ جيڪا تاريخ لکي ٿي وڃي، وري به ڪجهه نه ڪجهه سائنس ۽ حقيقي تحقيق تي مبني آهي.

هن ڳالهه ۾ ڪو وڌاءُ نه آهي ته ڌارين اسان جي سنڌ جي تاريخ ۽ ثقافت کي ميساريو آهي، پر مان ائين چوندس ته ڪجهه انگريزن جي دؤر ۾ اسان جي ماڳن، مڪانن تي عالمن ڪجهه شروعاتي ڪم به ڪيو آهي، جنهن ۾ خاص ڪري موهن جي دڙي تي ٿيل ڪجهه ڪم نظر اچي رهيو آهي. ان کان پوءِ ته ڪابه تاريخي ماڳن مڪانن جي حفاظت نه ٿي آهي. جنهن جو مثال حيدرآباد جا ڪچا پڪا قلعا ۽ ٻيون ڪيتريون ئي تاريخي جڳهون ۽ مقبرا ميسارجي ويا آهن يا ميسارجڻ تي آهن، وري به هاڻي ڇئن پنجن سالن کان سنڌ ثقافت کاتي ڪجهه مالڪيءَ جو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ڪجهه ميساريل يا ميسارجندڙ تاريخي ماڳن مڪانن کي نروار ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون آهن ۽ سنڌي ثقافت کي سڄيءَ دنيا ۾ متعارف ڪرائڻ جا جتن ڪيا آهن.

هن چيو ته پائو درمحمد بروڙو سنڌ ڌرتي، ٻولي ۽ قوم سان پيار ڪندڙ ماڻهو آهي. سندس علمي، ادبي ۽ تاريخي پروگرامن ۾ هر سال اسان ايندا رهندا آهيون. هيءُ پروگرام اعليٰ پائي جو ٿيو آهي، مبارڪون ٿو ڏيان پائو درمحمد بروڙي ۽ اُن جي سٿ کي، سيمينار جي مهمانِ خاص ڊاڪٽر بشير احمد شاد کي ۽ اڳ ۾ مقالا پڙهندڙ تاريخدانن کي. هن وڌيڪ چيو ته اڄ جو نوجوان ليکڪ تمام سٺو لکي ۽ پڙهي ٿو. اڄ جيئن قنبر- شهدادڪوٽ ضلعي جي تاريخ تي، سيمينار ٿيو آهي، اهڙيءَ طرح سمورن تعلقن ۽ ضلعن ۾ به ههڙا پروگرام ٿين، جنهن سان بند ٿيل تاريخي دروازا کُلي پوندا ۽ دنيا جي آڏو اسان جي ڌرتي، قوم ۽ ثقافت جي عظمت نروار ٿيندي. قنبر جو متحرڪ ڪردار پائو درمحمد بروڙو هر سال تمام وڏا بهترين علمي ۽ ادبي پروگرام ڪندو آهي. اسان سندس ڪيل علمي، ادبي ۽ تاريخي ثقافتي خدمتن تي کيس مبارڪون ڏيون ٿا ۽ هن اڄوڪي تاريخي پروگرام کي وساري نه ٿا سگهون. سڄي سنڌ ۾ پائو درمحمد بروڙي جهڙا بهترين

لازوال ذات ڏٺين جو اولاد به نعيم ڪرل وانگر پنهنجن وڏڙن جون ورسيون ملهائي. ثقافت ڪاتو پنهنجي طور به ڪوشش ڪندو رهندو. تقريب ڪي صدارتي خطاب ڪندي نورالهديٰ شاهه چيو ته: نسيم ڪرل جيڪا سنڌ 1978ع ۾ پيش ڪئي هئي، اڄ به سنڌ اتي جو اتي بيٺل آهي. هن چيو ته معذرت سان، پر اسين سڀ اجتماعي طور، ذهني طور ۽ پنهنجي سماجي ڪردار طور تي ڪرپٽ ٿي چڪا آهيون. اسان کي سنڌي سماج جي بهتريءَ لاءِ پاڻ ملهائڻو پوندو. امداد حُسينيءَ چيو ته نسيم ڪرل تمام نفيس ۽ سادو ماڻهو هو. مان اڪثر سوچيندو آهيان ته شاندار ڪهاڻيون لکندڙ نسيم ڪرل جي پنهنجي زندگيءَ تي ڪهاڻي ڪهڙي لکي سگهجي ٿي. هن چيو ته نسيم ڪرل جي ڪهاڻين جا سمورا ڪردار زنده آهن، پر ڇا اسين زنده آهيون. نسيم ڪرل جي پاءُ ايم پي اي نعيم ڪرل پنهنجي پاءُ جون ساروڻيون ونديندي چيو ته: نسيم ڪرل مون کي پٽن وانگر پاليو ڇاڪاڻ ته جڏهن بابا جي وفات ٿي ته: آءٌ تمام ننڍڙو هئس. هن ٻڌايو ته ادا نسيم جي ڪهاڻي 'ڪافر' پڙهندي ناميارو ليکڪ احمد نديم قاسميءَ چيو هو ته: ڪاش اها ڪهاڻي مان تخليق ڪيان ها. شوڪت حسين شوري چيو ته نسيم ڪرل، موپاسان ۽ چيخوف وانگر زندگيءَ جي حقيقتن کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ چٽيو ۽ وڏو نالو ڪمايو. سلطانا وقاصيءَ چيو ته نسيم ڪرل جي ڪهاڻين جا ڪردار اسان جي سماج جا جيئرا جاڳندا ڪردار آهن. ممتاز بخاريءَ ثقافت کاتي پاران نسيم ڪرل جي ڪهاڻين جو انگريزيءَ ۾ ترجمي شايع ڪرائڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي ۽ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کان گهر ڪئي ته نسيم ڪرل جي ڪهاڻين کي شاگردن جي مطالعي لاءِ نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي. مختيار ملڪ چيو ته نسيم ڪرل سنڌي ڪهاڻيءَ جو امام ۽ ٻوليءَ جو بادشاهه آهي. هُو ڪڏهن به مري نه ٿو سگهي ۽ پنهنجي ڪهاڻين جي ذريعي پنهنجي پڙهندڙن جي دلين ۾ هميشه زنده رهندو. ابراهيم ڪرل، نسيم ڪرل جي ڪيل ادبي پورهئي تي پنهنجو تحقيقي مقالو پڙهندي چيو ته نسيم ڪرل روشن خيال ڪهاڻيڪار هو، جنهن زميندارِي طبقي جي خلاف لکيو ۽ انهن جي اوڻاين کي پنهنجي ڪهاڻين ۾ بيان ڪيو. ان موقعي تي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گورنمينٽ شهيد نسيم ڪرل هاءِ اسڪول رڀڙيءَ کي ڊگري ڪاليج جو درجو ڏيندي، بس ڏيڻ جو اعلان پڻ ڪيو. آخر ۾ ايوب ساگر، رجب فقير، سلامت فقير ۽ ٻين فنڪارن پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. پروگرام جي ڪمپيئرنگ ناليواري اديب نصير مرزا ڪئي.

هن ورسيءَ تقريب ۾ سياست، صحافت، ادب، آرٽ سان واسطو رکندڙن شخصيتن: منظور احمد قناصرو، مدد علي سنڌي، سحر امداد، قربان منگي، سجاد ميرالي، امر اقبال، پرويز ابڙو، قديرانصاري، شبنم گل، حسينه آزاد جتوئي، شرجيل ڪرل، شبنم موتي، روشن شيخ، رزاق سروهي، رڪيل مورائي، مظفر ميمڻ، عاجز جمالي، مريد جامڙو، منظور خاموش، آفاق پٽي، زاهد راڄپر، مصطفيٰ ملاح، ساگر آريجو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ’. شاهه لطيف جي شيدائي ۽ ڄاڻو آهي. 1998ع ۾ لطيف چيئر ڪراچي جي ڊائريڪٽر هئڻ دوران لطيفي فن جي واڌاري لاءِ وڏيون ڪوششون ورتائين ۽ جيڪي ٻه ان وقت چيئر مان ڪتاب ڇپايائين انهن ۾ سندس مقدما اهم آهن. ان کانسواءِ سندس نگرانيءَ ۾ ’ڪلاچي‘ تحقيقي جرنل 40 پرچا شايع ٿيا آهن.

پاڻ لطيف شناسائيءَ جي تحقيق تي ايوارڊ ماڻيائين. پاڻ سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمين رهي ۽ سندس نگرانيءَ ۾ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا ۽ سندس دور ۾ ٽماهي مخزن باقاعدگي سان نڪرندي رهي. ان کانسواءِ انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا جا 9 جلد شايع پڻ ٿيا. سنڌي ادب ۾ سندس وڏيون خدمتون سرانجام ڏنل آهن. پاڻ لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب ۾ ڪهاڻي ’ڪانئر بادشاهه‘ سان ڪيائين. سندس ڪهاڻين جو ڪتاب ’هڪ حوا ڪيئي ڪهاڻيون‘ آهي. سندس ڪهاڻيون ’سوجهرو‘، ’سهڻي‘ ۽ ’سرتيون‘ ۾ ڇپيل آهن.

ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن ۽ ريسرچ ۾ 3 سال انگريزي ۾ استاد رهي. ريڊيو پاڪستان تان 10 سال ’سنڌي-اردو بول چال‘ پروگرام ڪيائين. هلال پاڪستان ۾ 12 سالن تائين عورتن جي صفحي ’سگهڙين سٿ‘ جي انچارج رهي. هن جا سوين مضمون ۽ مقالا ڇپجي چڪا آهن. 20 ڪهاڻيون ڇپيون اٿس. ان کانسواءِ ڏهه تحقيقي مقالا پڻ سنڌي ادب جي مختلف موضوعن تي شايع ٿيل آهن. ڪيترن ئي ادبي ڪانفرنسن ۽ سيمينارن ۾ شرڪت ڪري چڪي آهي. پاڻ 87 ملڪن جي شاعرائن تي ترجمو ڪري ڪتاب ڇپايو آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين ادب برائي ادب نه پر ادب برائي زندگيءَ جو فلسفو سمجهي لکيو آهي. هن سماج جي گهرجن مطابق لکيو آهي.

**نورالهديٰ شاهه:** ننڍي کنڊ جي معروف ڊرامه نگار نورالهديٰ شاهه جو جنم پڪي قلعي حيدرآباد ۾ 22 جولاءِ 1952ع ۾ ٿيو. سندس ننڍپڻ لاهور ۾ گذريو. لکڻ جي شروعات هن عربيءَ جي ناليِ سان



اردو جي روزانه ’جنگ‘ ۽ هفتيوار ’اخبار جهان‘ کان ڪيائين، سنڌيءَ ۾ لکڻ جي شروعات روزاني ’هلال پاڪستان‘ اخبار جي صفحي ’سگهڙين سٿ‘ کان ڪيائين.

ڊرامه نگاريءَ جي فيلڊ ۾ تمام گهڻي مڃتا ماڻيائين. سندس ڊرامن کي ٽي.ويءَ تي نهايت چاهه سان ڏٺو ويندو آهي. ’ڪربلا‘، ’جلاوطن‘ ۽ ’رڻ ۽ رڃ‘ جو اتهاس سندس ڪهاڻين جا مجموعا آهن. جڏهن ته ’قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ‘ سندس شاعريءَ جو مجموعو آهي جيڪو نيوفيلڊس پاران 1992ع ۾ شايع ٿيو. سندس نظماڻي نثر لاءِ نصير مرزا جي راءِ آهي ته نُور نثري نظم ۾ لفظن، تشبيهن ۽ ترڪيبن سان آرٽ creat ڪرڻ ۾ پنهنجو پاڻ کي انهن عورتن ۾ بيد مشڪ جي وڻ جيان ظاهر ڪيو آهي. سندس لفظن جي اهڃاڻن ۽ استعارن جا پئٽرن ۽ شاعراڻي ترڪيبن جا ڍنگ نظمن جي سٽن کان ٻاهر به پنهنجو حسن ۽ expression رکن ٿا. ۽ نُور جون ترڪيبون نثري نظمن کان ٻاهر ٽانڊاڻن جو ٽمڪو ڏيکارين ٿيون ’قيدياڻي جون اکيون ۽ چنڊ‘ نورالهديٰ شاهه جو نظماڻو نثر آهي.

نسل لاءِ وڏو ادبي ذخيرو ڇڏيو آهي، جيڪو نئين نسل کي پڙهڻ گهرجي. طارق اشرف هڪ بهادر انسان هو، هن سهڻي رسالي جي اشاعت سبب تمام گهڻيون تڪليفون سَٺيون، جيل ڪاٽيا، پر ڪڏهن به پنهنجي اصولن تي سوديبازي نه ڪئي. هُو 22 مهينا جيل ۾ به رهيو، جتان هُو ڪيترين بيمارين به ساڻ کڻي آيو، پر وڪامڻ پسند نه ڪيو. هن اهو به چيو ته منهنجي نظر ۾ سهڻي واحد ادبي رسالو آهي، جنهن جي سرڪيوليشن، طارق اشرف جي لکيل ايڊيٽوريل ڪري وڌندي رهي. اهڙا ايڊيٽوريل ٻئي ڪنهن رسالي ۾ نه ڇپيا. 'سهڻي' رسالو هن جي گذر سفر جو ذريعو هو، جنهن تي 1976ع ۾ پابندي وجهي سهڻي پريس به بند ڪئي وئي. هن وڌيڪ چيو ته ادبي حوالي سان نثار حسيني هڪ وڏي شخصيت هو. هن نُون اديبن ۽ شاعرن جي همت افزائي ڪئي ۽ انهن کي اڳتي وڌڻ جو گس فراهم ڪيو.

س ا س جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل تاج جوئي ويچار ونڊيندي چيو ته: 'نئين دنيا پبليڪيشن' شڪارپور جي اياز ابڙي کي جَس هجي، جنهن طارق اشرف ۽ نثار حسينيءَ جهڙين ٻن وڏين ادبي شخصيتن تي حيدرآباد ۾ ادبي ميڙاڪو ڪوٺايو آهي. هن طارق اشرف کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته: طارق اشرف باضمير ليکڪ ۽ خوددار ايڊيٽر هو، جنهن 'سهڻي' رسالو ريگيولر ڪڍيو، جيڪو هر مهيني جي پهرين تاريخ تي مارڪيٽ ۾ موجود هوندو هو ۽ ٻن ڏينهن ۾ وڪرو ٿي ويندو هو. هن پنهنجي حياتيءَ ۾ 8 ڪتاب لکيا، پر ڪنهن به ڪتاب تي مهاڳ نه لکرايو. سندس پنج ڪتاب جيل ياترا جا لکيل آهن، جنهن ۾ هن پنهنجي جيل جي ساٿين کي به ساريو آهي. هن جو جيل مان لکيل خط ان دور جو هڪ وڏو سچ آهي. هن اهو به چيو ته طارق اشرف سنڌي ادب جو ٽرينڊ سيٽر هو.

نامياري شاعر ۽ ليکڪ نصير مرزا ڳالهائيندي چيو ته، نثار حسيني منهنجو استاد هو، جنهن مون کي سنڌ سان پيار ڪرڻ ۽ اسٽيج تي ڳالهائڻ ۽ ويهڻ سيکاريو. هن ڪيترن ئي نُون اديبن کي متعارف ڪرايو، جن ۾ نورالهديٰ شاهه به شامل آهي. نورالهديٰ شاهه جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو 'جلاوطن' به آگم پبليڪيشن پاران ڇپايو ويو هو. هن اهو به چيو ته مون کي جنم ته منهنجي ماءُ ۽ پيءُ ڏنو آهي، پر منهنجي ذهني آبياري ۽ پرورش نثار حسينيءَ ڪئي آهي.

ليکڪ ۽ شاعر ڪيلاش پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته: طارق اشرف ۽ نثار حسيني تمام گهڻين خوبين وارا انسان هئا، جن پنهنجي دور ۾ سنڌي سماج کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ ادبي جاکوڙ ڪئي. هي ٻئي ڄڻا اسان جي ادبي تاريخ جون اهي شخصيتون آهن جن سماج کي تبديل ڪرڻ ۽ ان کي سڌارڻ لاءِ قومي سوچ ۽ طبقاتي جدوجهد کي سياست بدران ادبي ۽ فني نوعيت واري انداز ۾ اڳتي وڌايو. اسان کي انهن جي ڪيل ادبي ڪم مان سکڻ گهرجي. هن اهو به چيو ته هن پروگرام ۾ نثار حسينيءَ جا ڊراما ڏيکاريا وڃن ها ۽ ٻنهي شخصيتن جا رڪارڊ ٿيل انٽرويو به ڏيکاريا وڃن ها. ٻنهي شخصيتن تي هڪ پروگرام ۾ تفصيلي طور تي ڳالهائڻ ڏکيو آهي.

ليکڪ ۽ ڪالم نويس محمود مغل چيو ته: طارق اشرف انتهائي بااصول ۽ سخت مزاج وارو انسان هو. هُو ڪنهنجي به ڳلا ٻڌڻ پسند ڪونه ڪندو هو. مون کي ان ڳالهه تي فخر آهي ته هن مون کي سندس رسالي 'سهڻي' ۾ ڪهاڻي لکڻ لاءِ خط لکيو هو ۽ منهنجي اها ڪهاڻي 'سهڻيءَ' ۾ شايع ڪئي هئي، جيڪا هڪ ٻئي رسالي جي ايڊيٽر مون کي واپس موڪلي هئي.

تقريب کي خطاب ڪندي اديب ۽ دانشور ادريس جتوئيءَ چيو ته: ماهوار سهڻي پنهنجي دور جو مزاحمتي رسالو هو. سهڻيءَ جا نسيم کرل، شيخ اياز ۽ امر جليل نمبر سنڌي ادب جا رفرنس بوڪس آهن، جن مان نوجوان لکندڙن کي لاڀ حاصل ڪرڻ گهرجي. نثار حسينيءَ جي ڳاڏيءَ ڪاتي ۾ 'آگم پبليڪيشن' جي آفيس سنڌي اديبن جو مرڪز هو. هن نه صرف نُون سنڌي اديبن جا ڪتاب ڇپايا پر ناٽڪ نگاريءَ ۾ به وڏو نالو پيدا ڪيو. نثار حسيني پبليڪيشن آرٽ جو وڏو ڄاڻو هو. علي بابا توڙي نورالهديٰ شاهه جي ڪهاڻين جو پهريون مجموعو به نثار حسينيءَ ڇپايو هو. نصير

مرزا جو ڪتاب 'منهنجو سائين' نثار حسينيءَ جي زندگيءَ بابت هڪ اهم ادبي دستاويز آهي. نثار حسينيءَ جي مثبت ذهني سوچ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته، هن سنڌي اديبن کي اپيل ڪئي هئي ته هُو پنهنجا اختلاف وساري گڏجي ڪم ڪن.

شاعره ۽ ليکڪ زيب نظاماڻيءَ چيو ته: نثار حسينيءَ اسٽيج ڊرامن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ تمام گهڻو ڪم ڪيو. هن ڀٽائيءَ جي سورمين کي اسٽيج ڊرامن ذريعي نروار ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته: 'اگم پبليڪيشن' جي آفيس سنڌي اديبن جي هائيڊ پارڪ هوندي هئي، جتي قومي ۽ انقلابي تحريڪ تي نظرياتي بحث ٿيندا هئا. هن نوجوانن ۾ قومي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪئي.

ناول نگار منظور ٿهيم ڳالهائيندي چيو ته: طارق اشرف پنهنجي دور جو تمام وڏو پبلشر هو. هُو هاڻي واري دور جي پبلشرن کان گهڻو مختلف هو. هُو 70 واري ڏهاڪي ۾ ادب ۽ سياست جو ڪيس بهادريءَ سان وڙهيو ۽ ڪڏهن به ڪنهن معاملي تي سوديبازي نه ڪئي.

پروفيسر زوار نقويءَ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته: طارق اشرف پنهنجي دور جو تمام وڏو ليکڪ ۽ ايڊيٽر هو. هن ڪڏهن به ڪنهن سان ڪمپرومائيز نه ڪيو. هن وقت ضروري آهي ته ان دور جي يادگيرين کي سهيڙيو وڃي، جيئن نئين ٽهيءَ کي ڄاڻ ملي سگهي. نثار حسينيءَ بابت ڳالهائيندي هن چيو، ته هُو هڪ آدرشي انسان هو، جنهن مون سميت ٻين ڪيترن کي سماج ۾ سڃاڻپ ڏني. هن چيچ کان وٺي اسان کي هلڻ سيکاريو. هن اهو به چيو، ته اگم پبليڪيشن نوجوان اديبن جي آبياري ڪئي ۽ سنڌي ادب کي هٿي وٺرائي.

هن موقعي تي منصور قادر جوڻيجي تقرير ڪندي چيو ته: نثار حسيني ۽ طارق اشرف، سنڌي ادب جا تمام وڏا نالا آهن، جن ادب جي اوسر لاءِ اشاعتي ادارا قائم ڪيا ۽ هنن نوجوان اديبن جون تخليقون شايع ڪري ڪين همٿايو. هن اهو به چيو ته ماهوار 'سهڻي' سنڌي ادب جو اهو مهندار رسالو هو، جنهن جي پڙهڻ جو هر اديب ۽ سياسي ڪارڪن کي انتظار رهندو هو. ماهوار سهڻيءَ جا ايڊيٽوريل سنڌي ادب جو هڪ اهم باب آهن.

شفيع چانڊيي چيو ته: سنڌي ادب جي دنيا ۾ طارق اشرف ۽ نثار حسينيءَ جي ڪيل ڪم کي ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي. نثار حسينيءَ نوجوان نسل کي سنڌي ادب سان روشناس ڪرايو ۽ هنن ۾ لکڻ جي همٿ پيدا ڪئي. هن اهو به چيو ته: نثار حسيني پنهنجن ادارن ۽ ادب کي بچائڻ لاءِ هميشه ويڙهه ڪئي ۽ ڪڏهن به ڪنهن جي آڏو نه جهُڪيو.

ناميارِي ڪهاڻيڪار سليم چنا، طارق اشرف جي باري ۾ پنهنجو لکيل مضمون پڙهيو، جنهن ۾ طارق اشرف جي ذاتي زندگيءَ بابت اهم معلومات ڏنل هئي.

هن موقعي تي خليل سمو، حامد رضا، خديجه سمو، ۽ سرور سخيراڻيءَ مختلف شاعرن جي شاعري سُر ۾ پڙهي ٻڌائي ۽ نويد منتظر پنهنجو نثري نظم پڙهيو . جڏهن ته پروگرام جي مُنڍ ۾ 'نئين دنيا پبليڪيشن' شڪارپور پاران اياز ابڙي آيل مهمانن ۽ سنڌي لينگئيج اٿارٽيءَ پاران ڪيل سهڪار جا ٿورا مڃيندي آجياڻي تقرير ڪندي چيو ته: طارق اشرف ۽ نثار حسيني منهنجا ته آئيڊيل آهن ئي سهي، پر هتي ويٺل سڀني ماڻهن جا به هُو آئيڊيل هوندا. هن اهو به چيو ته طارق اشرف ۽ نثار حسينيءَ سنڌي ادب جي اوسر ۽ نوجوان اديبن کي همٿائڻ وارو تمام وڏو ڪم ڪيو آهي. ان ڪري ضروري آهي ته اسان جي ادبي ادارن کي هنن ٻنهي شخصيتن تي الڳ الڳ ۽ وڏي ڪانفرنس ڪوٺائڻ گهرجي، جيڪا وقت جي اهم ضرورت ۽ هنن انمول شخصيتن جو حق به آهي، جيئن ادب سان واڳيل نوجوان نسل سنڌن ادبي ڪم ڪار کان واقف ٿي سگهي.



سليم جروار

# سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران رعايتي ڪتابي ميلو

سنڌي ٻوليءَ جي بااختياري اداري پاران منعقد ڪيل ستن ڏينهن جو 'رعايتي ڪتابي ميلو' منعقد ڪيو ويو ۽ ڪتابي ميلي ۾ هزارين ماڻهن جي شرڪت ۽ مختلف موضوعن جا سوين ڪتاب وڪرو ٿيا. 26- آگسٽ کان 30 آگسٽ 2019ع تائين لڳندڙ 'رعايتي ڪتابي ميلي' ۾ استادن، شاگردن ۽ ليکڪن جي بيحد اصرار بعد، ان ۾ ٻن ڏينهن جو اضافو ڪري، ٻهرين سيپٽمبر جي رات دير تائين وڌايو ويو. 'رعايتي ڪتابي ميلي' جو افتتاح سيڪريٽري ثقافت ۽ اداري جي چيئرمين پرويز احمد سيهڙ، ناليواري ليکڪ ڊاڪٽر انورفگار هڪڙي ۽ اداري جي سيڪريٽريءَ شبنم گل ڪيو. رعايتي ڪتابي ميلي ۾ 60/70 سيڪڙو تائين رعايت ڏني وئي هئي، تنهنڪري شاگردن خصوصي طور تي وڏي دلچسپيءَ سان شرڪت ڪئي، ۽ ان سان گڏ ڪتابي ميلي ۾ ليکڪن، استادن ۽ ڪتاب سان چاهه رکندڙن ڀرپور شرڪت ڪئي، جڏهن ته ڪيترن ئي ڪاليجن ۽ اسڪولن جي استادن شاگردن سميت پڻ شرڪت ڪئي. ستن ڏينهن ۾ مجموعي طور هزارين ماڻهن جي شرڪت رهي ۽ ٻوليءَ جي مختلف موضوعن سميت لغات، انسائيڪلوپيڊيا، ڊڪشنرين ۽ ٻاراڻي ادب سميت مختلف موضوعن تي سوين ڪتاب وڪرو ٿيا. ۽ هن ڪامياب ڪتابي ميلي جي حوالي سان سيڪريٽري شبنم گل سنڌ واسين کي مبارڪون ڏيندي چيو ته حيدرآباد جي ليکڪن، استادن ۽ شاگرد ۽ علم سان عشق ڪندڙ ماڻهن ڪتابي ميلي ۾ شرڪت ڪري ڪتاب سان محبت اهميت جو ثبوت ڏنو آهي، ان ۾ اداري جي عملدارن ۽ ڪارڪنن پڻ ٽيم ورڪ طور ڪم ڪري اداري جي بنيادي مقصد کي اجاگر ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، هن چيو ته اداري جو مقصد ئي سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن کي عام پڙهندڙ تائين پهچائڻ آهي، ان مقصد هيٺ سنڌ جي ٻين شهرن ۽ علائقن ۾ هن قسم جا رعايتي ميلا منعقد ڪنداسين ته جيئن رعايت ۽ آسانيءَ سان ڪتاب پڙهندڙن تائين پهچي سگهن. ان کان اڳ ڪتابي ميلي جو افتتاح ڪندي سيڪريٽري ثقافت ۽ اداري جي چيئرمين پرويز احمد سيهڙ چيو ته تعليم ۽ ادب جي اهميت ۽ رسائي هن دور ۾ تمام ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته علم ۽ ادب انسان جو شعور جي اک کولرائي ٿو ان سان ئي قومن کي ترقيءَ جا گس ملي سگهندا آهن. هن وڌيڪ چيو ته اٿارٽيءَ رعايتي ڪتابي ميلي جي نوجوانن ۽ شاگردن جو ڪتاب وٺڻ ۽ پڙهڻ ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي، اهو تمام وڏو ڪم آهي. ان موقعي تي ناليواري ليکڪ ڊاڪٽر انورفگار هڪڙي چيو ته هن انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا جي دور ۾ نوجوانن مان پڙهڻ جو رجحان ختم ٿي رهيو آهي. ان وقت رعايتي ڪتابي ميلو لڳائڻ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو اهم قدم آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران منعقد ڪيل هن ڪتابي ميلي مجموعي طور هڪ نئون ٽرينڊ پيدا ڪيو آهي، جنهن سان نوجوانن جو ڪتاب طرف ڌيان وڌيو آهي، اميد ته ٻيا علمي ادبي ادارا پڻ ان طرف ڪوششون ڪندا.

سنڌي ادبي بورڊ جا نوان ڪتاب






سنڌي ادبي بورڊ جا نوان ڪتاب






الاهيات، ميين شاهه عنات جو ڪلام، بزرگ بن شهريار ۽ ٻيا اهم مضمون پڻ شامل آهن.

علامه صاحب جي سڄي زندگي علم حاصل ڪرڻ ۽ ان کي ڦهلائڻ ۾ وقف ٿي. پاڻ سنڌي ادب جي تاريخي مواد پروڙڻ، پرکڻ سان گڏوگڏ پنهنجي هٿ اکرين کي محفوظ ڪندا رهيا. ان ڏس ۾ پاڻ برصغير جي ڪيترن ئي درسگاهن، مڪتبن ۽ ڪتبخانن سان لهه وچڙ ۾ رهيا. ان لحاظ کان سندس لکڻين ۾ جيڪو تاثير ملي ٿو سو علمي، ۽ ادبي ۽ تحقيقي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پاڻ هر معلومات کي تاريخي حوالن، مستند راين سان پڙهندڙن تائين پهچايو ائن.

هن ڪتاب کي پڙهي حيرانگي ٿي ٿئي ته علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جو علم ڪيترو وسيع هو، جو هو علم ارضيات جا به ماهر هئا، ته اسلامي علوم جا به ماهر هئا. ان سان گڏ سنڌ جي ماضي، ندين، جبلن، ڍنڍين ڍوڙن جو ذڪر ۾ ڪيو ائن، جنهن مان سندن تاريخ جي علم تي دسترس جي خبرپوي ٿي ته سنڌ جي مذهبي توڙي ڪلاسيڪي ادب، نثر توڙي شاعريءَ سان به لڳاءُ ٿو نظر اچي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعري سندس فلسفي الاهيات، رسالو غلام محمد خانزئي، جيڪو هڪ نهايت ذڪيو ڪم هئو، حافظ غلام محمد هالائي کان ماستر الله بچايو سمون تائين ڪيترين اهم ادبي شخصيتن جو ذڪر ڪيو ائس، ليڪن سڀ کان اهم سندن مضمون هڪ نهايت قديم تاريخي شخصيت بزرگ بن شهريار تي مضمون هڪ نهايت وڏي اهميت جو حامل آهي.

بزرگ بن شهريار جو حوالو ته ڪيترن مورخن ڏنو آهي، ليڪن جنهن تفصيل سان علامه صاحب هن جو ذڪر ڪيو آهي ان مان سندن علميت جي وسعت ۽ قديم نسخا هٿ ڪري پڙهڻ جي شوق جو اندازو ٿئي ٿو.

علامه صاحب سنڌ جي قديم لائبررين جو به نهايت تفصيلي ذڪر ڪيو آهي ۽ جيئن مون اڳ چيو ته علامه صاحب هڪ همه گير شخصيت هو، جنهن جي لکيل ڪتابن ۽ سندن تعليم کي جيڪڏهن محفوظ ڪيو ويندو ته يقيناً اهي اڳتي سنڌ ۾ اسلامي علوم جي هڪ تاريخ ثابت ٿيندا.

هن ڏس ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر قائم ڪري سنڌ يونيورسٽيءَ جيڪي ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي، اهو علامه صاحب جي علم کي ته محفوظ ڪندو پر خود به ان جو نالو رهندو، دنيا تائين قائم رهندو.

هن ڪتاب کي علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر جي 16 ڪتاب هجڻ جو اعزاز حاصل آهي. هن ڪتاب ۾ ڪل 23 تحقيقي مضمون ۽ صفحا 223 شامل آهن، ڪتاب کي سهيڙيندڙ ڊاڪٽر قاضي خادم آهي، جيڪو چيئر جي ٺهڻ يعني جولاءِ 2004ع کان اعزازي ڊائريڪٽر آهي.

ادبي ۽ فني حوالي کان ادبي تنقيد بہ هڪ اهم ۽ بنيادي موضوع آهي، جنهن جو نہ رڳو ادب ۽ فن جي اوسر ۾ اهم ڪردار ٿئي ٿو، پر ان ڪي خالص ادب جي حيثيت پڻ ڏني ويندي آهي. جاڪاڻ تہ ادب ۽ فن ۾ پڻ جنتي روشن خيالين، عقليت پسنديءَ، جماليات، ترقي پسند سماجي شعور ۽ احساساتي سگهہ ۽ سونهن آهي، اُتي ادب ۽ فن ۾ رجعت پرستي، توهم پرستي، عقيده پرستي ۽ جاهلانہ خيال ۽ زندگيءَ مان ويساهہ کڻائيندڙ احساس پڻ عام هوندا آهن. اهو سوال تہ ادبي تنقيد ڇا کي چئجي ٿو؟ ۽ اها ڇو ضروري آهي؟ ان جا ڪيترا ۽ ڪهڙا ڪهڙا پاسا ٿين ٿا؟ ان جا ادب تي ڪهڙا اثر پون ٿا ۽ ان جا همعصر توڙي ايندڙ ادب لاءِ ڪهڙا نتيجا نڪرن ٿا؟ اِهي تمام بنيادي ۽ اهم سوال آهن، جن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ اديبن، شاعرن توڙي ادب جي پرک ڪندڙن لاءِ بيحد ضروري آهي. ادبي تنقيد هڪ ڏاڍو وسيع، تخليقي، فڪري ۽ فني موضوع آهي. ان جو فلسفي سان بہ ڏاڍو گهرو تعلق آهي تہ ٻوليءَ، سماجيات، جماليات، سياست، سماجي لسانيات، انسانيت، نفسيات ۽ تاريخ سان پڻ گهڻ- طرفو لاڳاپو آهي. ادبي پرک يا تنقيد ان لاءِ بہ ضروري آهي تہ اهو ڏسجي تہ ادب جي تصورن، فڪري ماخذن، لاڙن، قدرن ۽ محرڪن توڙي ان جي ٻولي، فن ترڪيبن، گهاڙيٽن ۽ انهن جي مجموعي معيار ۽ سماجي ڪارج بابت پرک ۽ ڇنڊڇاڻ جو عمل ڪهڙا ڏِڳَ ۽ گَس اختيار ڪري رهيو آهي.

**جامي چانڊيو**

ڪتاب:(ادبي تنقيد جا محرڪ ۽ سماجي ڪارج)

ص 53_54 تان ڪنيل

# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهه گذارشون

1. ”مهراڻ“ جي مواد ۾ ڇپيل راين، تجزين، نتيجن ۽ علمي فڪري زاوين جي سموري نميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سنڌي راين کي ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي راءِ نہ سمجهڻ کپي.
2. پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت ”مهراڻ“ جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ اِها خاطري ڪرائڻ لازمي آهي تہ اُهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ جي لاءِ ڪنهن بہ رسالي يا اخبار کي نہ موڪليل آهن.
3. تحقيقي مواد موڪلڻ وقت، مقالي جي اندر حوالن جا نمبر ۽ آخر ۾ جن ڪتابن تان حوالو ڪنيل هجي، ان ڪتاب جو صفحو محقق جو نالو، ڇپجڻ جو سال ۽ ڇپائيندڙ اداري جو نالو ڏيڻ تمام ضروري آهي تہ جيئن حوالا پيٽڻ ۾ آساني ٿئي. ترجمي جي صورت ۾، جتان مواد ترجمو ڪيو وڃي، اُن اصل لکت جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح واضح حوالو پڻ ڄاڻائجي، جتان اهو مواد ترجمو ڪيو ويو آهي.
4. ڪتاب تي تبصري ڇپائڻ لاءِ اُن ڪتاب جون بہ عدد ڪاپيون ايڊيٽر ’مهراڻ‘ کي موڪليون وڃن، ٻي صورت ۾ مواد ڇاپڻ کان معذرت ڪئي ويندي.
5. فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ پهتل مواد ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪونہ ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانہ ڪئي ويندي.
6. مانوارن شاعرن کي خاص استدعا آهي تہ هڪ ئي صفحي تي هڪ کان وڌيڪ ڪلام لکي موڪلڻ بہ کان پرهيز ڪندي، هر ڪلام لاءِ الڳ ڪاغذ استعمال ڪرڻ واري مهرباني کي هميشہ قائم رکن.
7. مواد سمجهہ ۾ ايندڙ صاف ۽ سُٺن اکرن ۾، مس سان، A-4 سائيز ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس ڄاڻائڻ نہ وسارجي. فون نمبر، موبائيل نمبر يا اي ميل هجي تہ اُهو بہ لکجي. (نئون نڪور فوٽو موڪلڻ نہ وسارجي).
8. پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي، ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ ٻڌل نہ رهندو.
9. ايڊيٽر کي مواد ۾ ضروري درستين ۽ گهربل ڦيرڦار ڪرڻ جو پورو اختيار آهي. البت ان ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو تہ جيئن ليکڪ جو مخصوص اُسلوب ۽ مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.
10. نظرثاني کان سواءِ ۽ ٽڪ ٽڪ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو تہ ٻئي طرف درستين لاءِ بنهہ گهڻو وقت سيڙائڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، پنهنجي طرفان آخري طرح پورو اطمينان ڪجي تہ مواد صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي.
11. اهو ضروري ڪونهي تہ ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. چوندَ ۽ اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نہ ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب ڄاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر ٻڌل نہ رهندو.

■




سنڌ جي ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتي پاران تاريخ 14 جولاءِ 2019ع تي سنڌي ٻوليءَ جي عظيم ڪهاڻيڪار نسيم کرل جي 41 هين ورسيءَ تي ملهايل تقريب ۾ اسٽيج تي ويٺل ساڄي کان: امداد حُسيني، نورالهديٰ شاهه، سيد مراد علي شاهه (وزيراعليٰ سنڌ)، نعيم کرل (ايم. پي. اي)، سيد سردار علي شاهه (صوبائي وزير) ۽ شوڪت حسين شورو



سنڌي ادبي بورڊ جي بورڊ آف گورنرس جو ڪونايل اجلاس تاريخ 2019_8_19 تي ٿي گذريو جنهن جي صدارت
جسٽس(ر) سائين ارشاد علي شاهہ صاحب ڪئي، ۽ بورڊ آف گورنرس جي ميمبرن
ساڄي ڪان: جناب ڊاڪٽر دُر محمد پٺاڻ، جناب عبدالقادر منگي، محترمہ نذير ناز ۽ جناب حاڪم علي شاهہ بخاري،
کاٻي ڪان: ڊاڪٽر عبدالغفار سومرو ڊاڪٽر ڪريم احمد خواجہ، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر اسد جمال پلي ۽
پروفيسر عبدالمجيد عمراڻي (نمائندو ڪاليج ايجوڪيشن کاتو) شرڪت ڪئي